جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاھ
جلد 17 | خميس 15 آڪٽوبر 2026ع بمطابق 03 جمادي الاول 1448ھ | قيمت: 20 | شمارو 04

سنڌ جي وڏي وزير جو چين جي مختلف شعبن ۾ تعاون تي اتفاق، نارمل يونيورسٽي جو دورو

وڏي وزير جو چائنا نارمل يونيورسٽي جو دورو، مختلف شعبن جو معائنو، تفصيلي بريفنگ ڏني وئي وڏي وزير پاران سهڪار لاءِ ڇهن نقطن تي ٻڌل فريم ورڪ پيش، ايجوڪيشن سٽي ۾ سيڙپڪاري جي دعوت

استادن جي تربيت، تعليمي ٽيڪنالاجي، شاگردن جي مٽاسٽا، چيني ٻوليءَ جي تعليم ۽ گڏيل تحقيق جي شعبن ۾ مضبوط پائيداري قائم ڪرڻ جي تجويز ڏني

ووهان جي مشهور سينٽرل چائنا نارمل يونيورسٽي (سي سي اين يو) ۾ پاڪستاني ۽ چيني يونيورسٽين جي اڳواڻن، استادن ۽ شاگردن جي هڪ تقريب کي خطاب

تعليم ۽ نوجوانن وچ ۾ رابطن جو فروغ پاڪستان ۽ چين جي لاڳاپن جي ايندڙ مرحلي جو بنياد بڻجندو، خاص طور تي اهڙي وقت ۾ جڏهن ٻئي ملڪ سفارتي لاڳاپن جي قيام جا 75 سال مڪمل ڪري رهيا آهن

تقريب ۾ سي سي اين يو جو صدر پروفيسر پينگ شوانگ جي، يونيورسٽي جي پارٽي ڪميٽي جو سيڪريٽري مسٽر شيا لي شن، سينيئر تعليمي ماهر، محقق ۽ شاگرد شريڪ ٿيا

سي سي اين يو جي تاريخي حيثيت کي ساراهيندي مراد علي شاھ استادن جي تعليم ۽ تدريسي جدت جي ميدان ۾ اداري جي ڊگهي عالمي خدمتن کي ساراهيو

ووهان، چين (م د) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاھ سنڌ صوبي ۽ چين وچ ۾ تعليمي ۽ تدريسي سهڪار جي نئين دور جي شروعات تي زور ڏيندي استادن جي تربيت، تعليمي ٽيڪنالاجي، شاگردن جي مٽاسٽا، چيني ٻوليءَ جي تعليم ۽ گڏيل تحقيق جي شعبن ۾ مضبوط پائيداري قائم ڪرڻ جي تجويز ڏني آهي. ووهان جي مشهور سينٽرل چائنا نارمل يونيورسٽي (سي سي اين يو) ۾ پاڪس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20


ووهان: وزيراعلي سنڌ مراد علي شاھ سنڌ ڪابينا سان گڏ چيني وزير سان گڏ سي پيڪ بابت ڳالهائيندي

سينيٽ ۽ اسيمبلي مان ايمرجنسي بابت ٺهراءُ منظور، پي ٽي آءِ جي درخواست داخل

سينيٽ پاران خيبرپختونخوا ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جي منظوري، پي ٽي آءِ جو واڪ آئوٽ قومي اسيمبليءَ ڪانپوءِ سينيٽ به خيبرپختونخوا ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ بابت ٺهراءُ منظور ڪري ورتو

ٺهراءُ منظور ٿيڻ تي پاڪستان تحريڪ انصاف جي سينيٽرن ايوان مان واڪ آئوٽ ڪيو، هاڻي اسان جي پاليسي قنڌار، جلال آباد ۽ ڪابل مان نه، اسلام آباد مان ايندي: گورنر ڪي پي خيبرپختونخوا

سياسي اختلافن کان مٿاهون ٿي صوبي جي امن بابت سوچڻو پوندو، هاڻي اسان جي پاليسي قنڌار، جلال آباد ۽ ڪابل مان نه، پر اسلام آباد مان ايندي

گذريل 13 سالن کان اهي دهشتگرديءَ خلاف پاليسيءَ جي ذميواري قبول نه ڪندا هئا، پر هاڻي اسان اها ذميواري کڻنداسين، صوبي ۾ ترقياتي ڪم به ڪرايا ويندا، پر امن قائم ڪرڻ حڪومت جي پهرين ترجيح هوندي

پي ٽي آءِ پاران ڪي پي ۾ گورنر راڄ ۽ ايمرجنسيءَ جو نفاذ پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج خيبر پختونخوا ۾ گورنر راڄ ۽ ايمرجنسيءَ جي نفاذ کي پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج ڪيو ويو آهي: بيرسٽر گوهر

گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي لاڳو ڪري جمهوري حڪومت ختم ڪئي وئي آهي، اميد آهي ته عدالت صوبي ۾ جمهوري حڪومت بحال ڪندي، عدالت کي درخواست تي جلد ٻڌڻي ڪرڻ جي استدعا ڪئي آهي

اسلام آباد(بيورو) قومي اسيمبليءَ ۽ سينيٽ خيبر پختونخوا ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ بابت ٺهراءَ جي اڪثريتي راءِ سان منظوري ڏئي ڇڏي.ان موقعي تي مخالف ڌر ڪي پي ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جي مخالفت ڪندي نعريبازي ڪئي. ٺهراءَ تي بحث دوران حڪومت ۽ مخالف ڌر جي ميمبرن ڇهن ڪلاڪن کان وڌيڪ بحث ڪيو جنهن بعد قومي اسيمبليءَ جو اجلاس جمعي جي صبح 1/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

قتل ڪيس، عمر قيد جي سزا جو جوابدار 6 سالن بعد آزاد

لاهور (م د) لاهور هاءِ ڪورٽ قتل ڪيس ۾ عمر قيد جي سزا مليل جوابدار کي ڇهن سالن ڪانپوءِ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

سهيل آفريدي ڪمري ۾ اڪيلو هو، دريچي گرفتار ڪيو ويو

پشاور (م د) خيبرپختونخوا جي وڏي وزير سهيل آفريدي کي حفاظتي تحويل ۾ وٺڻ واري واقعي جا /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

پاڪستان ۽ عمان جي پرڏيهي وزيرن پاران مختلف شعبن ۾ ٻطرفي تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي عزم جو ورجاءُ

ٻنهي پرڏيهي وزارتن جو پاڪستان ۽ عمان جي وچ ۾ ويجهن ڀائراڻن لاڳاپن جي اهميت جو اظهار ڪيو ويو

پاڪستان ۽ عمان گڏيل دلچسپي جي سمورن شعبن ۾ تعاون وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي لاءِ اعليٰ سطح جي مسلسل رابطن جي اهميت تي زور ڏنو

اسلام آباد (بيورو) پرڏيهي وزارت جي ترجمان چيو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

وزيراعظم سان راڻا مشهود احمد خان جي ملاقات

وزيراعظم يوٿ پروگرام جي جاري منصوبن بابت بريفنگ

شهباز شريف کي وزيراعظم يوٿ پروگرام جي جاري منصوبن بابت بريفنگ

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم محمد شهباز شريف سان وزيراعظم يوٿ پروگرام جي چيئرمين راڻا مشهود احمد خان اربع ڏينهن هتي ملاقات/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

اقرار الحسن جو جسماني رماند ڏيڻ وارو فيصلو چئلينج

ڪراچي (رپورٽر) سيشن عدالت اوڀر ۾ عوام راڄ پارٽي جي سربراه ۽ اينڪر اقرار الحسن خلاف رياس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

پنهنجو گهر، ايس ايم ايز ۽ زرعي شعبي کي قرضن جي وقت سر فراهمي ملڪي معيشت جي فروغ جي لاءِ لازمي آهي: شهباز

وزيراعظم قومي تعمير ۽ ترقي جي لاءِ انهن ترجيحي شعبن کي قرضن جي فراهمي ۾ وڏي چڙهي حصو وٺندڙ بئنڪن جي حوصلا افزائي ڪئي

جن بئنڪن جي ان حوالي سان ڪارڪردگي هيستائين غيرتسلي بخش رهي آهي اُهي پنهنجي ڪارڪردگي بهتر بڻائين

سيڪريٽرين ۽ اسٽيٽ بئنڪ کي ايس ايم ايز، زراعت ۽ هائوسنگ فنانس جي شعبي سان واڳيل ڌرين سان مشاورت جي هدايت

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم محمد شهباز شريف قومي تعمير ۽ ترقي جي لاءِ ترجيحي شعب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

گورنر راڄ جي حمايت ڪيان ٿو، خدا جي واسطي سنڌ ڏانهن نظر ڦيرايو: فاروق ستار

حڪومت جيڪو فيصلو ڪيو آهي، اهو يقين خوشيءَ سان نه ڪيو هوندو، پر خدا جي واسطي ڪي پي سان گڏ سنڌ تي به ڌيان ڏنو وڃي

قومي سلامتي ۽ ملڪ جي بقا جي ڳهرجن سبب اهو فيصلو ڪيو ويو آهي. پر بئرسٽر گوهر جي تقرير ٻڌڻ ڪانپوءِ محسوس ٿيو ته حڪومت جڻ غلط پاسي بيٺل آهي

اسلام آباد (بيورو) متحدا قومي موومينٽ پاڪستان (ايم ڪيوايم) جي اڳواڻ فاروق ستار خيبر /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

اسلام آباد: نائب وزيراعظم اسحاق ڊار سان عمان جو وزير ملاقات ڪندي

صدر پاران پاڪستان - ترڪيه واپار ۾ واڌ، اقتصادي ۽ اسٽريٽجڪ تعاون کي مضبوط بڻائڻ تي زور

پاڪستان جي پرڏيهي سيڪريٽري جي طور تي سندس ڪامياب مدي کي ساراهيو

اسلام آباد (بيورو) صدر آصف علي زرداري پاڪستان ۽ ترڪيه جي وچ ۾ 5 ارب ڊالر جي گڏيل طور تي طئي ٿيل ٻطرفي واپار جي هدف کي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

خيبرپختونخواھ ۾ پي ٽي آءِ جي صوبائي قيادت سيڪيورٽي چئلينجز کي منهن ڏيڻ ۾ ناڪام رهي آهي: عطاءُ الله تارڙ

هڪ طرف ڊيره اسماعيل خان، هنگو ۽ ڪوهاٽ ۾ ماڻهو ماريا پيا وڃن، حملا ٿي رهيا آهن

دهشتگردن جي خلاف ڪارروائي ڪرڻ جو واعدو نه ٿو ڪري سگهي، اها صورتحال انتهائي افسوسناڪ آهي

اسلام آباد (بيورو) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

اسلام آباد: صدر آصف علي زرداري کي فرانس ۽ سعودي عرب جي نامزد سفيرن پاران پنهنجون سفارتي سندون پيش ڪندي

جنرل فيض، جنرل باجوه ويٺل هئا، دهشتگردن کي واپس آڻڻ جي لاءِ اسان کي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي: خواجه آصف

هتي معاملا اهڙا اٿاريا ويندا آهن جنهن جي ماضي سان پيٺ ڪئي وڃي، مون کي چڱي طرح ياد آهي ته جنرل فيض ۽ جنرل باجوه هتي ويٺل هوندا هئا

اسان کي ڪنوينس ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وئي ته اهڙن دهشتگردن کي واپس آندو وڃي ته فائدو ٿيندو، پنهنجو ڪيس وڙهندي ماضي جا ڪرتوت به ڏسي وٺندا ڪريو

شادين ۾ ميراثي به ايتري تعريف نه ڪندا آهن جيتري بطور وزيراعظم عمران خان اڳوڻي آرمي چيف قمر جاويد باجوه جي ڪندو هو اوهان ڇپاسيد جي ڳالهه ڪئي اسان ته ڇانهه پراڻو ڪاٺ وارا ماڻهو آهيون

اسلام آباد (بيورو) دفاع واري وزير خواجه آصف چيو آهي ته جنرل(ر) فيض حميد ۽ اڳوڻو آرمي چيف جنرل(ر) قمرجاويد باجوه هتي ويٺل هوندا هئا. اسان کي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وئي ته انهن دهشتگردن کي واپس آندو وڃي ته فائدو ٿيندو. قومي اسيمبلي جي اجلاس ۾ خيالن جو اظهار ڪندي هن جو چوڻ هو ته هتي معاملا /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

بينڪاڪ: ناڻي وارو وفاقي وزير محمد اورنگزيب اجلاس جي صدارت ڪندي

ايران وٽ جديد هٿيار اچي ويا، ”اڳرائي ڪرڻ جي ڀُل نه ڪجو“، پاسدارن انقلاب جو آمريڪا ۽ اسرائيل کي چتاءُ

تازي جنگ ڪانپوءِ ايران آمريڪا ۽ اسرائيل خلاف پنهنجي فوجي صلاحيتن ۾ واڌ ڪندي انتهائي جديد هٿيار حاصل ڪري ورتا آهن

40 ڏينهن واري جنگ دوران ايران گهٽ ڪري پراڻا هٿيار استعمال ڪيا، پر ان کان پوءِ وڌيڪ جديد هٿيار حاصل ڪيا ويا آهن

ترجمان جديد هٿيارن بابت تفصيل نه ٻڌايا ته اهي ڪهڙي قسم جا آهن ۽ ڪيئن حاصل ڪيا ويا

تهران (م د) ايران جي پاسداران انقلاب دعويٰ ڪئي آهي ته تازي جنگ ڪانپوءِ ايران آمريڪا ۽ اسرائيل خلاف پنهنجي فوجي صلاحيتن ۾ واڌ ڪندي انتهائي جديد هٿيار حاصل ڪري ورتا آهن. پاسداران انقلاب جي ترجمان حسين موهبي جو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

شڪي مني لانڊرنگ روڪڻ ۾ ناڪامي، بئنڪ آف آمريڪا تي 1.2 ارب ڊالر ڏنڊ

بئنڪ 5 ارب ڊالر کان وڌيڪ ماليت جي شڪي مالي سرگرمين بابت حڪومت کي اطلاع نه ڏنو

انهن مان هڪ ارب ڊالر جي مالي سرگرمين ۾ قومي سلامتي ۽ غيرقانوني مالي ڏيتي ليتيءَ جا خطرا موجود هئا

بئنڪ جي ڪوتاهين ۾ اهڙين مالي ڏيتي ليتيءَ جي نشاندهي نه ڪرڻ به شامل آهي

واشنگٽن (م د) آمريڪي ناڻي واري وزارت جو چوڻ آهي ته شڪي مني لانڊرنگ ۽ ٻين غيرقانوني سرگرمين جو پتو لڳائڻ ۾ ناڪاميءَ تي بئنڪ آف آمريڪا تي 1.2 ارب ڊالر ڏنڊ لاڳو ڪيو ويو آهي، وزارت موجب، بئنڪ 5 ارب ڊالر کان وڌيڪ ماليت جي شڪي مالي سرگرمين بابت حڪومت کي اطلاع نه ڏنو انهن مان هڪ ارب ڊالر جي مالي سرگرمين ۾ قومي سلامتي ۽ غيرقا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

پاڪستان ۽ روس وچ ۾ منشيات اسمگلنگ ۽ سائبر ڪرائم خلاف تعاون وڌائڻ تي اتفاق

روس جي گهرو وزير ولادي مير ڪولاڪولتسيف گهرو وزارت جو دورو ڪيو جتي وفاقي گهرو وزير محسن نقوي سان ملاقات ۽ وفدن جي سطح تي ڳالهيون ٿيون

ٻنهي ملڪن گڏيل مفادن جي شعبن ۾ گڏيل تعاون وڌائڻ ۽ منظم ڏوهن جي روڪٿام لاءِ گڏيل قدمن تي اتفاق ڪيو

ملاقات ۾ منظم ڏوهن جي روڪٿام ۽ جاڻ جي ڏي وٺ بابت مفاهمت جي يادداشت تي صحيحون ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو

ڌرين ري ايڊميشن معاهدي تي جلد عملدرآمد ۽ اينٽي نارڪوٽيڪس فورس سميت لاڳاپيل روسي ادارن جي وچ ۾ تعاون وڌائڻ جو اظهار ڪيو

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان ۽ روس جي وچ ۾ منشيات اسمگلنگ، منظم ڏوهه ۽ سائبر ڪرائمز جي خلاف تعاون وڌائڻ تي اتفاق ٿيو آهي. روس جي گهرو وزير ولادي مير ڪولاڪولتسيف گهرو وزارت جو دورو ڪيو جت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

اسلام آباد: وفاقي گهرو وزير محسن نقوي سان روسي گهرو وزير ملاقات ڪندي

شارٽ ٽرم اغوا ڪيس تان پوليس ٽيمن ۾ ڇڪتاڻ، ڊي ايس پي زخمي

ٻنهي ڌرين هڪ ٻئي جي آفيسرن ۽ اهلڪارن کي تحويل ۾ وٺڻ جون دعوائون ڪيون آهن

نوجوان جي مبينا اغوا ۾ ملوث جوابدارن کي تيموريه پوليس حراست ۾ ورتو هو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي نارٿ ناظم آباد ۾ نوجوان جي مبينا شارٽ ٽرم اغوا واري معاملي تان ڊسٽرڪٽ سينٽرل پوليس ۽ ايس /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

بلوچستان: سيڪيورٽي فورسز جو واشڪ ۾ آپريشن، فتنته الهندستان جا 5 دهشتگرد مارجي ويا، 4 زخمي

فورسز بلوچستان جي ضلعي واشڪ جي علائقي پلانٽڪ ۾ آپريشن ردالفتنه 3 جي تحت انٽيليجنس بيسڊ ڪارروائي ڪندي 5 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو

4 زخمي ٿي پيا. مارجي ويل فتنته الهندستان جي دهشتگردن جي قبضي مان جديد هٿيار ۽ بارودي مواد به هٿ ڪيو ويو

ڪارروائي جي دوران دهشتگردن جي ٽڪاڻن کي جديد هٿيارن سان نشانو بنايو ويو

ڪوئٽه (م د) بلوچستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ضلعي واشڪ ۾ آپريشن دوران 5 دهشتگرد مارجي ويا، جڏهن ته 4 جي زخمي ٿيڻ جا اطلاع آهن. سيڪيورٽي ذريعن موجب فورسز بلوچستان جي ضلعي واشڪ جي علائقي پلانٽ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

اسلام آباد: وفاقي وزير احسن اقبال اجلاس جي صدارت ڪندي

واشڪ ۾ آپريشن، 5 دهشتگرد مارجي ويا، 4 زخمي

سيڪيورٽي فورسز آپريشن دوران دهشتگردن جي ٽڪاڻن کي جديد هٿيارن سان نشانو بڻايو

مارجي ويل دهشتگردن جي قبضي مان جديد هٿيار ۽ گولا بارود پڻ هٿ ڪيو ويو آهي

واشڪ (م د) بلوچستان جي ضلعي واشڪ جي علائقي پلانٽڪ ۾ سيڪيورٽي فورسز جي آپريشن دوران 5 دهشتگرد مارجي ويا، جڏهن ته 4 ڄڻ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

ڊي آءِ خان ۾ قلم 144 لاڳو، جلوسن ۽ ڊبل سواريءَ تي پابندي

جنهن تحت جلسن، جلوسن، ريليز ۽ عوامي گڏجاڻين تي 30 ڏينهن لاءِ پابندي لاڳو ڪئي وئي

ضلعي ۾ موٽرسائيڪل جي ٻٽي سواري، هٿيارن جي نمائش ۽ روڊن تي خيما لڳائڻ تي به پابندي هوندي

ڊيرا اسماعيل خان (م د) ڊپٽي ڪمشنر حڪمت الله ضلعي ڊيرا اسماعيل خان ۾ امن امان برقرار رکڻ لاءِ هڪ مهيني تائين قلم 144 لاڳو ڪري ڇڏيو آه/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

آرامڪو جي آفيس تي حوثين جي حملي بعد باهه لڳي وئي

رياض ۾ حوثين جا ٻه ڪروز ميزائل روڪڻ کان پوءِ انهن جي ٽُڪرن ڪرڻ سبب چار ماڻهو زخمي ٿيا

رهواسين کي فضائي حملي جي خطري بابت موبائل فونن تي خبرداريءَ جا پيغام پڻ مليا

دبئي(م د)سعودي عرب جو چوڻ آهي ته اڱاري جي شام حوثي باغين جي حملن سبب ايرندي صوبي جي شهر ظهران ۾ سعودي آرامڪو جي هڪ ا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

ملتان ۾ گذريل ڏينهن پيش آيل رحمان بابا ايڪسپريس جي حادثي جا سبب سامهون اچي ويا

پاڪستان ريلوي حادثي بابت ابتدائي جاچ رپورٽ جاري ڪري ڇڏي

ٽرين جي لَگيج ڪوچ جو سائيڊ هينگر ٽٽڻ سبب حادثو پيش آيو

ملتان (م د) ملتان ۾ گذريل ڏينهن پيش آيل رحمان بابا ايڪسپريس جي حادثي جا سبب سامهون اچي ويا آهن. پاڪستان ريلوي حادثي بابت اب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

اقرار الحسن جو جسماني رماند ڏيڻ وارو فيصلو چئلينج

وڪيل صفائي ميان علي اشفاق پاران مئجسٽريٽ جي جسماني رماند واري فيصلي کي چئلينج ڪيو ويو

مئجسٽريٽ جي فيصلي ۾ جسماني رماند ڏيڻ لاءِ ڪي به مضبوط ۽ غيرمعمولي سبب بيان نه ڪيا ويا

ڪراچي (رپورٽر) سيشن عدالت اوڀر ۾ عوام راڄ پارٽي جي سربراه ۽ اينڪر اقرار الحسن خلاف رياست مخالف مواد واري ڪيس ۾ وڪيل صفائي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

نوابشاهه ۾ ٽرين جو نوجوان کي ٽڪر، فوت

نوابشاهه (رپورٽر) نوابشاهه ۾ بي سيڪشن ٿاڻي جي حد اندر ٽرين جي ٽڪر ۾ نوجوان وسيم /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

ايمبولينس مان 60 ڪلو چرس هٿ، جوابدار گرفتار

ڪراچي (رپورٽر) اينٽي نارڪوٽڪس فورس (اي اين ايف) ڪوئيٽا ۾ سونا خان چوڪ ويجه/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

پ پ ايم اين اي مير اعجاز جکراڻي جي ننڍي ڀاءُ خالد ۽ آزاد جکراڻي جي بنگلي تي پوليس چڙهائي

جيڪب آباد (رپورٽر) پ پ پ ايم اين اي مير اعجاز جکراڻي جي ڀاءُ خالد جکراڻي ۽ آزاد ج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

لاهور: دي نالبج آف آرٽ اڪيڊمي جي زيراهتمام عورتون نمائش ڏسي رهيون آهن

خيبرپختونخواھ ۾ 30 ڊاڪٽر نوڪرين تان برطرف، 6 افغان ڊاڪٽرن کي فوري پاڪستان ڇڏڻ جو حڪم

پي ايم ڊي سي جي خط جي روشني ۾ هدايتون جاري ڪندي 6 افغان ڊاڪٽرن کي فوري طور تي هاسٽل خالي ڪرڻ ۽ پاڪستان ڇڏڻ جو حڪم ڏنو ويو

خيبرپختونخواھ جي صحت کاتي 30 ڊاڪٽرن کي نوڪري تان فارغ ڪرڻ جي پڌرائي جاري ڪري ڇڏي

انهن ڊاڪٽرن کي سندن وضاحتن، پيش ڪيل شاهدين ۽ انڪوائري رپورٽن جو جائزو وٺڻ کان پوءِ برطرف ڪيو ويو

پشاور (م د) خيبرپختونخواھ ۾ 30 ڊاڪٽرن کي نوڪري تان برطرف ڪيو ويو، جڏهن ته سيدو شريف اسپتال ۾ 6 افغان ڊاڪٽرن کي هائوس جاب ڪرڻ کان روڪيو ويو. اسپتال انتظاميه موجب پي ايم ڊي سي جي خط جي روشني ۾ هدايتون/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

امن لاءِ ترقياتي فنڊن ۾ به ڪٽوتي ڪنداسين، ڪي پي جي گورنر جو اهم اعلان

سرحد سان لاڳاپيل ڏکيائيون ضرور آهن، پر وطن جي خاطر ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪيو ويندو

صوبي جي ماڻهن جون تجويزون ٻڌيون وينديون، سندس مشهوري ڪراچي مان ڪئي وئي

گذريل 13 سالن کان وفاق طرفان دهشتگرديءَ خلاف جيڪا پاليسي ايندي هئي، ان جي ذميواري قبول نه ڪئي ويندي هئي

پشاور (م د) خيبرپختونخوا جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي چيو آهي ته صوبي جا ماڻهو سرنگ مان نڪري روشنيءَ ڏانهن اچي ويا آهن. هاڻي امن قائم ڪرڻ ۽ عوام جا مسئلا حل ڪرڻ کي اوليت ڏني ويندي. پشاور ۾ ميڊيا سان ڳالهائيند/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

چيف سيڪريٽري سنڌ پاران مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڄامشورو جو دورو، 75 گرلز هاسٽل جو افتتاح

آئون جڏهن به مهراڻ يونيورسٽي آيو آهيان مونکي خوشي ٿيندي آهي، مونکي هر ڀيري اچي بهتر محسوس ٿيو آهي: آصف حيدر شاھ

ڪنهن زماني ۾ هتي اهڙو مشڪل ماحول هوندو هو جو هتي ڪير اچڻ لاءِ تيار نه هو ۽ شاگردياڻين جو تعداد نه اچڻ برابر هو

ٻاهرين دنيا ۾ يونيورسٽين ۾ معاشي مسئلا نه آهن اتي صرف تعليم، تحقيق ۽ تربيت تي سوچيو ويندو آهي

هارورڊ يونيورسٽي ۾ آئون ويو آهيان اتي پڙهڻ ۽ تحقيق ڪرڻ وارن کي چون ٿا رڳو توهان اچو، سڀ ڪجهه مفت آهي ايستائين جو قرض به ڏنو ويندو آهي

ڄامشورو(رپورٽر) چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاھ پاران مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڄامشورو جو دورو، 75 گرلز هاسٽل جو افتتاح ڪيو. هاسٽل ۾ 75 شاگردياڻين جي رهائش جي گنجائش آهي. ان موقعي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

ڄامشورو: چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاھ کي اجلاس دوران بريف ڪيو پيو وڃي

سانگهڙ ۾ فيڪٽري ۾ ڌاڙي جي ڪوشش، 1 ڄڻو مارجي ويو، ٻيو زخمي

سانگهڙ (رپورٽر) سانگهڙ ٽنڊو آدم ۾ جهول روڊ تي ڳوٺ خليل ماڪوراني ۾ ڳتي جي فيڪٽري /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

حيدرآباد ۾ فائرنگ، هڪ ڄڻو قتل

حيدرآباد (رپورٽر) حيدرآباد ۾ مڪي شاھ ٿاڻي جي حد ڪچي قلعي واري علائقي ۾ فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ ڄڻو مارجي ويو. واقع/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

ايم آءِ فائيو جي سربراھ مصنوعي ذهانت کي برطانيه جي سلامتي لاءِ خطرو قرار ڏئي ڇڏيو

لنڊن (م د) برطانيه جي ڳجهي ايجنسي ايم آءِ فائيو جي سربراھ سرڪين ميڪلم خبردار ڪند/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

وچ اوڀر ڇڪتاڻ: عالمي منڊي ۾ ٻارڻ واري تيل جون قيمتون ٻيهر وڌي ويون

عالمي سپلائي کي پيش ايندڙ خطرن سبب سرمائيڪارن ۽ واپارين جو ڌيان خطي جي صورتحال تي رکيل آهي

ڊبليو ٽي آئي ٻارڻ واري تيل 80 سينٽ يعني 0.9 سيڪڙو وڌي 94.94 ڊالر في بيرل تي پهچي ويو

نيويارڪ (م د) عالمي منڊي ۾ ٻارڻ واري تيل جي قيمتن ۾ هڪ دفعو ٻيهر اضافو ٿي ويو آهي. وچ اوڀر ۾ جاري ڇڪتاڻ ۽ تيل جي عالمي سپلائيءَ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

آئيني عدالت پاران بشريٰ بي بي جي سزا معطلي جي درخواست رد

جنهن ۾ هن القادر ٽرسٽ ڪيس ۾ 17 جنوري 2025ع تي احتساب عدالت پاران ٻڌايل ستن سالن جي قيد واري سزا معطل ڪرڻ جي اپيل ڪئي هئي

عدالت اڳ ۾ فيصلو محفوظ ڪيو هو جيڪو بعد ۾ ٻڌايو ويو. ”اسان جي حڪم جو انتظار ڪريو

چيف جسٽس امين الدين خان ٻن ججن تي ٻڌل بئنچ جي سربراهي ڪندي ريمارڪس ڏنا

اسلام آباد(بيورو) وفاقي آئيني عدالت اڳوڻي خاتون اول بشريٰ بيبيءَ جي ان درخواست کي رد ڪري ڇڏيو، جنهن ۾ هن القادر ٽرسٽ ڪيس ۾ 17 جنوري 2025 ع تي احتساب عدالت پاران ٻڌايل ستن سالن جي قيد واري سزا معطل ڪرڻ جي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي

خميس 15 آڪٽوبر 2026 ع بمطابق 03 جمادي الاول 1448هه

سستي خوراڪ لاءِ حڪومتي اعلان، عملي قدمن جي ضرورت

ملڪ جي معاشي ترقي، خوراڪ جي تحفظ ۽ عوام جي خوشحاليءَ ۾ زراعت جو بنيادي ڪردار آهي. پاڪستان جي وڏي آباديءَ جو روزگار سڌي يا اڻ سڌيءَ طرح زرعي شعبي سان لاڳاپيل آهي، جڏهن ته ڪڻڪ، چانور، ڪپهه، ڪمند، ڀاڄيون، ميوا ۽ مالداريءَ جون پيداوارون نه رڳو عوام جي غذائي ضرورتن کي پورو ڪن ٿيون، پر ملڪ جي معيشت، صنعتن ۽ برآمدات لاءِ به اهميت رکن ٿيون. ان جي باوجود آبادگار سالن کان پاڻ، ٻج، زرعي دوائن، ڊيزل، بجلي، آبپاشيءَ جي پاڻي ۽ زرعي مشينريءَ جي وڌندڙ خرچن سبب ڏکيائين کي منهن ڏئي رهيا آهن. فصل پوکڻ کان وٺي مارڪيٽ ۾ وڪرو ڪرڻ تائين آبادگار کي ڪيترن ئي مسئلن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. پر جڏهن فصل تيار ٿئي ٿو ته مناسب اگهه نه ملڻ سبب سندس سڄي محنت ۽ سيڙپ خطري ۾ پئجي وڃي ٿي. اهڙي صورتحال ۾ وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ قومي زرعي ۽ غذائي تحفظ ڪائونسل جو پهريون اجلاس ۾ آبادگارن کي پاڻ، معياري ٻج، جديد مشينري ۽ زرعي سهولتون فراهم ڪرڻ بابت ڪيل هدايتون اهميت رکن ٿيون. اجلاس ۾ ڪڻڪ جو مناسب اگهه پوکائيءَ کان اڳ مقرر ڪرڻ، زرعي پيداوار وڌائڻ، حلال گوشت جي برآمدات ۾ واڌ ۽ ذخيره اندوزن خلاف ڪارروائيءَ بابت جيڪي فيصلا ۽ هدايتون سامهون آيون آهن، ان تي سنجيدگيءَ سان عملدرآمد ٿيڻ گهرجي. ڇو ته زرعي شعبي جا مسئلا رڳو اجلاسن ۾ ڳالهائڻ يا هدايتون جاري ڪرڻ سان حل نه ٿيندا، پر ان لاءِ اهڙي پاليسيءَ جي ضرورت آهي، جيڪا آبادگار کي پيداوار جي شروعات کان وٺي فصل جي وڪري تائين تحفظ ۽ سهڪار فراهم ڪري. وزيراعظم اجلاس ۾ واضح ڪيو آهي ته آبادگارن کي مناسب اگهن تي پاڻ، معياري ٻج، جديد زرعي مشينري، پاڻيءَ جي بهتر استعمال جا اوزار ۽ جديد ٽيڪنالاجي فراهم ڪئي وڃي. اهو مطالبو وقت جي اهم ضرورت آهي، پر سوال اهو آهي ته اهي سهولتون آبادگارن تائين ڪهڙي نموني ۽ ڪيتري حد تائين پهچنديون؟ ملڪ ۾ ننڍن آبادگارن جو وڏو انگ محدود زمين، گهٽ سرمائي ۽ قرضن جي سهاري پوکائي ڪري ٿو. وڏا زميندار ۽ سرمائيدار پنهنجي وسيلن سبب جديد مشينري ۽ بهتر ٽيڪنالاجي حاصل ڪري سگهن ٿا، پر ننڍو آبادگار اڪثر ڪري مهانگا زرعي خرچ برداشت ڪرڻ جي سگهه نٿو رکي. نتيجي ۾ سندس پيداوار جي لاڳت وڌي وڃي ٿي ۽ فصل جي وڪري وقت مناسب اگهه نه ملڻ ڪري کيس نقصان برداشت ڪرڻو پوي ٿو. جيڪڏهن حڪومت واقعي زرعي ترقي ۽ آبادگارن جي خوشحاليءَ کي اوليت ڏيڻ چاهي ٿي ته پاڻ ۽ ٻج تي سهائتا رڳو اعلانن تائين محدود نه هجڻ گهرجي، پر ان لاءِ شفاف ورڇ، آبادگارن جي رجسٽريشن، زمين جي ماپ ۽ پوکيل فصل جي ضرورتن مطابق سهولتون پهچائڻ جو مؤثر نظام قائم ڪرڻو پوندو خاص طور ننڍن ۽ وچولي درجي جي آبادگارن کي اهڙين پاليسين جو مرڪز بڻائڻ ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته اهي ئي زرعي پيداوار جي وڏي حصي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن ٿا ۽ سندن معاشي حالت سڌرڻ سان ٻهراڙيءَ جي معيشت ۾ به بهتري اچي سگهي ٿي. ڪڻڪ جي اگهه جو معاملو پاڪستان جي زرعي پاليسيءَ ۾ بنيادي اهميت رکي ٿو ڪڻڪ ملڪ جي وڏي آباديءَ جي خوراڪ جو اهم ذريعو آهي، تنهنڪري ان جي پيداوار، خريداري ۽ مارڪيٽ ۾ فراهميءَ جو سڌو اثر اٽي جي قيمتن ۽ عام ماڻهوءَ جي گهريلو بجيٽ تي پوي ٿو. وزيراعظم پاران ڪڻڪ جو مناسب اگهه پوکائيءَ کان اڳ مقرر ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏيڻ هڪ اهم ڳالهه آهي، ڇاڪاڻ ته آبادگار کي اڳواٽ خبر هجڻ گهرجي ته سندس فصل جو سرڪاري يا مارڪيٽ اگهه ڪهڙو هوندو جڏهن پوکائيءَ کان اڳ قيمت بابت غيريقيني صورتحال برقرار رهي ٿي ته آبادگار فصلن جي چونڊ، زمين جي تياري، ٻج جي خريداري ۽ ٻين خرچن بابت درست فيصلا نٿو ڪري سگهي. ان ڪري ڪڻڪ جو اگهه اهڙي بنياد تي مقرر ٿيڻ گهرجي، جنهن ۾ ٻج، پاڻ، پاڻي، ڊيزل، بجلي، مزدوري ۽ زمين جي تياريءَ سميت سمورن پيداواري خرچن کي نظر ۾ رکيو وڃي ۽ آبادگار کي مناسب منافعو به ملي. ساڳئي وقت اهو به ضروري آهي ته ڪڻڪ جي اگهه سبب اٽي جون قيمتون عام ماڻهوءَ جي پهچ کان ٻاهر نه وڃن. حڪومت کي آبادگار جي مفاد ۽ صارف جي خريداريءَ جي سگهه وچ ۾ اهڙو توازن پيدا ڪرڻو پوندو، جنهن سان پيداوار ڪندڙ کي نقصان نه ٿئي ۽ عوام کي به سستي خوراڪ ملي سگهي. ڪڻڪ جي قيمت بابت صوبن سان جاري مشاورت کي بنا غيرضروري دير جي مڪمل ڪري واضح پاليسيءَ جو اعلان ڪرڻ گهرجي، جيئن آبادگار اينڊڙ پوکائيءَ جي تياري اعتماد سان ڪري سگهن. ملڪ ۾ خوراڪ جي قيمتن جو مسئلو رڳو پيداوار جي کوٽ سان لاڳاپيل ناهي، پر ان ۾ ذخيره اندوزي، ناجائز منافعو خوري، غيرشفاف واپار ۽ مارڪيٽ جي نگرانيءَ جي ڪمزورين جو به ڪردار ٿي سگهي ٿو. وزيراعظم شهباز شريف جو اهو چوڻ ته ذخيره اندوزن سان ڪا رعايت نه ڪئي ويندي، ان حوالي سان اهم آهي. پر اهڙي پاليسيءَ جي ڪاميابيءَ لاءِ ضروري آهي ته قانون تي عمل سيني لاءِ هڪجهڙو هجي ۽ ڪارروائي رڳو ننڍن واپارين تائين محدود نه رهي، پر جتي به غيرقانوني ذخيره اندوزي يا ناجائز منافعو خوريءَ جا ثبوت ملن، اتي قانون موجب قدم کنيا وڃن. خوراڪ جي شين جي فراهمي، ذخيرن ۽ روزاني اگهن بابت صحيح ڄاڻ گڏ ڪرڻ لاءِ وفاقي ۽ صوبائي ادارن کي گڏيل نظام قائم ڪرڻ گهرجي، جيئن ڪنهن به علائقي ۾ کوٽ پيدا ٿيڻ کان اڳ صورتحال جو جائزو وٺي سگهجي. حڪومت کي اهو به ڏسڻو پوندو ته آبادگار کان فصل خريد ڪرڻ وقت کيس مناسب اگهه ملي ٿو يا نه، ۽ ساڳيو فصل صارف تائين پهچڻ دوران قيمت ۾ غيرمعمولي واڌ جا ڪهڙا سبب آهن. جيڪڏهن آبادگار پنهنجي پيداوار سستي اگهه تي وڪڻڻ تي مجبور هجي، پر شهرن ۾ ساڳي پيداوار مهانگي اگهه تي وڪرو ٿئي، ته ان فرق جي سببن جي جاچ ۽ وچولي واپار جي نظام ۾ شفافيت ضروري بڻجي وڃي ٿي. عوام کي سستي خوراڪ فراهم ڪرڻ لاءِ رڳو اگهن تي حڪم جاري ڪرڻ ڪافي نه آهي، پر پيداوار، خريداري، ذخيرن، آمدرفت ۽ پرچون وڪري تائين پوري زنجير جي نگراني ڪرڻي پوندي. قومي زرعي ۽ غذائي تحفظ ڪائونسل جي اجلاس ۾ پنجاب جي وڏي وزير مريم نواز شريف ۽ سنڌ جي خوراڪ واري وزير مخدوم محبوب الزمان پاران پنهنجي صوبن ۾ زرعي سهولتن ۽ پيداوار وڌائڻ بابت بريفنگ ڏني وئي، جڏهن ته ٻين صوبن جي علائقن ۾ زراعت جي ترقيءَ لاءِ ڪيل قدمن تي به غور ڪيو ويو. ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته زرعي ترقيءَ لاءِ وفاق ۽ صوبن جو گڏيل ڪردار بنيادي اهميت رکي ٿو. ارڙهين آئيني ترميم ڪانپوءِ زراعت سميت ڪيترن ئي شعبن ۾ صوبن جي ذميوارين کي نظر ۾ رکندي پاليسين جي جوڙجڪ ۽ عملدرآمد ۾ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن جي سهڪار کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ ضروري آهي. جيڪڏهن وفاق هڪ پاليسي ٺاهي، پر صوبن ۾ ان تي عملدرآمد لاءِ مناسب انتظام، بجيٽ ۽ نگرانيءَ جو نظام موجود نه هجي، ته گهربل نتيجا حاصل نه ٿي سگهندا. سنڌ جهڙي زرعي صوبي ۾ آبادگارن جا مسئلا خاص ڌيان گهرن ٿا، جتي پاڻيءَ جي کوٽ، آبپاشيءَ جي نظام جي خرابيون، ٻج ۽ پاڻ جي اگهن، فصلن جي مناسب خريداري ۽ زمينن جي پيداوار وڌائڻ جهڙا معاملا اهم آهن. سنڌ ۾ ڪڻڪ، چانورن، ڪمند، ڪپهه، ڀاڄين ۽ ميون جي پيداوار سان لکين ماڻهن جو روزگار لاڳاپيل آهي. تنهنڪري صوبائي حڪومت کي آبادگارن جي حقيقي ضرورتن جي بنياد تي اهڙو منصوبو جوڙڻ گهرجي، جنهن ۾ ننڍن آبادگارن کي سهائتا، پاڻيءَ جي منصفاڻي ورڇ، جديد آبپاشي طريقن، معياري ٻج جي فراهمي ۽ فصلن جي مارڪيٽ تائين پهچ کي يقيني بڻايو وڃي. ساڳئي وقت وفاقي حڪومت کي صوبن جي ضرورتن ۽ زرعي حالتن ۾ فرق کي نظر ۾ رکندي سهڪار فراهم ڪرڻ گهرجي، جيئن هڪ ئي قسم جي پاليسي هر علائقي تي بنا فرق لاڳو ڪرڻ بدران مقامي ضرورتن مطابق قدم کنيا وڃن. زرعي ترقيءَ لاءِ پاڻيءَ جو بهتر استعمال پڻ انتهائي اهم آهي. موسمي تبديلين، گرميءَ ۾ واڌ، غيريقيني برسات ۽ پاڻيءَ جي وسيلن تي وڌندڙ دٻاءَ سبب روايتي زرعي طريقن تي ڀاڙڻ سان پيداوار کي نقصان پهچي سگهي ٿو ان ڪري جديد آبپاشي نظام، پاڻيءَ جي بچت ڪندڙ اوزار، زمين جي زرخيزيءَ جو سائنسي جائزو ۽ موسمي حالتن مطابق فصلن جي چونڊ کي هٿي ڏيڻ گهرجي. آبادگارن کي رڳو جديد مشينري فراهم ڪرڻ بدران ان جي استعمال جي تربيت به ڏني وڃي، جيئن ٽيڪنالاجيءَ مان پورو فائدو حاصل ڪري سگهن. زرعي يونيورسٽين، تحقيقاتي ادارن، زرعي ماهرن ۽ آبادگارن جي تنظيمن وچ ۾ رابطو وڌائڻ سان اهڙا طريقا اختيار ڪري سگهجن ٿا، جيڪي پيداوار جي لاڳت گهٽائڻ ۽ فصلن جي معيار کي بهتر بڻائڻ ۾ مددگار ثابت ٿين. ننڍن آبادگارن لاءِ گڏيل بنيادن تي زرعي مشينري حاصل ڪرڻ، ٻج جي بهتر قسمن تائين رسائي ۽ فصلن جي بيمارين بابت فني رهنمائيءَ جو نظام به قائم ڪرڻ گهرجي. اهڙي ريت زراعت کي رڳو روايتي روزگار بدران جديد، منافعي بخش ۽ موسمي تبديلين کي منهن ڏيڻ جي قابل شعبي ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو وزيراعظم اجلاس ۾ آبي زراعت، جهينگن جي فارمنگ ۽ ڪسان ڪارڊ ذريعي سڌي سهائتا جهڙن قدمن جو ذڪر پڻ ڪيو آهي. اهي شعبا زرعي معيشت کي نوان موقعا فراهم ڪري سگهن ٿا، پر انهن جي ڪاميابيءَ لاءِ مناسب رٿابندي، فني تربيت، پاڻيءَ جي معيار جي نگراني، مارڪيٽ تائين پهچ ۽ آبادگارن جي مالي سهائتا ضروري آهي. ڪسان ڪارڊ يا ڪنهن به سبسڊيءَ واري رٿا جو فائدو حقيقي آبادگارن تائين پهچڻ گهرجي، نه ڪي رڳو انهن ماڻهن تائين، جيڪي ڪاغذي ڪارروائي ۽ اداري جي نظام مان فائدو کڻڻ جي وڌيڪ سگهه رکن ٿا. ان لاءِ شفاف رجسٽريشن، شڪايتن جي ازالي ۽ سبسڊيءَ جي ورڇ جو باقاعده جائزو وٺڻ لازمي آهي. جيڪڏهن سهائتا صحيح ماڻهن تائين پهچي ٿي ته آبادگار پنهنجي فصل تي وڌيڪ خرچ ڪري سگهندا.

حڪمرانن جي معاشي خودمختياري ڪٿي گم ٿي وئي؟

غلام مصطفيٰ جمالي

پاڪستان هڪ آزاد ۽ خودمختيار ملڪ آهي، جنهن وٽ پنهنجي پارليامينٽ، پنهنجي حڪومت، پنهنجا وسيلا ۽ فيصلا ڪرڻ جا آئيني اختيار موجود آهن، پر جڏهن معيشت جو معاملو سامهون اچي ٿو ته هڪ اهم سوال پيدا ٿئي ٿو ته آخر اسان جي معاشي پاليسين جي واڳ ڪير طئي ڪري ٿو؟ ڇا حڪومت عوام جي ضرورتن کي نظر ۾ رکي فيصلا ڪري ٿي يا قرضن جون شرطون حڪومت کي اهڙا فيصلا ڪرڻ تي مجبور ڪن ٿيون، جن جو بار عام ماڻهوءَ کي برداشت ڪرڻو پوي ٿو؟ اهو سوال ڪنهن سياسي مخالفت جو نتيجو نه، پر ملڪ جي معاشي مستقبل ۽ عوام جي زندگيءَ سان لاڳاپيل اهم مسئلو آهي.

بين الاقوامي مالياتي فنڊ، جنهن کي آءِ ايم ايف چيو وڃي ٿو، پاڪستان لاءِ ڪو نئون ادارو ناهي. گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن کان پاڪستان مختلف حڪومتن جي دور ۾ هن اداري کان مالي مدد وٺندو رهيو آهي. قرضن سان گڏ ٽيڪسن ۾ واڌ، سرڪاري خرچن ۾ گهٽتائي ۽ بجليءَ سميت توانائيءَ جي شعبي ۾ سڌارن جهڙا معاملا سامهون ايندا رهيا آهن. حڪومتون انهن شرطن تي ڳالهيون ڪري معاهدا ڪن ٿيون ۽ پوءِ انهن تي عمل ڪن ٿيون. پر سوال اهو آهي ته بار بار قرض وٺڻ باوجود پاڪستان اهڙي مضبوط معيشت ڇو نه ٺاهي سگهيو آهي، جيڪا پنهنجا خرچ پورا ڪرڻ لاءِ ٻاهرين مالي مدد تي گهٽ ڀاڙي؟

قرض وٺڻ پاڻ ۾ ڪنهن ملڪ جي ناڪامي ناهي، ڇاڪاڻ ته دنيا جا ڪيترائي ملڪ ترقياتي منصوبن ۽ معاشي ضرورتن لاءِ قرض وٺندا آهن. اصل مسئلو تڏهن پيدا ٿئي ٿو جڏهن قرضن تي ڀاڙڻ مستقل ضرورت بڻجي وڃي، پراڻن قرضن جي ادائيگيءَ لاءِ نوان قرض وٺڻا پون ۽ هر نئين معاشي منصوبي سان عوام کان وڌيڪ قربانين جي اميد رکي وڃي. پاڪستان لاءِ وڏو چئلينج اهو آهي ته قرضن جي هن دائري مان نڪري پنهنجي آمدني، پيداوار ۽ برآمدات ۾ مسلسل واڌ ڪيئن آڻي. پاڪستان وٽ زرعي زمينون، محنتي نوجوان، قدرتي وسيلا ۽ صنعت جي ترقيءَ جا ڪيترائي موقعا موجود آهن. دنيا جي مختلف ملڪن ۾ پاڪستاني محنت ڪش پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪري رهيا آهن. ان هوندي به جيڪڏهن قومي معيشت کي بار بار ٻاهرين مالي مدد جي ضرورت پوي ٿي ته ان جا سبب ڳولڻ ۽ انهن جو حل ڪڍڻ حڪومت جي بنيادي ذميواري آهي.

آءِ ايم ايف جي شرطن ۾ ٽيڪس وصولي بهتر ڪرڻ، توانائيءَ جي شعبي ۾ سڌارا آڻڻ، سرڪاري ادارن جي ڪارڪردگي بهتر ڪرڻ ۽ معاشي استحڪام برقرار رکڻ جهڙا مقصد شامل هوندا آهن. انهن مان ڪيترائي مقصد پنهنجي جاءِ تي اهم آهن، ڇاڪاڻ ته ڪنهن به ملڪ کي پنهنجا خرچ پورا ڪرڻ لاءِ آمدني گهرجي. پر اصل سوال اهو آهي ته انهن قدمن جو بار ڪنهن تي وڌو وڃي ٿو؟ جيڪڏهن بار بار انهن ئي ماڻهن تي ٽيڪسن جو بار وڌايو وڃي، جيڪي اڳ ئي ٽيڪس ادا ڪن ٿا، جڏهن ته وڌيڪ آمدني وارن طبقن ۽ ٽيڪس کان ٻاهر رهندڙ شعبن کي مناسب نموني نظام ۾ شامل نه ڪيو وڃي، ته عوام ۾ بيچيني پيدا ٿيڻ فطري ڳالهه آهي.

حڪمرانن کان اهو سوال ضرور پڇڻ گهرجي ته معاشي سڌارن جو بار ورهائڻ وقت انصاف کي ڪيتري اهميت ڏني وڃي ٿي؟ ٽيڪس چوري روڪڻ، ٽيڪس ڏيندڙن جو دائرو وڌائڻ ۽ اثر رسوخ رکندڙ معاشي شعبن کان مناسب ٽيڪس وصول ڪرڻ حڪومت جي ذميواري آهي. معاشي خودمختياريءَ جو مطلب رڳو ٻاهرين ادارن سان اختلاف ڪرڻ ناهي، پر ملڪ اندر منصفاڻو ٽيڪس نظام قائم ڪرڻ ۽ سرڪاري خرچن بابت عوام آڏو جوابده هجڻ پڻ آهي. بجلي ۽ گئس جون وڌندڙ قيمتون عام ماڻهوءَ لاءِ وڏي پريشانيءَ جو سبب بڻيل آهن. بجليءَ جا بل وڌڻ سان رڳو گهرجو بجيٽ متاثر نٿو ٿئي، پر دڪاندار، هاري ۽ ننڍا صنعتڪار پڻ متاثر ٿين ٿا. پيداوار جي لاڳت وڌڻ سان شين جون قيمتون وڌي سگهن ٿيون. حڪومت کي بجليءَ جي چوري، ورڇ واري نظام جي نقصانن ۽ انتظامي خامين تي ضابطو آڻڻ گهرجي. جيستائين نظام جون بنيادي خرابيون ختم نه ٿينديون، تيستائين رڳو صارفين کان وڌيڪ رقم وصول ڪرڻ مستقل حل نٿو بڻجي سگهي.

معاشي خودمختياريءَ جو اصل رستو اهڙي معيشت ٺاهڻ ۾ آهي، جيڪا پنهنجي ضرورتن لاءِ وڌيڪ وسيلا پاڻ پيدا ڪري سگهي. پاڪستان کي برآمدات وڌائڻ، مقامي صنعت کي هٿي ڏيڻ، زرعي پيداوار ۾ واڌ آڻڻ ۽ ڪاروبار لاءِ آسانيون پيدا ڪرڻ گهرجن. جيڪڏهن قومي آمدنيءَ جو وڏو حصو قرضن جي ادائيگيءَ تي خرچ ٿيندو رهندو ته ترقياتي منصوبن لاءِ وسيلا محدود ٿي سگهن ٿا.

حڪمرانن کي پنهنجن خرچن جو به جائزو وٺڻ گهرجي. عوام کان بچت ۽ قربانيءَ جي گهر تڏهن ئي اثرائتي ٿي سگهي ٿي، جڏهن سرڪاري ادارا پڻ غيرضروري خرچ گهٽائين. قومي خزاني مان حاصل ٿيندڙ رقم تعليم، صحت، صاف پاڻي، روزگار ۽ بنيادي سهولتن تي اثرائتي نموني خرچ ٿيڻ گهرجي، جيئن ان جا فائدا سڌيءَ ريت عام ماڻهن تائين پهچي سگهن.

پاڪستان جي سمورن معاشي مسئلن جو ذميوار رڳو آءِ ايم ايف کي قرار ڏيڻ به درست نه ٿيندو. ڪمزور ٽيڪس نظام، درآمدات تي ڀاڙڻ، محدود برآمدات، سياسي عدم استحڪام ۽ انتظامي مسئلا پڻ معاشي ڏکيائين جا سبب آهن. قرض ڏيندڙ ادارو پنهنجي مالي مدد جي بدلي شرطون رکي ٿو، پر انهن شرطن تي ڳالهيون ڪرڻ، معاهدو ڪرڻ ۽ انهن تي عمل ڪرائڻ جو طريقو اختيار ڪرڻ پاڪستاني حڪومت جي ذميواري آهي. تنهن ڪري حڪمرانن کي پنهنجن فيصلن بابت به عوام کي وضاحت ڏيڻ گهرجي. عوام کي اهو ڄاڻڻ جو حق آهي ته حڪومت آءِ ايم ايف سان ڪهڙا واعدا ڪيا آهن، انهن جي نتيجي ۾ ڪهڙا قدم کنيا ويندا ۽ مهانگائيءَ کان بچائڻ لاءِ ڪهڙي رٿابندي ڪئي وئي آهي. معاشي فيصلن بابت شفاف ڄاڻ ڏيڻ سان عوام جو اعتماد وڌي سگهي ٿو. جيڪڏهن حڪومت ڪنهن ڏکئي فيصلي کي ضروري سمجهي ٿي ته ان جا سبب، ممڪن نتيجا ۽ ٻيا متبادل رستا به واضح ڪرڻ گهرجن. جمهوري نظام ۾ عوام رڳو پاليسين جو بار برداشت ڪندڙ ناهي، پر حڪمرانن کان جواب طلب ڪرڻ جو حق پڻ رکي ٿو.

پاڪستان کي اهڙي معاشي پاليسيءَ جي ضرورت آهي، جنهن ۾ مالي استحڪام ۽ عوام جي ڀلائي هڪ ٻئي جي ابتڙ نه هجن. قرضن جي ادائيگي ضروري آهي، پر تعليم ۽ صحت تي مناسب خرچ ڪرڻ به ضروري آهي. ٽيڪس وصوليون وڌائڻ اهم آهي، پر منصفاڻو ٽيڪس نظام قائم ڪرڻ پڻ اوترو ئي اهم آهي. گهٽ آمدنيءَ وارن خاندانن کي ناقابل برداشت خرچن کان بچائڻ رياست جي ذميواري آهي.

آخر ۾ سوال وري به اهو آهي ته حڪمرانن جي معاشي خودمختياري ڪٿي گم ٿي وئي؟ ڇا پاڪستان هميشه قرضن ۽ انهن جي شرطن وچ ۾ پنهنجي معاشي واٽ ڳوليندو رهندو، يا اهڙو وقت به ايندو، جڏهن قومي وسيلن، پيداوار ۽ برآمدات جي بنياد تي پنهنجا فيصلا ڪرڻ جي صلاحيت مضبوط ٿيندي؟ هن سوال جو جواب رڳو تقريرن، نعرن يا ٻاهرين ادارن تي تنقيد ڪرڻ سان نه ملندو. ان لاءِ مستقل معاشي رٿابندي، منصفاڻو ٽيڪس نظام، اثرائتي حڪمراني ۽ عوامي مفادن کي اوليت ڏيڻ ضروري آهي. پاڪستان جي حڪمرانن کي اهو سمجهڻو پوندو ته معاشي خودمختياري رڳو قومي جهنڊي، سرحدن ۽ سياسي آزاديءَ جو نالو ناهي، پر پنهنجي معاشي فيصلن لاءِ مضبوط بنياد ناهڻ، پنهنجن وسيلن مان ضرورتون پوريون ڪرڻ ۽ عوام کي مسلسل قرضن جي بار کان بچائڻ جي صلاحيت جو نالو پڻ آهي. حقيقي ڪاميابي تڏهن حاصل ٿيندي، جڏهن پاڪستان ٻاهرين مالي مدد تي ڀاڙڻ گهٽائي، پنهنجن وسيلن، محنت ۽ پيداواري صلاحيت جي بنياد تي هڪ مضبوط ۽ مستحڪم معيشت تعمير ڪري سگهندو.

ڪراچيءَ جي آباديءَ جو ڦينڊڻ ۽ سنڌ جي ڊيموگرافيءَ جو سوال

تحرير: سراج ڪلهوڙو

ڪراچي هڪ شهر آهي، پر ان جي آباديءَ بابت گذريل ڪيترن ئي سالن کان اهڙو تاثر پيدا ڪيو ويو آهي جو اها آبادي پنهنجي فطري واڌ ويجهه بدران سياسي مقصدن تحت وڌائي وئي آهي. ايم ڪيو ايم ۽ جماعت اسلاميءَ جي بيانيي ۾ ڪراچيءَ جي آبادي ٽن ڪروڙن کان به وڌيڪ ٻڌائي وڃي ٿي، جنهن تي سنجيده سوال اٿارڻ ضروري آهي. آخر ڪراچيءَ جي آباديءَ بابت اهڙيون دعوائون ڪهڙن مستند انگن اکرن جي بنياد تي ڪيون وڃن ٿيون؟ ڇا انهن دعوائن جي پٺيان ڪو مضبوط شمارياتي ثبوت آهي، يا انهن کي سياسي مقصدن لاءِ استعمال ڪيو پيو وڃي؟

اها حقيقت آهي ته قيام پاڪستان ڪانپوءِ هڪ منظم سازش تحت لڳاتار نه رڳو هندستاني پناهگيرن پر بنگالين برمين افغانين سميت دنيا جهان جي ٻين رولو غير ملڪين کي مقتدر قوتن کي نه رڳو سنڌ خاص طور ڪراچي ۾ آباد ڪيو پر انهن قوتن غير صوبائي رولاڪن پنجابين پٺاڻن وغيره کي به سنڌ بالخصوص ڪراچي ۾ آباد ڪيو.

سنڌ جي ڊيموگرافي، يعني آباديءَ جي بناوت ۽ تناسب، ڪو معمولي معاملو ناهي. ڪنهن به قوم جي پنهنجي وطن ۾ آباديءَ جو تناسب، ٻوليءَ جي حيثيت ۽ سياسي نمائندگي ان جي مستقبل سان سڌو سنئون لاڳاپيل هوندا آهن. تنهن ڪري ڪراچيءَ جي آباديءَ بابت پيش ڪيل انگن اکرن جي شفاف جاچ ٿيڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن آباديءَ جا انگ سياسي مفادن تحت وڌائي پيش ڪيا وڃن ٿا ته ان جا اثر رڳو ڪراچيءَ تائين محدود نه رهندا، پر سڄي سنڌ جي سياسي ۽ سماجي صورتحال تي پوندا.

افسوس جوڳو پهلو اهو به آهي ته پاڻ کي سنڌ جو دوست ۽ سنڌ جي قومي مفادن جو حامي سڏائيندڙ ڪي ماڻهو به، بنا تصديق جي، اهڙن دعوائن کي پنهنجي بيانين ذريعي هٿي ڏيندا رهن ٿا. سوال اهو آهي ته جڏهن سنڌ جي پنهنجي آباديءَ جي صحيح ڳڻپ، سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ ماڻهن جي حقيقي تناسب ۽ ڌارين جي آباديءَ بابت شفاف انگ اکر موجود نه هجن، تڏهن رڳو ٻين جي سياسي دعوائن کي ورجائڻ سان سنڌ جي ڪهڙي خدمت ٿئي ٿي؟

گذريل آدمشماريءَ دوران به سنڌ جي ڪيترن ڏورانهن علائقن ۾ ڳڻپ جي عمل بابت شڪايتون سامهون آيون. ڪيترن هنڌن تي عملي جي پهچ، سهولتن، وقت جي کوٽ ۽ انتظامي لاپرواهيءَ بابت سوال اٿاريا ويا. جيڪڏهن آدمشماريءَ جو عملو ڏورانهن علائقن تائين مناسب نموني نه پهچي سگهي، ته پوءِ اها ڳڻپ ڪيتري مڪمل ۽ قابلِ اعتماد چئي سگهجي ٿي؟ سنڌ جي هر ڳوٺ، وستيءَ، شهر ۽ سنڌيءَ جي آباديءَ کي بنا ڪنهن فرق جي ڳڻڻ رياست جي ذميواري آهي.

ڪراچيءَ جي آدمشماريءَ بابت به سنجيده اعتراض سامهون آيا. ايم ڪيو ايم ۽ جماعت اسلاميءَ پاران آباديءَ جي انگن تي اعتراضن ۽ وڌيڪ وقت ڏيڻ جي مطالبن کان پوءِ آدمشماريءَ جو عمل وڌايو ويو. ان سڄي عمل بابت سنڌ ۾ اهو تاثر مضبوط ٿيو ته ڪراچيءَ جي آباديءَ کي سياسي دٻاءَ هيٺ وڌائي ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. خاص طور ملير ۽ ڪراچيءَ جي ٻين سنڌي آباديءَ وارن علائقن جي اڳ ۾ مڪمل ڪيل ڳڻپ ۾ ڪٽوتيءَ جون شڪايتون به سامهون آيون. جيڪڏهن اهڙيون شڪايتون درست آهن، ته پوءِ انهن جي آزادانه جاچ ٿيڻ گهرجي ۽ ذميوارن جو تعين ڪيو وڃي.

ڇاڪاڻ ته مسئلو رڳو اهو ناهي ته ڪراچيءَ جي آبادي ڪيتري آهي؛ اصل سوال اهو آهي ته ان آباديءَ جي ڳڻپ ڪهڙي طريقي سان ٿي، ڪهڙا علائقا رهجي ويا، ڪهڙن انگن ۾ تبديليون ڪيون ويون ۽ انهن تبديلين جا سنڌ جي سياسي نمائندگيءَ ۽ وسيلن جي ورڇ تي ڪهڙا اثر پيا. شفاف آدمشماريءَ کان سواءِ انهن سوالن جا تسلي بخش جواب نٿا ملي سگهن.

ڪراچيءَ ۾ غير سنڌي آباديءَ جي وڏي موجودگيءَ کان انڪار نٿو ڪري سگهجي، پر ان جي صحيح تناسب جو تعين سياسي نعرن يا اندازن سان نه، پر شفاف ۽ قابلِ تصديق انگن اکرن سان ٿيڻ گهرجي. ساڳيءَ طرح ڪراچيءَ جي سموري آباديءَ کي هڪ ئي سياسي يا لساني خاني ۾ وجهي پيش ڪرڻ به درست ناهي. هر شهريءَ جي سڃاڻپ ۽ حقن جو احترام ڪندي، سنڌ جي تاريخي، قومي ۽ آئيني حقن جو تحفظ ڪرڻ ضروري آهي.

افسوس ته ڪراچيءَ ۾ آبادڪاريءَ جي مسئلي تي به اهڙو سياسي رويو نظر اچي ٿو، جنهن ۾ شهر جي آباديءَ کي مسلسل وڌائي پيش ڪرڻ ۽ ان بنياد تي وڌيڪ سياسي حصيداريءَ جا مطالبا ڪرڻ کي معمول بڻايو ويو آهي. ايم ڪيو ايم ۽ جماعت اسلاميءَ جي قيادت ڪراچيءَ جي آباديءَ بابت ڪوڙ جا مينار جوڙي ٽن ڪروڙن کان وڌيڪ آباديءَ جو رينگٽ ڪنديون رهن ٿيون.

پنهنجو نالو چمڪائڻ جي خواهش رکندڙ ڪي ماڻهو اهو چوندي ٻڌا ويا ته اسان کي ڪراچيءَ ۾ پنهنجو حصو ڏيو، تڏهن سوال پيدا ٿئي ٿو ته اهو حصو ڪهڙي بنياد تي گهريو پيو وڃي؟ جيڪڏهن اهڙي مطالبي جي معنيٰ اها ورتي وڃي ته ڪراچيءَ ۾ آباد هر ڌاري آباديءَ جي سياسي حصيداريءَ کي بنا ڪنهن سوال جي قبول ڪيو وڃي، ته پوءِ سنڌ جي ڊيموگرافيءَ بابت خدشا ڪيئن ختم ٿيندا؟ سنڌ جي وسيلن ۽ شهرن بابت ڪنهن به ڳالهه ٻولهه ۾ سڀ کان پهرين سنڌ جي تاريخي حيثيت، مقامي ماڻهن جي حقن ۽ آباديءَ جي شفاف انگن اکرن کي بنياد بڻائڻ گهرجي.

سنڌ جي نالي جي جدوجهد ڪندڙ ماڻهو جڏهن سنڌ جي مستقبل کي ٻين جي سياسي مرضيءَ سان مشروط ڪن ٿا، تڏهن اهي پنهنجي قومي موقف جي قوت کي پاڻ ئي ڪمزور ڪن ٿا. قومن جا مستقبل شعور، سياسي حڪمت عملي، تنظيم ۽ اصولي جدوجهد سان جڙندا آهن. سنڌ جي حقن جي حفاظت لاءِ به جذبات کان وڌيڪ واضح موقف، درست معلومات ۽ مستقل مزاجيءَ جي ضرورت آهي.

ڪراچيءَ کي ٽن ڊويزنن ۾ ورهائڻ جون صلاحن جي ضرورت ڇو محسوس ڪئي پئي وڃي؟ ڇا ان جو مقصد انتظامي سهولتن کي بهتر بڻائڻ آهي، يا ان جي پويان ڪو ٻيو سياسي منصوبو ڪم ڪري رهيو آهي؟ انتظامي سڌارن جي مخالفت رڳو ان ڪري نٿي ڪري سگهجي ته اهي نوان هجن، پر اهڙن سڌارن کي قبول ڪرڻ کان اڳ اهو ڏسڻ ضروري آهي ته انهن سان سنڌ جي وحدت، مقامي آباديءَ جي حقن، وسيلن جي ورڇ ۽ سياسي نمائندگيءَ تي ڪهڙا اثر پوندا.

اهڙي ورهاست ذريعي شهر جي انتظامي ڍانچي کي اهڙي نموني تبديل ڪرڻ جي ڪوشش، جنهن سان اڳتي هلي سنڌ جي وحدت يا مقامي ماڻهن جي حقن تي اثر پوڻ جو واضح امڪان هجي ته اهڙي تجويز ڏيڻ ڪهڙي دانشمندي ليکبي ؟

سنڌ دوستيءَ جي دعويٰ ڪرڻ ۽ سنڌ جي قومي مفادن جو عملي دفاع ڪرڻ ٻه الڳ ڳالهيون جا نالا آهن. سنڌ سان دوستيءَ جي تقاضا اها آهي ته ڪراچيءَ جي آباديءَ بابت هر دعويٰ جي تصديق ڪئي وڃي، آدمشماريءَ ۾ ٿيل مبينا بيقاعدگين جي جاچ ٿيڻ گهرجي ۽ ڪنهن به انتظامي تبديليءَ کي سنڌ جي وحدت ۽ مقامي ماڻهن جي حقن جي معيار تي پرکيو وڃي.

سنڌ ڪنهن جي خيراتي ملڪيت ناهي، جنهن ۾ ڪنهن کي پنهنجي مرضيءَ موجب حصا ورهائي ڏنا وڃن. ڪراچي سنڌ جو تاريخي شهر آهي ۽ ان جي مستقبل بابت ڪو به فيصلو سنڌ جي ماڻهن جي حقن، شفاف انگن اکرن ۽ سنڌ جي وحدت کي نظر ۾ رکي ٿيڻ گهرجي.

سنڌ جي ڊيموگرافيءَ جو تحفظ ڪو لساني تعصب ناهي؛ اهو سنڌ جي قومي مستقبل، سياسي حقن ۽ تاريخي وحدت جو سوال آهي.

بقايا *** 01

1 وڳي تائين ملتوي ڪيو ويو سينيٽ پاران خيبرپختونخوا ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جي منظوري، پي ٽي آءِ جو واڪ آئوٽ اسلام آباد: قومي اسيمبليءَ ڪانپوءِ سينيٽ به خيبرپختونخوا ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ بابت ٺهراءُ منظور ڪري ورتو آهي. ٺهراءُ منظور ٿيڻ تي پاڪستان تحريڪ انصاف جي سينيٽرن ايوان مان واڪ آئوٽ ڪيو. هاڻي اسان جي پاليسي قنڌار، جلال آباد ۽ ڪابل مان نه، اسلام آباد مان ايندي: گورنر ڪي پي خيبرپختونخوا جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي چيو آهي ته سياسي اختلافن کان مٿانهون ٿي صوبي جي امن بابت سوچڻو پوندو هاڻي اسان جي پاليسي قنڌار، جلال آباد ۽ ڪابل مان نه، پر اسلام آباد مان ايندي. پشاور ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته گذريل 13 سالن کان اهي دهشتگرديءَ خلاف پاليسيءَ جي ذميواري قبول نه ڪندا هئا، پر هاڻي اسان اها ذميواري کڻنداسين. هن چيو ته صوبي ۾ ترقياتي ڪم به ڪرايا ويندا، پر امن قائم ڪرڻ حڪومت جي پهرين ترجيح هوندي. پي ٽي آءِ پاران ڪي پي ۾ گورنر راڄ ۽ ايمرجنسيءَ جو نفاذ پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج پي ٽي آءِ جي چيئرمين بيرسٽر گوهر چيو آهي ته خيبر پختونخوا ۾ گورنر راڄ ۽ ايمرجنسيءَ جي نفاذ کي پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج ڪيو ويو آهي. بيرسٽر گوهر جو چوڻ هو ته گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي لاڳو ڪري جمهوري حڪومت ختم ڪئي وئي آهي، اميد آهي ته عدالت صوبي ۾ جمهوري حڪومت بحال ڪندي. هن چيو ته عدالت کي درخواست تي جلد ٻڌڻي ڪرڻ جي استدعا ڪئي آهي، جڏهن ته پي ٽي آءِ پنهنجي آئيني ۽ قانوني جدوجهد جاري رکندي. اسپيڪر قومي اسيمبلي اياز صادق جي پي ٽي آءِ کي ٻيهر ڳالهين جي آڇ قومي اسيمبليءَ جي اجلاس دوران اسپيڪر اياز صادق هڪ ڀيرو ٻيهر پي ٽي آءِ کي ڳالهين جي آڇ ڪندي چيو آهي ته هو اڃا به ڳالهين لاءِ تيار آهن اياز صادق جو چوڻ هو ته ڳالهين کي ڪنهن ناڪام بڻايو اهو سيني کي خبر آهي، ان معاملي تي جيترو گهٽ ڳالهايو وڃي، اوترو بهتر آهي. هن ٻڌايو ته حڪومت جو وفد سندس چيمبر ۾ موجود هو جڏهن ته مخالف ڌر جو وفد ڪميٽي روم ۾ ويٺل هو اوهان خوشيون ملهائي رهيا هئا ته معاهدو ٿي ويو آهي، پر اوچتو علامه ناصر عباس اچي چيو ته افسوس آهي، معاهدو نٿو ٿي سگهي. هڪ شخص افغانستان ۾ ويهي ڪي پي حڪومت هلائي ته پوءِ ائين ئي ٿيندو: خواجا آصف اسلام آباد: بچاءَ واري وفاقي وزير خواجا آصف خيبر پختونخوا ۾ ايمرجنسيءَ جي نفاذ بابت ڳالهائيندي چيو آهي ته دهشتگرديءَ خلاف صوبائي حڪومت جو موقف ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جو سبب بڻيو قومي اسيمبليءَ ۾ خطاب ڪندي خواجا آصف چيو ته ڳالهين دوران هڪ مسودو صحيح ٿيو هو، پر ويٽو جو اختيار هڪ روپوش شخص وٽ هو هن چيو ته جيڪڏهن هڪ شخص افغانستان ۾ ويهي خيبر پختونخوا جي حڪومت هلائي رهيو هجي ته پوءِ ائين ئي ٿيندو بچاءَ واري وزير وڌيڪ چيو ته پي ٽي آءِ وارا چون ٿا ته باني سان ملاقات نٿي ٿئي، پر ملاقاتون ٿينديون آهن، رڳو انهن کي ظاهر نه ڪيو ويندو آهي. سهيل آفريدي ڪمري ۾ اڪيلو هو، دروازو پيچي حفاظتي تحويل ۾ ورتو ويو، اندروني ڪهاڻي سامهون اچي وئي خيبر پختونخوا جي اڳوڻي وڏي وزير سهيل آفريدي، صوبائي اسيمبليءَ جي اسپيڪر بابر سليم سواتي، جنيد اڪبر ۽ ٻين کي حفاظتي تحويل ۾ وٺڻ بابت تفصيل سامهون اچي ويا آهن. ذريعن موجب پوليس 11 آڪٽوبر تي منجهند 12 وڳي ڪارروائي شروع ڪئي ۽ سهيل آفريدي کي وڏي وزير جي هائوس ۾ سندس ڪمري مان حفاظتي تحويل ۾ ورتو ويو. سهيل آفريدي ان وقت ڪمري ۾ اڪيلو هو ۽ ڪمري جو دروازو پيچيو ويو. سرڪاري ذريعن موجب سهيل آفريدي کي نه هٿڪڙيون لڳايون ويون ۽ نه ئي کيس قيدين واري گاڏيءَ ۾ ويهاريو ويو. هو پوليس آفيسرن سان گڏ ڪمري ۾ 45 منٽن تائين موجود رهيو، جتي ساڻس ڳالهه ٻولهه پڻ ڪئي وئي. ذريعن موجب هڪ پوليس آفيسر سهيل آفريدي کان پڇيو ته هو لانگ مارچ ۾ ڪٿي تائين وڃڻ چاهي پيو، جنهن تي سهيل آفريدي جواب ڏنو ته لانگ مارچ اسلام آباد وٺي وڃڻ جو ارادو نه هو. سهيل آفريدي موجب رات جو مولانا فضل الرحمان جي حڪومت سان ڳالهه ٻولهه ٿي وئي هئي ۽ وفاقي حڪومت پي ٽي آءِ باني سان ملاقات ڪرائڻ ۽ کيس اسپتال منتقل ڪرڻ جا مطالبا مڃي ورتا هئا. ذريعن جو چوڻ آهي ته سهيل آفريدي وڌيڪ ٻڌايو ته پارٽي اڳواڻن سان به ڳالهه ٻولهه ٿي هئي ۽ هدايت ملندي ئي لانگ مارچ ختم ڪرڻ جو اعلان ڪرڻو هو ٻئي طرف ذريعن موجب خيبر پختونخوا اسيمبليءَ جي اسپيڪر بابر سليم سواتي، جنيد اڪبر ۽ خالد خورشيد کي اسپيڪر هائوس مان حفاظتي تحويل ۾ ورتو ويو. ذريعن جو چوڻ آهي ته پي ٽي آءِ اڳواڻن کي حفاظتي تحويل ۾ وٺڻ جي ڪارروائي ٻن ڪلاڪن اندر مڪمل ڪئي وئي. ڪي پي ۾ جمهوريت تي راتاهو هنيو ويو، حڪومت جا سمورا نوٽيفڪيشن رد ڪريون ٿا: پي ٽي آءِ چيئرمين اسلام آباد: پاڪستان تحريڪ انصاف [illegible]

ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو ڪي پي حڪومت جو دهشتگرديءَ خلاف رويو غيرسنجيده رهيو، جڏهن ته سهيل آفريدي پنهنجي سياسي ساک وڌائڻ کي ترجيح ڏني ۽ سيڪيورٽي فورسز توڙي عوام جي شهادتن کي نظرانداز ڪيو هن چيو ته هڪ سياسي جماعت جي نظريي سبب دهشتگرديءَ کي هٿي ملي. ايمرجنسيءَ جي اعلان ڪانپوءِ ڏهن ڏينهن اندر پارليامينٽ جي منظوري لازمي هوندي آهي. اعظم نذير تارڙ چيو ته پاڪ فوج قربانيون ڏئي علائقي ۾ امن قائم ڪيو ۽ دهشتگرديءَ تي ضابطو آندو هو 2024 ع تائين دهشتگرديءَ جا 2,911 واقعا پيش آيا، جڏهن ته 15 آڪٽوبر 2025 ع کان هيل تائين دهشتگرديءَ جا 3,787 واقعا رپورٽ ٿيا آهن. غيرمعمولي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ غيرمعمولي قدم کڻڻ ضروري هئا. هن چيو ته سزايافته شخص جي آزاديءَ لاءِ سڀ کان اهم فورم عدالت آهي، پر ٻئي پاسي اسلام آباد تي چڙهائي ڪرڻ جا اعلان ڪيا ويا. صدر مملڪت ۽ وزيراعظم جي خواهش تي ڳالهيون شروع ڪيون ويون ۽ حڪومت معاملن کي سنجيدگيءَ سان حل ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي. قانون واري وزير چيو ته قوم ڏٺو ته ڪهڙي جي مسودي ۾ ڪيترائي ڀيرا ترميمون ڪيون ويون. حڪومت دهشتگرديءَ خلاف جنگ کي اڳتي وڌائڻ پئي چاهيو، پر ٻئي پاسي کان پي ٽي آءِ باني جي آزادي ۽ ساڻس ملاقاتن جا مطالبا ڪيا ويندا رهيا. هن سوال اٿاريو ته ڇا صوبائي حڪومت جو فرض ناهي ته اها شهيدن جي جنازن ۾ شرڪت ڪري؟ اعظم نذير تارڙ وڌيڪ چيو ته ڪي پي ۾ امن امان جي صورتحال کي نظرانداز ڪري وفاق تي چڙهائي ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو حڪومت ۽ مخالف ڌر وچ ۾ ثالثيءَ جو ڪردار ادا ڪيو ويو ۽ معاملن کي جمهوري انداز ۾ حل ڪرڻ لاءِ بار بار ڪوششون ڪيون ويون. هن چيو ته حڪومت مسلسل واضح ڪندي رهي ته دهشتگردي قومي سلامتيءَ جو معاملو آهي، پر ٻئي پاسي کان چيو ويو ته پهرين پي ٽي آءِ باني لاءِ آسانيون پيدا ڪيون وڃن، باقي معاملن تي پوءِ ڳالهائينداسين. وفاقي وزير الزام لڳايو ته سهيل آفريدي صوبي کي ٻرندو ڇڏي ملڪ جي دوري تي نڪري ويو هن وڌيڪ چيو ته ڪنهن به گرفتار شخص کي آزاد ڪرڻ جو اختيار عدالت وٽ آهي، جڏهن ته رحم جي اپيل تي صدر مملڪت پنهنجا آئيني اختيار استعمال ڪري سگهي ٿو. اعظم نذير تارڙ چيو ته اسان کي سياست کان وڌيڪ رياست عزيز آهي. خيبر پختونخوا ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جو فيصلو خوشيءَ سان نه پر آخري حل طور ڪيو ويو.

بقايا *** 02

ڪي قرض فراهم ڪندڙ بئنڪن جي حوصلا افزائي ڪندي چيو آهي ته پنهنجو گهر اسڪيم ايس ايم ايز ۽ زرعي شعبي کي قرضن جي وقت سر فراهمي ملڪي معيشت جي فروغ جي لاءِ لازمي آهي. وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ وزيراعظم پنهنجو گهر اسڪيم، ننڍي ۽ وچولي درجي جي ڪاروبار ۽ زرعي شعبي جي لاءِ قرضن جي فراهمي ۽ مالي وسيلن تائين پهچ جي حوالي سان اعليٰ سطحي اجلاس منعقد ٿيو وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم قومي تعميراتي ترقي جي لاءِ انهن ترجيحي شعبن کي قرضن جي فراهمي ۾ وڌي چڙهي حصو وٺندڙ بئنڪن جي حوصلا افزائي ڪئي. وزيراعظم هدايت ڪئي ته جن بئنڪن جي ان حوالي سان ڪارڪردگي هيستائين غيرتسلي بخش رهي آهي اهي پنهنجي ڪارڪردگي بهتر بڻائين ته جيئن انهن کي به حڪومتي حوصلا افزائي ملي. وزيراعظم لاڳاپيل وزارتن، سيڪريٽرين ۽ اسٽيٽ بئنڪ کي ايس ايم ايز زراعت ۽ هائوسنگ فنانس جي شعبي سان واڳيل ڌرين سان مشاورت جي هدايت ڪندي چيو ته جاري اسڪيمن کي وڌيڪ موثر ۽ ڪارآئتو بڻائڻ جي لاءِ لاڳاپيل ڌرين جون تجويزون حاصل ڪيون وڃن.

بقايا *** 03

پختونخوا ۾ گورنر راڄ جي حمايت ڪندي چيو آهي ته حڪومت جيڪو فيصلو ڪيو آهي، اهو يقين خوشيءَ سان نه ڪيو هوندو پر خدا جي واسطي ڪي پي سان گڏ سنڌ تي به ڌيان ڏنو وڃي. قومي اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ خيالن جو اظهار ڪندي فاروق ستار چيو ته قومي سلامتي ۽ ملڪ جي بقا جي گهرجن سبب اهو فيصلو ڪيو ويو آهي، پر بئريسٽر گوهر جي تقرير ٻڌڻ ڪانپوءِ محسوس ٿيو ته حڪومت جو غلط پاسي بيٺل آهي. فاروق ستار چيو ته حڪومت وٽ اهڙو ڪو دليل ناهي، جنهن سان ثابت ٿئي ته ڪيل فيصلو غلط آهي. هاڻي جڏهن ذميواري کڻي ورتي آهي ته پوءِ دهشتگرديءَ جو خاتمو به ڪرڻو پوندو هن چيو ته ملڪ جي تاريخ ۾ سڀ کان وڏو اسٽريٽ ڪرائم ڪراچيءَ ۾ ٿي رهيو آهي، جڏهن ته شهر جا ٻار ڪلاڪن واٽر ٽينڪرن ته ڪلاڪن گٽرن جي ور چڙهي رهيا آهن. خدا جي واسطي سنڌ تي به نظر رکو.

بقايا *** 04

ڏگهن وڊيوز مان دلچسپ حصا چونڊي ننڍڙا ڪلپ ٺاهيندڙ نوجوان، جن کي "ڪلپرز" چيو وڃي ٿو انهن کي [illegible]

جي ميزبان ڪليب هيمر لاءِ مختصر وڊيوز تيار ڪري ٿو. جنهن جي پروگرام ۾ مهمانن جي ذاتي مالي معاملن جو جائزو ورتو ويندو آهي. ويمز موجب، هن ڪم کيس گهر ويٺي آمدني حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجي زال ۽ هڪ سال جي پٽ سان وڌيڪ وقت گذارڻ جو موقعو ڏنو آهي.

بقايا *** 05

چوڻ آهي ته 40 ڏينهن واري جنگ دوران ايران گهڻو ڪري پراڻا هٿيار استعمال ڪيا، پر ان کان پوءِ وڌيڪ جديد هٿيار حاصل ڪيا ويا آهن. ترجمان جديد هٿيارن بابت تفصيل نه ٻڌايا ته اهي ڪهڙي قسم جا آهن ۽ ڪيئن حاصل ڪيا ويا. پاسداران انقلاب جي هڪ سينيئر عهديدار وڌيڪ چيو ته "ايران ڪنهن به نئين اڳرائيءَ جو اڳ کان وڌيڪ طاقت سان جواب ڏيڻ لاءِ تيار آهي، ۽ هن ڀيري آمريڪا لاءِ ان جا نتيجا وڌيڪ تڪليف ڏيندڙ هوندا."

بقايا *** 06

نوني مالي ڏيتي ليتيءَ جا خطرا موجود هئا. آمريڪي ناٿي واري ڪاتي جو چوڻ آهي ته بئنڪ جي ڪوتاهين ۾ اهڙين مالي ڏيتي ليتيءَ جي نشاندهي نه ڪرڻ به شامل آهي، جن جو امڪاني تعلق چيني مني لانڊرنگ نيٽ ورڪن يا واپار جي آڙ ۾ مني لانڊرنگ سان ٿي سگهي پيو. اهڙي قسم جي مني لانڊرنگ جو نمايان لاڳاپو آمريڪا جي ڏکڻ اولهه واري سرحدي پٽي سان ٻڌايو ويو آهي. بئنڪ آف آمريڪا برطانوي ميڊيا کي ٻڌايو ته "اسان جي ٽيم انهن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ گهربل قدم لاڳو ڪرڻ جي عمل ۾ ڪافي اڳتي وڌي چڪي آهي ۽ ريگيوليٽرن پاران اٿاريل معاملن کي حل ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي."

بقايا *** 07

ي وفاقي گهرو وزير محسن نقوي سان ملاقات ۽ وفدن جي سطح تي ڳالهيون ٿيون. ٻنهي ملڪن گڏيل مفادن جي شعبن ۾ گڏيل تعاون وڌائڻ ۽ منظم ڏوهن جي روڪٿام لاءِ گڏيل قدمن تي اتفاق ڪيو ملاقات ۾ منظم ڏوهن جي روڪٿام ۽ ڄاڻ جي ڏي وٺ بابت مفاهمت جي يادداشت تي صحيحون ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو جڏهن ته ڏوهارين جي حوالگي ۽ معاهدن کي حتمي شڪل ڏيڻ تي به اتفاق ٿيو. ڌرين ري ايڊميشن معاهدي تي جلد عملدرآمد ۽ اينٽي نارڪوٽيڪس فورس سميت لاڳاپيل روسي ادارن جي وچ ۾ تعاون وڌائڻ جو اظهار ڪيو هو ڏانهن ٻنهي ملڪن جي گهرو وزارت جا ورڪنگ گروپس جلد هڪ ٻئي جي ملڪن جو دورو ڪندا. ڳالهين ۾ پاڪستان مان روس هنرمند ماڻهو اماڻڻ ۽ پاڪستاني سياحن، ڪاروباري برادري جي لاءِ ويزا حاصل ڪرڻ جو عمل آسان بنائڻ تي به خيالن جي ڏي وٺ ٿي. ڌرين سائبر ڪرائم جي روڪٿام ۾ ٻنهي ملڪن جي پوليس تربيتي ادارن جي وچ ۾ تعاون وڌائڻ تي اتفاق ڪيو وفاقي گهرو وزير محسن نقوي چيو ته منظم ڏوهن جي روڪٿام بابت معاهدو ٻنهي ملڪن جي گڏيل تعاون کي هٿي ڏيڻ ۾ اهم سنگ ميل ثابت ٿيندو ويزا نظام ۾ آساني سان پاڪستان ۽ روس جي عوام جي وچ ۾ رابطا وڌندا. هن چيو ته پاڪستان سائبر ڪرائم جي روڪٿام لاءِ روس جي تجربن مان فائدو حاصل ڪرڻ چاهي ٿو محسن نقوي ٻڌايو ته هن وقت تقريبن 1300 پاڪستاني شاگرد روس ۾ تعليم حاصل ڪري رهيا آهن ۽ پاڪستان چاهي ٿو ته وڌيڪ شاگرد به اتي اعليٰ تعليم حاصل ڪن. ٻئي طرف روسي گهرو وزير چيو ته دهشتگردي، منشيات جي اسمگلنگ، غيرقانوني لڏ پلاڻ ۽ ٻين منظم ڏوهن جي روڪٿام لاءِ گڏيل قدم انتهائي ضروري آهن. روسي گهرو وزير ولادي مير ڪولا ڪولتسيف ٻڌايو ته روس موثر قدمن جي ذريعي سائبر ڪرائم ۾ 33 سيڪڙو گهٽتائي آندي آهي. ملاقات ۾ سائبر ڏوهن جي روڪٿام لاءِ تجربن ۽ ڄاڻ جي ڏي وٺ سميت لاڳاپيل ادارن جي وچ ۾ تعاون کي وڌيڪ مستحڪم بنائڻ جي امڪانن تي به ڳالهيون ٿيون. ملاقات ۾ مملڪتي وزير طلال چوڌري پاڪستان ۾ روس جو سفير، گهرو وزارت جا خصوصي ۽ ايڊيشنل سيڪريٽرين، ڊي جي ايف آءِ اي، ڪمانڊنٽ نيشنل پوليس اڪيڊمي، آءِ جي ايف سي، ڊي جي نيشنل فرانزڪ ايجنسي، ڊي جي اين سي سي آءِ اي، ڊي جي پاسپورٽ، چيف ڪمشنر آءِ جي اسلام آباد پوليس ۽ ٻيون اعليٰ اختياريون به موجود هيون.

بقايا *** 08

منگريو ٽرين جي ٽڪر ۾ فوت ٿي ويو واقعي جو اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي وئي. پوليس ضروري ڪارروائي ڪندي فوتي نوجوان جو لاش اسپتال منتقل ڪرڻ لاءِ قدم کنيا، جتي ضروري قانوني ۽ طبي ڪارروائي ڪئي ويندي، جڏهن ته پوليس واقعي بابت جاچ ڪري رهي آهي.

بقايا *** 09

و ڪارروائي ڪندي ايمبولينس جي ڳجهن خانن مان 60 ڪلوگرام چرس هٿ ڪري هڪ جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو. اي اين ايف ذريعن موجب، شروعاتي جاچ دوران انڪشاف ٿيو آهي ته منشيات مستونگ کان ڪوئيٽا اسمگل ڪئي [illegible]

بقايا *** 10

[illegible]

انهن کي پوليس موبائيل ۾ ڪٿي وٺڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. هن اعجاز جکراڻي کي مخاطب ٿيندي چيو ته منهنجي پيرن سان اهڙي قسم جي حرڪت ڪرڻ کان بجاءِ مون کي روڊ تي بيهاري گولي هڻي ڇڏين ها ته ڏک نه پهچي ها. هن چيو ته مان ۽ پ پ ايم پي اي ممتاز جکراڻي اتي پهتاسين ته پوليس اهلڪارن منهن ماري ڪئي. پوليس منهنجي پيرن جا ٻه موبائل فون کڻي وئي نوڪر ۽ ملازمن کي ڪٽيي وئي هن چيو ته منهنجي گهر ۾ پيل سرڪاري هٿيار به کڻي ويا آهن اها صرف منهنجي نه پر جيڪب آباد واسين سنڌ واسين جي نياڻين جي تذليل ڪئي وئي. اعجاز جکراڻي اسان کان پوليس مشينري ذريعي ملڪيت حاصل ڪرڻ ٿو چاهي اسان جڏهن ملڪيت لکي ڏيڻ کان انڪار ڪيو ته پوءِ هن پوليس ذريعي اهڙي ڪارروائي ڪئي، هن چيو ته پوليس منهنجي گرفتار ملازمن مٿان چرس يا ٻيو منشيات برآمد ڪرائڻ جو ڪيس داخل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي.

بقايا *** 11

آءِ يو صدر وچ ۾ تڪرار شدت اختيار ڪري ويو ڇڪتاڻ دوران ڊي آءِ ايس پي شادمان جو متوقاني پيو جڏهن ته ٻنهي ڌرين هڪ ٻئي جي آفيسرن ۽ اهلڪارن کي تحويل ۾ وٺڻ جون دعوائون ڪيون آهن. پوليس ذريعن موجب، نوجوان جي مبينا اغوا ۾ ملوث جوابدارن کي تيموريه پوليس حراست ۾ ورتو هو جنهن ڪانپوءِ جوابدارن جي تحويل واري معاملي تان ٻنهي پوليس ٽيمن وچ ۾ تڪرار پيدا ٿيو. ذريعن جو چوڻ آهي ته ڊسٽرڪٽ سينٽرل پوليس، ايس آءِ يو صدر جي موبائل ۽ اهلڪارن کي ناظم آباد ٿاڻي منتقل ڪري ڇڏيو جڏهن ته ايس آءِ يو جي ڪجهه آفيسرن کي به تحويل ۾ وٺڻ جا اطلاع آهن. واقعي ڪانپوءِ ناظم آباد ٿاڻي تي ٻنهي ڌرين جي آفيسرن وچ ۾ ڳالهيون پڻ ٿيون. ٻئي طرف ايس ايڇ او ممتاز مهر واقعي بابت هلندڙ خبرن کي قياس آرائي قرار ڏيندي چيو ته انهن ۾ ڪا به صداقت ناهي. واقعي بابت پوليس اختيارين جو باضابطا موقف ۽ وڌيڪ تفصيل سامهون اچڻا باقي آهن.

بقايا *** 12

ڪ ۾ آپريشن ردالفتنه 3 جي تحت انٽيليجنس بيسڊ ڪارروائي ڪندي 5 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو جڏهن ته 4 زخمي ٿي پيا. مارجي ويل فتنته الهندستان جي دهشتگردن جي قبضي مان جديد هٿيار ۽ بارودي مواد به هٿ ڪيو ويو آهي. سيڪيورٽي ذريعن موجب ڪارروائي جي دوران دهشتگردن جي ٺڪاڻن کي جديد هٿيارن سان نشانو بنايو ويو جڏهن ته آپريشن جي نتيجي ۾ مارجي ويل دهشتگردن جي قبضي مان آر پي جي 5.7 گولا، ميگزين سميت 4 جديد هٿيار، 3 موبائل فون ۽ 2 موٽر سائيڪلون هٿ ڪيون ويون. ذريعن جو چوڻ آهي ته مارجي ويل دهشتگرد بلوچ عوام کي قرڻ، علائقي ۾ خوف هراس پکيڙڻ ۽ بنيادي ڍانچي کي نقصان پهچائڻ جي سرگرمين ۾ ملوث هئا. اها ڪارروائي آپريشن ردالفتنه 3 جي تحت فتنته الهندستان جي خلاف جاري قدمن جو حصو آهن جنهن جو مقصد بلوچستان ۾ دهشتگردي جي نيٽ ورڪ کي جڙ کان اکاڙڻ آهي. سيڪيورٽي فورسز بلوچستان مان دهشتگردي جي خاتمي جو ارادو ظاهر ڪندي چيو آهي ته آخري دهشتگرد جي خاتمي تائين ڪارروايون جاري رهنديون.

بقايا *** 13

ميان علي اشفاق پاران مئجسٽريٽ جي جسماني ريمانڊ واري فيصلي کي چيلينج ڪيو ويو آهي. وڪيل صفائي ميان علي اشفاق موقف اختيار ڪيو ته مئجسٽريٽ جي فيصلي ۾ جسماني ريمانڊ ڏيڻ لاءِ ڪي به مضبوط ۽ غيرمعمولي سبب بيان نه ڪيا ويا آهن. هن چيو ته اقرار الحسن جا چار موبائل فون ۽ هڪ ٽيبليٽ نيشنل سائبر ڪرائم انويسٽيگيشن ايجنسي (اين سي سي آءِ اي) جي تحويل ۾ آهن. عدالت ڪيس جي ٻڌڻي دوران سائبر جاچ آفيسر ۽ ٻين ڌرين کان رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي.

بقايا *** 14

تدائي جاچ رپورٽ جاري ڪري ڇڏي آهي، جنهن ۾ حادثي جو سبب مشيني خرابي ڄاڻايو ويو آهي. رپورٽ موجب، ٽرين جي لگيج ڪوچ جو سائيڊ هينگر ٽٽڻ سبب حادثو پيش آيو. ٽٽل هينگر ريلوي ٽرن آئوٽ ڪراسنگ ۾ ڦاسي پيو هو جيڪو حادثي واري هنڌ تان هٿ ڪيو ويو آهي. واضح رهي ته گذريل ڏينهن ملتان ۾ شير شاهه پل پرسان ڪراچي کان پشاور ويندڙ رحمان بابا ايڪسپريس حادثي جو شڪار ٿي وئي هئي. حادثي دوران ٽرين جون سموريون 15 بوگيون پٽڙي تان لهي ويون هيون. واقعي بابت اڳوٽي رپورٽ ۾ ٻارڙي سميت 7 ڄڻن جي فوت ٿيڻ ۽ 40 ماڻهن جي زخمي ٿيڻ جو ذڪر ڪيو ويو هو جڏهن ته ريسڪيو آپريشن مڪمل ٿيڻ بابت خبر ۾ فوتين جو انگ 6 ۽ زخمين جو انگ 30 ڄاڻايو ويو هو هڪ مسافر موجب، حادثو صبح جو سوا پنجين وڳي پيش آيو. جڏهن ته روهڙي پرسان ٽرين جي نائين بوگي جا نٽ بولٽ به درست ڪيا ويا هئا.

بقايا *** 15

[illegible]

غداراڻي دهشتگرد حملن جي مذمت ورجائيندي چيو ته اهي سمورن مذهبي قدرن، عالمي قانونن ۽ انساني همدرديءَ جي اصولن جي ڀڃڪڙي آهن. هن ڄاڻي واڻي عام شهرين ۽ شهري ملڪيتن کي نشانو بڻائڻ کي دهشتگرد مليشيا جي ڏوهاري فطرت جو ثبوت قرار ڏنو مسلم ورلڊ ليگ جي عالمي ادارن، ڪائونسلن ۽ ان سان لاڳاپيل مسلمان برادرين جي نمائندگي ڪندي العيسيٰ سعودي عرب سان مڪمل يڪجهتيءَ جو اظهار ڪيو ۽ ان جي سلامتيءَ، شهرين ۽ رهواسين جي تحفظ لاءِ جارحيت ڪندڙن کي روڪڻ خاطر کنيل سمورن قدمن جي حمايت جو يقين ڏياريو.

بقايا *** 16

ي، جنهن تحت جلسن، جلوس، ريليز ۽ عوامي گڏجاڻين تي 30 ڏينهن لاءِ پابندي لاڳو ڪئي وئي آهي. جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب، ضلعي ۾ موٽرسائيڪل جي ٻٽي سواري، هٿيارن جي نمائش ۽ روڊن تي خيما لڳائڻ تي به پابندي هوندي. ڊپٽي ڪمشنر موجب، قلم 144 جو نفاذ 13 آڪٽوبر کان 11 نومبر تائين جاري رهندو. انتظاميا جو چوڻ آهي ته پابندين جو مقصد ضلعي ۾ امن امان جي صورتحال برقرار رکڻ آهي. نوٽيفڪيشن ۾ واضح ڪيو ويو آهي ته پابندين جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف پاڪستان پينل ڪوڊ جي قلم 188 تحت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا *** 17

ا زخمي ٿي پيا. سيڪيورٽي فورسز آپريشن دوران دهشتگردن جي ٺڪاڻن کي جديد هٿيارن سان نشانو بڻايو. سيڪيورٽي ذريعن موجب، مارجي ويل دهشتگردن جي قبضي مان جديد هٿيار ۽ گولا بارود پڻ هٿ ڪيو ويو آهي. سيڪيورٽي ذريعن جو چوڻ آهي ته ڄاڻايل دهشتگرد عوام کي قرڻ ۽ علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکيڙڻ وارين سرگرمين ۾ ملوث هئا.

بقايا *** 18

اهڙا اٿاريا ويندا آهن جنهن جي ماضي سان پيٽ ڪئي وڃي، مون کي چڱي طرح ياد آهي ته جنرل فيض ۽ جنرل باجوه هتي ويٺل هوندا هئا، اسان کي ڪنوينس ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وئي ته اهڙن دهشتگردن کي واپس آندو وڃي ته فائدو ٿيندو، پنهنجو ڪيس وڙهندي ماضي جا ڪرتوت به ڏسي وٺندا ڪريو، اسان جي قول ۽ فعل ۾ تضاد رهندو ته اهي حالتون صحيح نه ٿينديون. دفاع واري وزير چيو ته شادين ۾ ميراثي به ايتري تعريف نه ڪندا آهن جيتري بطور وزيراعظم عمران خان اڳوٽي آرمي چيف قمر جاويد باجوه جي ڪندو هو اوهان چيا سيڊ جي ڳالهه ڪئي اسان ته چانهه پرائو ڪاٺ وارا ماڻهو آهيون، جيل ۾ مون کي هڪ ڪمبل ڏنو ويو، ٻيو ڪمبل گهرڻ تي نه مليو. شهباز شريف کي خبر پوڻ تي انهي مون ڏانهن ڪمبل اماڻيو. هي صرف تنقيد ڪندا آهن ماضي کي ڏسندا ڪريو. قيد سياسي قيدين جي لاءِ فخرجوڳي ڳالهه هوندي آهي. اٽڪ جيل ۾ 4/6 جو سيل هو خواجه آصف چيو ته اسان نوازشريف ۽ شهباز شريف جي رهائي کي ڪڏهن به اشو ناهي بنايو. هنن هڪ شخص جي آزادي کي اشو بنائي ڇڏيو. اسان جو مسئلو صرف دهشتگردي جو آهي. وزيراعليٰ کي سياست جي فڪر هئي. ليز تي آيل وزيراعليٰ پنهنجي ليز ڪنفرم ڪرائڻ چاهي ٿي. دفاع واري وزير جو چوڻ هو ته اسان ڊي چوڪ ۾ اچي قبرون ناهيون ٺاهينداسين. اسان ايوان ۾ اچي ماتم ناهي ڪيو. اسان قانون لاڳو ڪندڙ اهلڪارن کي شهيد ناهي ڪيو اقتدار ۾ ويٺل وزيراعليٰ افغانستان ۾ ويٺل هڪ شخص کان ڊڪٽيشن وٺندو هو خواجه آصف چيو ته هي هڪ اهڙي جنگ آهي جيڪا سيني کي گڏجي وڙهڻي پوندي. اتي مائنز ۽ هيلٽ جا ٺيڪا ڪنهن وٽ آهن. 14 سال ٿيا صوبا ڪٿي آهن ۽ هڪ صوبو ڪٿي آهي، اوهان هڪ صوبي جي حالت خراب ڪري ڇڏي، حالتون ٻڌائين ٿيون ته حڪومت وٽ ايمرجنسي کان علاوه ٻيو ڪو به آپشن نه هو هن آئين جي هيٺان سڀ ڪجهه ڪرڻ نه ڳالهائڻ گهرجي.

بقايا *** 19

حاصل ڪرڻ، سيڙپڪاري کي وڌائڻ سان گڏوگڏ اسٽريٽجڪ ۽ ايمرجنگ ٽيڪنالاجيز جي شعبن ۾ تعاون جي فروغ تي خاص ڌيان ڏيندي ٻطرفي لاڳاپن کي وڌيڪ مستحڪم بڻائڻ تي زور ڏنو آهي. هن اها ڳالهه پاڪستان جي ترڪيه ۾ نامزد سفير آمنه بلوچ سان ڳالهائيندي چئي جنهن ايوان صدر ۾ ساڻس ملاقات ڪئي. ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب صدر کيس نئين مقرري تي مبارڪباد ڏيندي پاڪستان جي پرڏيهي سيڪريٽري جي طور تي سندس ڪامياب مدي کي ساراهيو هن چيو ته پاڪستان ترڪيه سان پنهنجي پراڻي لاڳاپن کي تمام گهڻي اهميت ڏي ٿو جيڪي گڏيل قدرن، ثقافتي رشتن ۽ امن ۽ خوشحالي جي گڏيل خواهش تي قائم آهن. هن توانائي، زراعت، لاجسٽڪس، اسٽاڪ، ڪاٽين جي ڪوٽائي، شپ بريڪنگ، انفارميشن ٽيڪنالاجي، دفاعي صنعتن ۽ خصوصي اقتصادي زونز ۾ تعاون کي مضبوط [illegible]

بقايا *** 20

[illegible]

۾ نمايان مقام سال 1903 ع ۾ قائم ٿيل سي سي اين يو جي تاريخي حيثيت کي ساراهيندي مراد علي شاهه استادن جي تعليم ۽ تدريسي جدت جي ميدان ۾ اداري جي ڊگهي عالمي خدمتن کي ساراهيو. وڏي وزير چيو ته هڪ اهڙي يونيورسٽيءَ ۾ موجود هجڻ اعزاز آهي، جيڪا هڪ صديءَ کان وڌيڪ عرصي کان استادن جي تعليم ۽ تربيت ڪري رهي آهي. جڏهن هڪ استاد کي تعليم ڏني وڃي ٿي ته اصل ۾ ڪيترن ئي نسلن کي تعليم ڏني وڃي ٿي. سي سي اين يو جهڙا ادارا علم، جدت ۽ انساني ترقيءَ ذريعي قومن جو مستقبل جوڙين ٿا. مختلف تهذيبن جو حوالو ڏيندي هن چيو ته جيئن يانگزي درياهه چين جي تاريخ جي جوڙجڪ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي، تيئن سنڌو درياهه سنڌ جي ورثي تي گهرا اثر ڇڏيا آهن. هن سنڌ جي شاهوڪار تهذيبي تاريخ جو ذڪر ڪندي موهن جو دڙو، مڪليءَ جي تاريخي قبرستان ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ادبي ورثي کي اجاگر ڪيو. هن چيني شاگردن ۽ استادن کي ڪراچيءَ جي متحرڪ واپاري مرڪز جو دورو ڪرڻ ۽ سنڌ جي شاهوڪار ثقافت کي ويجهي کان ڏسڻ جي دعوت پڻ ڏني. سهڪار لاءِ ڇهن نقطن تي ٻڌل فريم ورڪ سنڌ ۾ جاري تعليمي سڌارن، ڊجيٽل سکيا، فني تعليم ۽ ڪراچي ايجوڪيشن سٽي جي ترقيءَ لاءِ ڪيل سيڙپڪاريءَ جو ذڪر ڪندي مراد علي شاهه سي سي اين يو سان ٻه طرفي سهڪار لاءِ ڇهن نقطن تي ٻڌل عملي فريم ورڪ پيش ڪيو. 1 استادن جي تربيت: سي سي اين يو، سنڌ جي تعليم کاتي ۽ صوبائي يونيورسٽين وچ ۾ سهڪار ذريعي تربيتي پروگرامن کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ، جنهن جي شروعات سنڌ مان ماسٽر ٽرينرز جي تياريءَ سان ڪئي ويندي 2 تعليمي متاسنا: اسڪالرشپس، استادن جي متاسنا، تحقيقي فيلوشپس ۽ مختصر مدي وارن تعليمي پروگرامن کي وڌائڻ، جيئن سرحد پار شاگردن ۽ پروفيشنلز جي اچ وڃ ۽ رابطن کي هٿي ملي. 3 چيني ٻوليءَ جي سکيا: سنڌ جي اسڪولن ۽ يونيورسٽين ۾ مندرين ٻوليءَ جي استادن جي تربيت لاءِ سي سي اين يو کي سهڪار جي دعوت ڏيڻ، جيئن ثقافتي، تعليمي ۽ معاشي رابطن کي وڌيڪ مضبوط بڻائي سگهجي. 4 گڏيل تحقيقي منصوبا: موسمياتي تبديلي، پاڻيءَ جي انتظام، مصنوعي ذهانت، قابل تجديد توانائي، اسمارٽ سٽيز ۽ سنڌو توڙي يانگزي درياهن جي تهذيبن جي تقابلي تاريخ جهڙن گڏيل اهم مسئلن تي تحقيق لاءِ سهڪاري منصوبا قائم ڪرڻ نوجوانن کي بااختيار بڻائڻ يونيورسٽيءَ ۾ تعليم حاصل ڪندڙ پاڪستاني شاگردن کي خطاب ڪندي وڏي وزير کين پاڪستان جا حقيقي سفير قرار ڏنو هن شاگردن تي زور ڀريو ته هو وڌ کان وڌ علم حاصل ڪن ۽ تعليم مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ وطن واپس اچي سنڌ جي ترقيءَ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن. هن چيو ته پاڪستان ۽ چين وچ ۾ سڀ کان مضبوط پل رڳو ڪنڪريٽ يا اسٽيل سان نه ٺهندو، پر اهو تعليم يافته، مهارتن سان ليس ۽ هڪ ٻئي سان رابطي ۾ رهندڙ نوجوانن ذريعي تعمير ٿيندو جيڪي هڪ ٻئي کي سمجهن ۽ گڏيل مستقبل لاءِ گڏجي ڪم ڪن. سي سي اين يو جي قيادت پاران آجيان ان کان اڳ يونيورسٽي پهچڻ تي وڏي وزير جي آجيان سي سي اين يو جي ڊپٽي پريزيڊنٽ مسٽر لي ۽ استادن ڪئي. بعد ۾ وڏي وزير کي يونيورسٽيءَ ۾ ڊجيٽل تدريسي ڪلاسن، تحقيقي سرگرمين ۽ اداري جي حيثيت بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. کيس ٻڌايو ويو ته يونيورسٽيءَ ۾ 30 هزار کان وڌيڪ شاگرد ۽ 25 شعبن ۾ 2500 استاد موجود آهن. باضابطه ڳالهين دوران وڏي وزير سنڌ جي ثقافتي سڃاڻپ طور روايتي اجرڪون ۽ سنڌي ٽوپيون يونيورسٽي جي صدر پروفيسر پينگ شوانگ جي ۽ پارٽي ڪميٽي جي سيڪريٽري مسٽر شيا لي شن کي پيش ڪيون. چيني قيادت سنڌ ۽ هوبئي صوبي جي ادارن وچ ۾ رابطي ۽ شاگردن جي متاسنا جي پروگرامن کي وڌائڻ ۾ گهري دلچسپي ظاهر ڪندي پيش ڪيل تجويزن جي آجيان ڪئي. وڏي وزير سان گڏ اعليٰ سطح جي وفد ۾ سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ، وزير منصوبابندي ۽ ترقي جام خان شورو، وڏي وزير جو خاص معاون سيد قاسم نويد، پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف، چيئرمين منصوبابندي ۽ ترقي نجم شاهه، سيڪريٽري سيڙپڪاري راجا خرم شهزاد، سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اسد زمان ۽ ٻيا عملدار شامل هئا.

بقايا *** 21

بري ڪندي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو جسٽس فاروق حيدر جوابدار سفيان جي اپيل منظور ڪندي ٽرائل ڪورٽ جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيو عدالت موجب، ڪيس دير سان داخل ٿيڻ ۽ شاهدن جي بيانن ۾ تضاد سبب جوابدار کي بري ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو ۽ واقعي کان ٽن ڏينهن کانپوءِ ڪيس داخل ٿيڻ جو ڪو به سبب ثابت نه ٿي سگهيو. عدالت وڌيڪ چيو ته شاهدن ۽ فريادي جي بيانن ۾ واضح تضاد موجود هو. واضح رهي ته واقعو 13 مئي 2020 ع تي پيش آيو هو جنهن ۾ هڪ شهري زخمي ٿيو هو جيڪو زخمن جا سور نه سهندي 19 مئي تي فوت ٿي ويو هو.

بقايا *** 22

[illegible]

بابر سليم سواتي، جنيد اڪبر ۽ خالد خورشيد کي اسپيڪر هائوس مان حفاظتي تحويل ۾ ورتو ويو ذريعن جو چوڻ آهي ته اسپيڪر هائوس مان هڪ صوبائي اسيمبلي ميمبر ۽ پي ٽي آءِ جي سوشل ميڊيا سان لاڳاپيل هڪ اهلڪار کي به تحويل ۾ ورتو ويو ذريعن موجب، جنيد اڪبر اسپيڪر هائوس ۾ باورچي خاني سان لاڳاپيل اسٽور ۾ موجود هئا. پي ٽي آءِ اڳواڻن کي حفاظتي تحويل ۾ وٺڻ جي ڪارروائي ٻن ڪلاڪن اندر مڪمل ڪئي وئي.

بقايا *** 23

آهي ته نائب وزيراعظم اسحاق ڊار عمان جي پرڏيهي وزير سيد بدر بن حمد بن حمودالبوسعيدي سان گڏيل وزارتي اجلاس جي دوران ملاقات ڪئي، انهي موقعي تي ٻنهي پرڏيهي وزيرن پاڪستان ۽ عمان جي وچ ۾ ويجهن ڀائيچاري لاڳاپن جي اهميت جو اظهار ڪيو ويو ترجمان موجب پاڪستان ۽ عمان گڏيل دلچسپي جي سمورن شعبن ۾ تعاون وڌيڪ مضبوط بنائڻ جي لاءِ اعليٰ سطح جي مسلسل رابطن جي اهميت تي زور ڏنو پاڪستان ۽ عمان واپار، سرمائيڪاري ۽ عوامي رابطن کي هٿي ڏيڻ جي تعاون وڌائڻ تي اتفاق ڪيو پاڪ عمان پرڏيهي وزيرن علائقائي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ، دير تائين امن، استحڪام جي لاءِ ڳالهين ۽ سفارتڪاري جي اهميت تي زور ڏنو عمان جي پرڏيهي وزير علائقائي امن، سلامتي کي هٿي ڏيڻ جي لاءِ پاڪستان جي ڪوشش جو اعتراف ڪيو نائب وزيراعظم اسحاق ڊار علائقائي امن، استحڪام جي لاءِ عمان جي تعميري ڪردار جي تعريف ڪئي. پرڏيهي وزارت جي ترجمان چيو ته پاڪستان ۽ عمان خطي ۾ امن، استحڪام جي گڏيل هدفن کي حاصل ڪرڻ واري ارادي جو اظهار ڪيو.

بقايا *** 24

ت مخالف مواد واري ڪيس ۾ وڪيل صفائي ميان علي اشفاق پاران مئجسٽريٽ جي جسماني ريمانڊ واري فيصلي کي چيلينج ڪيو ويو آهي. وڪيل صفائي ميان علي اشفاق موقف اختيار ڪيو ته مئجسٽريٽ جي فيصلي ۾ جسماني ريمانڊ ڏيڻ لاءِ ڪي به مضبوط ۽ غيرمعمولي سبب بيان نه ڪيا ويا آهن. هن چيو ته اقرار الحسن جا چار موبائل فون ۽ هڪ ٽيبليٽ نيشنل سائبر ڪرائم انويسٽيگيشن ايجنسي (اين سي سي آءِ اي) جي تحويل ۾ آهن. عدالت ڪيس جي ٻڌڻي دوران سائبر جاچ آفيسر ۽ ٻين ڌرين کان رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي.

بقايا *** 25

ڪئي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ موجب رانا مشهود احمد خان وزيراعظم محمد شهباز شريف کي وزيراعظم يوٿ پروگرام جي جاري منصوبن بابت بريفنگ ڏني.

بقايا *** 26

ختونخواهه ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جي صوبائي قيادت صوبي کي درپيش سيڪيورٽي چيلينجز کي منهن ڏيڻ ۾ ناڪام رهي آهي. پارليامينٽ هائوس ٻاهران صحافين سان ڳالهائيندي اطلاعات واري وفاقي وزير ڳالهه ٻولهه جي نتيجن جو حوالو ڏيندي چيو ته ڳالهه ٻولهه ۾ شريڪ پي ٽي آءِ اڳواڻن بظاهر ڪاميابي تي هڪ ٻئي کي مبارڪباد ڏني جڏهن ته بعد ۾ سهيل آفريدي دهشتگردي جي خلاف ڪارروائي جي حوالي سان ڪا خاطري ڪرائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو عطاءُ الله تارڙ چيو ته هڪ طرف ڊيره اسماعيل خان، هنگو ۽ ڪوهاٽ ۾ ماڻهو ماريا پيا وڃن، حملا ٿي رهيا آهن ۽ دهشتگرد آزاداڻي چرپر ڪري رهيا آهن جڏهن ته ٻئي طرف سهيل آفريدي ڊرامو هڻي رهيو آهي ۽ چئي رهيو آهي ته هو دهشتگردن جي خلاف ڪارروائي ڪرڻ جو واعدو نه ٿو ڪري سگهي، اها صورتحال انتهائي افسوسناڪ آهي. اطلاعات واري وفاقي وزير ان معاملي تي پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي بيان جي تائيد ڪندي پي ٽي آءِ جي صوبائي قيادت جي رويي کي غيرسنجيده قرار ڏنو. هن چيو ته صوبائي قيادت کي نه ته ٿئي ان کي صوبي ۾ دهشتگردي جي خاتمي ۽ سيڪيورٽي يقيني بڻائڻ جي ضرورت جو احساس آهي. عطاءُ الله تارڙ وڌيڪ چيو ته پارليامينٽ جو گڏيل اجلاس خميس ڏينهن طلب ڪيو ويو آهي جنهن ۾ خيبرپختونخواهه ۾ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ جي معاملي تي غور ڪيو ويندو.

بقايا *** 27

نٽ هائوس اسلام آباد ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي نبيل گبول چيو ته هڪ غير سنجيدا شخص خيبرپختونخوا جي حڪومت ڪيرائي ڇڏي. هن چيو ته سهيل آفريدي پنهنجي پير تي پاڻ ئي ڪهاڙي هڻي، ڊپ سبب هن چيو ته دهشتگردي جي خلاف ڪارروائي نه ٿيڻ گهرجي.

بقايا *** 28

جاري ڪندي 6 افغان ڊاڪٽرن کي فوري طور تي هاسٽل خالي ڪرڻ ۽ پاڪستان ڇڏڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي [illegible]

بقايا *** 29

[illegible]

چيو ته سياري دوران گئس جي لوڊشيڊنگ ۽ اٽي جو مسئلو حل ڪيو ويندو هو اڳ به وفاق سان وڙهندو رهيو آهي ۽ هاڻي به عوام جي حقن لاءِ آواز اٿاريندو. ترقياتي ڪم به ڪرايا ويندا، پر سڀ کان پهرين امن قائم ڪرڻ تي ڌيان ڏنو ويندو. گورنر چيو ته امن لاءِ فنڊن ۾ ڪٽوتي ڪرڻي پئي ته اها به ڪئي ويندي. فيصل ڪريم ڪنڊي موجب، خيبرپختونخوا پوليس ۾ 17 هزار جايون خالي آهن. جنهن تي آءِ جي ڪي پي کي ڀرتين ۽ ترقين بابت هدايتون ڏنيون ويون آهن.

بقايا *** 30

تي ڳالهائيندي چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه چيو ته آئون جڏهن به مهراڻ يونيورسٽي آيو آهيان مونکي خوشي ٿيندي آهي، مونکي هر ڀيري اچي بهتر محسوس ٿيو آهي، چيف سيڪريٽري چيو ته ڪنهن زماني ۾ هتي اهڙو مشڪل ماحول هوندو هو جو هتي ڪير اچڻ لاءِ تيار نه هو ۽ شاگرديائڻين جو تعداد نه اچڻ برابر هو. هن چيو ته هاڻي جامشوري جو ماحول ۽ ترقي ڏسي تبديلي جو احساس ٿئي ٿو. هن چيو ته ٻاهرين دنيا ۾ يونيورسٽين ۾ معاشي مسئلا ناهن اتي صرف تعليم، تحقيق ۽ تربيت تي سوچيو ويندو آهي. هارورڊ يونيورسٽي ۾ آئون ويو آهيان اتي پڙهڻ ۽ تحقيق ڪرڻ وارن کي چون ٿا رڳو توهان اچو سڀ ڪجهه مفت آهي ايستائين جو قرض به ڏنو ويندو آهي. هن چيو ته وائيس چانسلرن کي پينشن جي فنڊس لاءِ پريشان نه هجڻ گهرجي حڪومت ان حوالي سان جامع رٿابندي ڪري رهي آهي. آصف حيدر شاهه چيو ته ترقي يافته ملڪن جا اعلي تعليمي ادارا پاڻي، سولر بجلي ۽ گئس لاءِ پريشان ناهن. هن چيو ته اسان کي پنهنجي ادارن کي ترقي وٺرائڻي پوندي، پنهنجي ادارن ۾ ٻار پڙهائڻا پوندا. ٻارن جي ٻاهر هليو وڃڻ سان اسان نه رڳو معاشي بار کڻون ٿا پر جذبات ۽ احساسن جو بار کڻڻو پوي ٿو آصف حيدر شاهه چيو ته آئون، سيڪريٽري يونيورسٽيز اينڊ بورڊس، وائيس چانسلر مهراڻ يونيورسٽي ۽ سنڌ حڪومت جي رٿابندي واري کاتي سان ويهي جيڪي گهرون ڪيون ويون آهن انهن کي مڪمل ڪرڻ

بقايا *** 31

تي ڌاڙي جي ڪوشش دوران مبينا مقابلي ۾ هڪ ڄڻو مارجي ويو جڏهن ته ٻيو زخمي ٿي پيو. پوليس موجب مارجي ويل هڪ ڄڻو پنهنجي ئي ساٿي جي گولي لڳڻ سبب مارجي ويو. پوليس موجب جهول روڊ تي ڳوٺ خليل ماڪوراڻي ۾ قائم گتي جي فيڪٽري ۾ مبينا طور ڌاڙي جي ڪوشش ڪئي وئي، جنهن دوران فيڪٽري جي مالڪن ۽ ملازمن مزاحمت ڪئي. ان موقعي تي ڌاڙيلن مبينا طور فائرنگ ڪئي، جنهن ڪانپوءِ فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي. پوليس جي دعويٰ موجب فائرنگ جي ڏي وٺ دوران هڪ ڄڻو پنهنجي ئي ساٿي جي گولي لڳڻ سبب مارجي ويو، جڏهن ته ٻيو زخمي ٿي پيو مارجي ويل جي سڃاڻپ محمد اشرف ولد غلام رسول طور ڪئي وئي آهي، جڏهن ته زخمي جي سڃاڻپ مشتاق ولد حاڪم طور ڄاڻائي وئي آهي. پوليس موجب زخمي مشتاق کي طبي امداد لاءِ تعلقه اسپتال ٽنڊو آدم منتقل ڪيو ويو جتي کيس علاج فراهم ڪيو پيو وڃي.

بقايا *** 32

ي جو اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي وئي. مارجي ويل جي سڃاڻپ 44 سالن محمد روشن نالي ٿي آهي پوليس فوتي جو لاش ضروري قانوني ڪارروائي لاءِ اسپتال منتقل ڪرڻ ۽ واقعي جا تفصيل معلوم ڪرڻ لاءِ ڪارروائي ڪئي پئي وڃي. پوليس جو چوڻ آهي ته وارثن ٻڌايو ته گهرڀاتين جو چوڻ آهي ته ٽن هٿياربندن گهر ۾ گهڙي فائرنگ ڪئي، جڏهن ته پوليس واقعي بابت جاچ ڪري رهي آهي.

بقايا *** 33

ي چيو آهي ته مصنوعي ذهانت برطانيه جي سلامتي لاءِ خطرن ۾ اضافو ڪري رهي آهي. ڳجهي ايجنسي ايم آءِ فائيو جي سربراه سر ڪين ميڪلم جو چوڻ آهي ته مصنوعي ذهانت، برطانيه جي سلامتي لاءِ خطرن ۾ اضافو ڪري رهي آهي، اهڙن خطرن ۾ دهشتگردن ۽ مختلف ملڪن طرفان موتمار حياتياتي هٿيار تيار ڪرڻ جو امڪان به شامل آهي، هن وڌيڪ چيو ته سيني کان وڏو خطرو روس آهي، انهي جا جاسوس ۽ پراڪسي گروپ برطانيه ۽ انهي جي اتحادين کي نشانو بنائي رهيا آهن. سر ڪين ميڪلم موجب هلندڙ سال مصنوعي ذهانت بابت خطرن جو جائزو وٺڻ جي لاءِ هڪ خصوصي مرڪز قائم ڪيو ويو آهي.

بقايا *** 34

ي کي پيش ايندڙ خطرن سبب سرمائيڪارن ۽ واپارين جو ڌيان خطي جي صورتحال تي رکيل آهي. خبرون ڏيندڙ اداري رائٽرز موجب اربع جي صبح ڪاروبار جي شروعات وقت برينٽ ڪروڊ واري تيل جي قيمت 89 سينٽ يعني 0.8 سيڪڙو اضافي کان پوءِ 106.58 ڊالر في بيرل ٿي وئي جڏهن ته آمريڪي ويسٽ ٽيڪساس انٽرميڊيٽ (ڊبليو ٽي آءِ) وزارت موجب حوثي گروپ شهر ظهران ۾ [illegible]

بقايا *** 35

[illegible]

بقايا عوامي سوچ 01

آهي، واقعي ڪانپوءِ متاثرن ۽ مهر برادري پاران ڳڻتي جو اظهار ڪندي لاڳاپيل اختيارين ڪان جوابدارن خلاف ڪارروائي ۽ انصاف جي فراهمي جو مطالبو ڪيو ويو آهي. تفصيل موجب، گذريل رات تقريباً هڪ وڳي ست هٿياربندن مبينا طور منو مهر روڊ تي رٽائرڊ فوجي غلام نبي مهر ۽ شبير مهر کي روڪي هٿيارن جي زور تي ٻنهي ڄڻن ڪان ٻه سي ڊي 125 موٽرسائيڪلون ۽ مجموعي طور 3 لک 30 هزار رپيا روڪ رقم ڦري ورتي ۽ واقعي واري هنڌ تان فرار ٿي ويا. واقعي ڪانپوءِ متاثرن ۽ مهر برادري جي ماڻهن پنهنجي مدد پاڻ تحت مبينا جوابدارن جو پيڇو پڻ ڪيو پر اهي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. واقعي سبب متاثر خاندانن ۾ پريشاني پکڙجي وئي، جڏهن ته علائقي واسين پاران صالح پٽ ۽ پرياسي وارن علائقن ۾ امن امان جي صورتحال بابت ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو آهي. سندن چوڻ آهي ته شهرين جي جان، مال ۽ ملڪيت جي تحفظ لاءِ ڏوهاري وارداتن جي روڪٿام خاطر اثرائتا قدم کڻڻ جي ضرورت آهي. هنن مطالبو ڪيو ته اهم روڊن تي رات جي وقت گشت وڌايو وڃي ۽ ڏوهاري سرگرمين جي خاتمي لاءِ مناسب حڪمت عملي اختيار ڪئي وڃي. مهر برادري ۽ علائقي واسين ايس ايس پي سکر ۽ ڊي آءِ جي سکر کي اپيل ڪئي آهي ته منو مهر روڊ تي پيش آيل ڦر واري واقعي جو فوري نوٽيس وٺي، شفاف جاچ ڪرائي وڃي، مبينا جوابدارن جي سڃاڻپ ڪري ڪين گرفتار ڪيو وڃي ۽ ڦر ٿيل ٻه موٽرسائيڪلون توڙي 3 لک 30 هزار رپيا روڪ رقم واپس ڪرائڻ لاءِ قدم کنيا وڃن. هنن وڌيڪ اپيل ڪئي ته واقعي ۾ ملوث جوابدارن خلاف جلد ڪان جلد قانوني ڪارروائي ڪري متاثرن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 02

جي الزام هيٺ گهربل پرويز سمون کي گرفتار ڪرڻ لاءِ جنگشاهي پوليس پاران ناڪابندي ڪئي وئي، جنهن دوران جوابدار مبينا طور وڏي نالي ۾ ٽپو ڏئي فرار ٿي ويو. جڏهن ته پوليس سندس موٽرسائيڪل تحويل ۾ وٺي ٿاڻي منتقل ڪري ڇڏي . واقعي ڪانپوءِ جنگشاهي چوڪي تي پرويز سمون جي پياءُ پيار علي سمون مبينا طور ڪجهه عورتن سميت جنگشاهي ٿاڻي پهچي حملو ڪيو ٿاڻي ۾ ڀڃ ڊاهه ڪري رڪارڊ، ڪرسيون ۽ ٽيبلون ٽوڙيون ويون. پوليس چوڪي انچارج غلام مصطفي چوڻ مطابق پرويز سمون هڪ منشيات ڊيلر آهي ان گرفتار ڪرڻ جي. لاءِ ناڪا بندي ڪئي وئي هاليجي ڏنڊ ويجهو پوليس کي ڏسي وڏي واٽي ۾ ٽپو ڏئي فرار ٿي ويو پوليس سندس موٽر سائيڪل هٿ ڪري چوڪي تي کڻي آندي وئي. هن پرويز سمون جي مال آر آئي لسٽ نالو آهي. عورتون مرد تي حملو ڪري پوليس جوانن کي مارڪوٽ ڪئي جڏهن ته ڪورٽ جي پراپرٽيءَ ۾ شامل ۽ موٽرسائيڪل، ڪارڊ ۽ ٻيو سامان پڻ کڻي وڃڻ جو الزام هنيو

بقايا عوامي سوچ 03

ت سيد ناصر حسين شاهه جي فوڪل پرسن ايڊووڪيٽ عرفان علي دائود پوٽو جي سالگرهه ۽ تنظيم جي صدر محمد نديم شيخ ۽ چيئرمين لالا عقيل خان پاران عمري جي سعادت حاصل ڪرڻ جي خوشيءَ ۾ پرتڪلف آجياڻي جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ واپاري اڳواڻن، تنظيم جي عهديدارن ۽ شهر جي معزز شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب ۾ آل تاجر اتحاد برادرز جي سرپرستِ اعليٰ سيد عمران علي شاهه، نائب صدر عبدالفتح ميمڻ، وائيس چيئرمين عاقب بلوچ، جنرل سيڪريٽري طفيل احمد سولنگي، جوائنٽ سيڪريٽري حيدر بخش سروري، پريس سيڪريٽري امجد علي عباسي، سيد دولت شاهه، نثار احمد خلجي سميت ٻين معزز شخصيتن شرڪت ڪئي ان موقعي تي شرڪت ڪندڙن ايڊووڪيٽ عرفان علي دائود پوٽو کي سالگرهه جون واڌايون ڏنيون جڏهن ته محمد نديم شيخ ۽ لالا عقيل خان کي عمري جي سعادت حاصل ڪرڻ تي دلي مبارڪون پيش ڪيون تنهي شخصيتن کي گلن جا هار ۽ اجرڪون پارايون ويون جڏهن ته گلن جا گلدستا پيش ڪري سندن لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ويو تقريب کي خطاب ڪندي فوڪل پرسن عرفان علي دائود پوٽو آل تاجر اتحاد برادرز جي عهديدارن ۽ دوستن پاران محبت، خلوص ۽ عزت افزائي ڪرڻ تي سندن ٿورا مڃيا هن چيو ته هو پنهنجي دوستن پاران ملندڙ محبتن ۽ خلوص کي وڏي قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿو هن محمد نديم شيخ ۽ لالا عقيل خان کي عمري جي سعادت حاصل ڪرڻ تي مبارڪباد ڏيندي دعا ڪئي ته الله پاڪ سمورن مسلمانن کي پنهنجي مقدس گهر جي زيارت ۽ عمري جي سعادت نصيب فرمائي تقريب دوران واپاري اڳواڻن فوڪل پرسن عرفان علي دائود پوٽو کي روهڙي شهر جي مختلف مسئلن ۽ کي پيش ايندڙ ڏکيائين بابت پڻ آگاهه ڪيو ان موقعي تي عرفان علي دائود پوٽو چيو ته سنڌ جي صوبائي وزير بلديات سيد ناصر حسين شاهه ۽ ضلعي ڪائونسل جي چيئرمين سيد ڪميل حيدر شاهه جي هدايتن تي روهڙي ۾ ترقياتي ڪمن جو سلسلو جاري آهي. هن ٻڌايو ته شهر جي اڌ حصي ۾ پيئڻ جي صاف پاڻيءَ جي فراهمي لاءِ پائيپ لائين وڇائي پاڻي جي فراهمي شروع ڪئي وئي آهي، جڏهن ته ٻين علائقن ۾ پڻ پائيپ لائين وڇائڻ جو ڪم جاري آهي. هن وڌيڪ چيو ته شهرين جي مسئلن جي حل ۽ بنيادي سهولتن جي بهتري لاءِ واپارين جا مسئلا لاڳاپيل اختيارين تائين پهچايا ويندا

بقايا عوامي سوچ 04

حاقي ڪوسو جي وڪيل فرزانه تڪ جا مضبوط دليل ٻڌڻ بعد عدالت جوابدار کي قتل جو الزام ثابت نه ٿيڻ تي بري ڪري ڇڏيو جڏهن ته ٻيو ڪيس پڻ ختم ڪري ڇڏيو. عدالتي ڪارروائي دوران جوابدار جي وڪيل فرزانه تڪ پاران دليل پيش ڪيا ويا. دليل ٻڌڻ ۽ ڪيس جي حقيقتن جو جائزو وٺڻ بعد عدالت قلم 302 تحت داخل قتل جو الزام ثابت نه ٿيڻ تي جوابدار عاشق عرف حاقي ڪوسو کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو. اهڙيءَ طرح 22 سالن ڪان هلندڙ پراڻي ڪيس ۾ جوابدار کي رليف مليو ۽ ٻئي ڪيس جي خاتمي سان قانوني ڪارروائي پڄاڻي تي پهتي.

بقايا عوامي سوچ 05

۽ علي رضا خاصخيلي پاران ميرپورخاص جي قانوندان ايڊووڪيٽ محبوب ڪيري معرفت پٽيشن داخل ڪئي وئي هئي. پٽيشن ۾ موقف اختيار ڪيو ويو ته اميدوارن ڀرتي واري عمل دوران جسماني ٽيسٽ، لکت واري امتحان ۽ انٽرويو ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي ۽ ميرٽ لسٽ ۾ پڻ سندن نالا شامل هئا، پر ڪراچي مان جاري ڪيل حتمي لسٽ ۾ سندن نالا شامل نه ڪيا ويا. ڪيس جي اڄ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بينچ ميرپورخاص ۾ ٻڌڻي ٿي، جتي ايڊووڪيٽ محبوب ڪيري متاثر اميدوارن پاران دليل پيش ڪيا. ٻڌڻي ڪانپوءِ عدالت لاڳاپيل کاتي جي ڪنسرن آفيسرن کي 5 نومبر 2026ع تي عدالت ۾ طلب ڪرڻ جا نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا. ڪيس جي وڌيڪ ٻڌڻي 5 نومبر تي ٿيندي

بقايا عوامي سوچ 06

سانگي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ميرپورخاص جو دورو ڪري طبي سهولتن، صفائي سترائي ۽ عمارت جي صورتحال جو جائزو ورتو. ان موقعي تي اسپتال جو ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ (ايم ايس) هيمجي چوهان پڻ ساڻن گڏ هو. دوري دوران ڪمشنر ۽ سيڪريٽري صحت اين آءِ سي وي ڊي چيسٽ پين مينيجمينٽ يونٽ، او پي ڊي، ميڊيڪل وارڊ ۽ سرجيڪل وارڊ سميت اسپتال جي مختلف شعبن جو معائنو ڪيو ۽ علاج هيٺ مريضن سان ملاقات ڪري ڪين فراهم ٿيندڙ سهولتن بابت معلومات حاصل ڪئي. هنن اسپتال ۾ صفائي سترائي جي صورتحال تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي واضح ڪيو ته صفائي جي معاملي ۾ ڪنهن به قسم جو عذر قبول نه ڪيو ويندو ۽ سمورن لاڳاپيل ادارن کي گڏجي پنهنجون ذميواريون ادا ڪرڻيون پونديون. هنن اين آءِ سي وي ڊي چيسٽ پين مينيجمينٽ يونٽ ۾ فراهم ٿيندڙ سهولتن کي ساراهيو ۽ هدايت ڪئي ته مريضن کي سندن طبي ضرورتن مطابق علاج فراهم ڪيو وڃي. صحافين سان ڳالهائيندي ڪمشنر شهمير خان ڀٽو چيو ته اسپتال جي عمارت کي ڪيترائي ڍانچي جا مسئلا درپيش آهن، جڏهن ته جاري ترقياتي اسڪيم پڻ اجا تائين مڪمل نه ٿي سگهي آهي. هن چيو ته عمارت جي ڪجهه حصن ۾ فرش جون ٽائلس ٽٽي پيون آهن ۽ هيٺ دٻجي ويون آهن، جڏهن ته ٻين حصن ۾ پڻ مرمت جي ضرورت آهي. هن ٻڌايو ته انهن مسئلن جي حل لاءِ سيڪريٽري صحت سنڌ کي درخواست ڪئي وئي آهي ته جاري ترقياتي اسڪيم جو ٻيهر جائزو وٺي ضروري ڪمن جي نشاندهي ڪئي وڃي ۽ انهن جو تخمينو تيار ڪيو وڃي، جيئن رهجي ويل ڪمن کي اسڪيم ۾ شامل ڪري منصوبو مڪمل ڪري سگهجي. ڪمشنر چيو ته اسپتال کي درپيش مسئلن جي حل لاءِ موجود وسيلن جو اثرائتو استعمال ضروري آهي. ايم ايس کي انتظامي معاملن ۾ سهڪار فراهم ڪيو پيو وڃي، جڏهن ته اسپتال جي عملي کي هدايت ڪئي وئي آهي ته هو اسپتال جي بهتري ۽ مريضن کي سهولتن جي فراهمي لاءِ ايم ايس سان مڪمل سهڪار ڪن. هن وڌيڪ چيو ته اسپتال ۾ سيڪيورٽي جا انتظام پڻ وڌيڪ بهتر بڻايا ويندا. ان موقعي تي سيڪريٽري صحت سنڌ پڻ اسپتال جي صورتحال جو جائزو ورتو. مريضن کي گهربل سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ علاج معالجي جا انتظام بهتر بڻائڻ لاءِ ايم ايس کي اثرائتا قدم کڻڻ جي هدايت ڪئي وئي. ڪمشنر چيو ته لاڳاپيل کاتن جي گڏيل سهڪار سان اسپتال جا مسئلا حل ڪرڻ ۽ عوام کي بهتر طبي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ قدم کنيا ويندا. بعد ۾ ڪمشنر ميرپورخاص ڊويزن شهمير خان ڀٽو ۽ سيڪريٽري صحت سنڌ طاهر حسين سانگي ميرپورخاص ۾ تعمير هيٺ ميرپورخاص ميڊيڪل ڪاليج جو پڻ دورو ڪيو ۽ منصوبي تي جاري ڪم جي اڳيرائي جو جائزو ورتو.

بقايا عوامي سوچ 07

ختلف ريل گاڏين جا اسٽاف هئا پر هاڻ هڪ به ريل گاڏي اسٽاف نٿي ڪري هي ريلوي اسٽيشنون ملڪ جي مين لائين تي قائم آهن ريلوي اسٽيشن جيڪا انگريزن جي دور حڪومت جي دوران وجود ۾ آهيا جنهن مان هڪ اوڏيرولعل ، ريلوي اسٽيشن آهي جنهن جو اصل نالو گهانگهلا ذات سان منسب ڪيو ويو. بعد ۾ جڏهن درگاهه اوڏيرولال تي هندو توڙي مسلمانن جو اڏيرو لال درگاهه تي اچڻ وڃڻ شروع ٿيو ته ان دوران ريلوي اسٽيشن جو گهانگهلا ذات جو نالو تبديل ڪري اوڏيرولال ريلوي اسٽيشن سان سندس جو نالو منسوب ڪيو ويو هيءَ مٽياري ضلعي جي واحد ۽ وڏي ۾ وڏي ريلوي اسٽيشن آهي، آڳاٽي زماني ۾ ڪراچي ڪان لاهور تائين واپارين جو وڻج واپار هن ريلوي اسٽيشن تان هلندو هو هي ءُ اسٽيشن ان ڪري وڌيڪ ڪامياب ٿي جو هي علائقو سرسبز هو هتان مختلف جنسون ريلوي ذريعي پاڪستان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وڪري لاءِ وينديون هيون ان دور ۾ ريلوي اسٽيشن اوڏيرولال ۾ مال گاڏين ۾ ڪوئلو، ٻهه چانور ، ڪٽڪ ،چوپايو مال ، ڪپهه ، ڪاٺ ،انهن شين کي ريل گاڏيءَ ۾ ڀرڻ لاءِ ڊڪو به قائم ڪيو ويو هيو ۽ هڪ پاڻي جي ٽانڪي به تعمير ڪرائي وئي هئي جتان ٽرينن ۾ پاڻي وڌو ويندو هو ، جيئن جيئن دور بدلجندو ويو، تيئن انگريز حڪومت جون ڏنل سهولتون آهستي آهستي ختم ٿينديون ويون ،پوءِ عوام جو لاڙو ٽرانسپورٽ ڏانهن ٿيندو پئي ويو آخر ڪار نتيجو اهو سامهون پيش آيو .واپارين جو لاڙو سڄو ٽرانسپورٽ ڏانهن ٿيو ۽ اهي هلندڙ مال گاڏيون بند ٿي ويون ۽ قائم ڪيل مال ڀرڻ جا دڪا ختم ٿي ويا ،پاڻي لاءِ ڪوٽيل کوهه پڻ سڪي ويا. ۽ ريلوي اسٽيشن ملازم هجڻ باوجود شهرن مان ريل گاڏين جا اسٽاف ختم ڪري عوام کي سستي سفري سهولت ڪان محروم بڻايو ويو هتان جي رهواسين رائو سردار راجپوت.. شاعر اديب اداس سولنگي ۽ ٻين وفاقي حڪومت ڪان مطالبو ڪيو ته جلد ڪان جلد مٽياري تعلقي جي ريلوي اسٽيشن تان ختم ڪيل مسافر ريل گاڏين جا اسٽاف ٻيهر بحال ڪري عوام کي سستي سفري سهولت مهيا ڪئي وڃي

بقايا عوامي سوچ 08

51 ورهين جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري ويو سندس وفات جي خبر پوڻ شرط وارثن، مٽن مائٽن ۽ عقيدتمندن ۾ ڏک جي لهر ڇانئجي وئي مرحوم جي جنازي نماز ڪندڙي شريف ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ سياسي، سماجي اڳواڻن، علائقي جي معززين ۽ وڏي انگ ۾ عقيدتمندن شرڪت ڪئي فقير امير بخش زنگيجو جي لاڏاڻي تي سنڌ جي مختلف علائقن مان درگاهه حضرت صوفي روحل فقير سان عقيدت رکندڙ زائرين پاران تعزيت ۽ مغفرت لاءِ دعائن جو سلسلو جاري آهي اقليتي برادريءَ سان تعلق رکندڙ مردن ۽ عورتن پڻ مرحوم سان عقيدت ۽ احترام جو اظهار ڪندي سندس پوئلڳن سان همدردي ڪئي ۽ ڏک ۾ شريڪ ٿيا

بقايا عوامي سوچ 09

، تعلقي صدر امان الله هنگورو، دادو ٽائون جي جنرل سيڪريٽري محمد وسيم کوکر ۽ اعجاز علي سهاڳ جي اڳواڻي ۾ سوين استادن دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري بک هڙتال ڪيمپ قائم ڪري ڇڏئي، استادن سنڌ حڪومت ۽ تعليم کاتي ڪان مطالبو ڪيو ته مرڪز طرفان پيش ڪيل چارٽر آف ڊمانڊ تي بنا دير عمل ڪري استادن کي PSTگريڊ 16 مان پرموشن ڏئي HSTڪيو وڃي جيڪو انهن جو حق آهي، استادن مطالبو ڪيو ته سروس اسٽرڪچر، اپائنٽمينٽ ڪان ريگيولر ڪرڻ، بايوميٽرڪ ۽ بدلين جا اختيار ضلعي سطح تي منتقل ڪرڻ، پرائمري استادن جي HST۾ پروموشن، بايوميٽرڪ سزائن ۽ ڪلسٽر پاليسي جو خاتمو ڪيو وڃي، هنن وڌيڪ مطالبو ڪيو ته NCHD۽ BECS استادن کي ريگيولر ڪيو وڃي، PST پوسٽن جو تحفظ يقيني بڻايو وڃي ۽ ڇهري ذريعي حاضري واري نظام ۾ بهتري آڻي استادن جا مسئلا حل ڪيا وڃن

بقايا عوامي سوچ 10

رصحافي فداحسين سولنگيءَ احتجاج ڪندي دانهيندي چيو آهي ته ڪافي سال اڳ ۾ هالا پراڻ جي رهواسي قاضي شوڪت علي قريشيءَ ان جي پٽ قاضي ارسلان ۽ سندن مينيجر حسين بخش لاکو وارن ڪنڊواسٽاپ تي قاضي آباد ٽائون جي نالي سان پلاٽنگ ڪئي ۽ ماڻهن کي ٻڌايو ته توهان پلاٽ خريد ڪريو توهان کي پاڻي بجلي گئس ڊرينيج صحت تعليم مدرسو پارڪ مسجد اسڪول سميت سڀ سهولتون ڏنيون وينديون جنهن بعد پلاٽ خريد ڪندڙ ماڻهن گهر جو مال سون ڪپائي قرض کڻي پلاٽ خريد ڪيا ڪافي سال گذرڻ باوجود ڪجهه ماڻهن کي ڇڏي ڪري باقي هتان جي ماڻهن کي رجسٽري ڪاغذ نه ملي سگهيا آهن نه وري ماڻهن کي ڪا سهولت ملي سگهي آهي جڏهن ته قاضي شوڪت علي قريشي ۽ انهن جو مينيجر حسين بخش لاکو فوت ٿي چڪا آهن هن وقت به هن ڪالونيءَ ۾ 120 ڪان وڌيڪ گهر آباد آهن سوين ماڻهو رهن پيا گهٽين تي قبضا ٿي ويا آهن جنهن ڪري اڪثر ماڻهن جي اچ وڃ جا رستا بند آهن گندگي پڻ وڌيل آهي ماڻهو صحت لاءِ هاڃيڪار پاڻي واپرائي رهيا آهن مڇرن جو آزار وڌيل آهي گندي پاڻيءَ جي نيڪال بجلي گيس صحت تعليم سميت ڪا سهولت نه ملڻ ڪري ماڻهو پريشانين ۾ ورتل آهن ۽ عورتن سميت ٻارڙا تڪليفن کي منهن ڏيئي رهيا آهن هتان جي رهواسين پنهنجي حقن ۽ سهولتن جي حاصلات لاءِ پلاٽنگ ڪندڙ قاضي ارسلان يوسي چيئرمين ضلعي ڪائونسل جي چيئرمين اي سي مٽياري ڊپٽي ڪمشنر مٽياري ڪمشنر حيدرآباد ايم پي اي مٽياري ايم اين اي مٽياري وٽ دانهيو آهي شڪايتون ڪيون آهن هٿوهٿ لکت ۾ درخواستون به ڏنيون آهن پر هن وقت تائين سندن ڪو تدارڪ نه ٿيو آهي هاڻي مجبور ۽ لاچار ٿي ڪري پوليو مهم جو بائيڪاٽ ڪن ٿا اگر هتان جي رهواسين جا مسئلا حل نه ٿيا ته هو پنهنجن معصوم ٻارن کي پوليو جا ڦڙا نه پيارينداً اگر هتان جي رهواسين سندن اولاد کي ڪو نقصان پهتو ته ان جا ذميوار پلاٽنگ ڪندڙ قاضي ارسلان انتظاميه ۽ چونڊيل نمائندا هوندا

بقايا عوامي سوچ 11

ڪي ترقي ماڻي ڊسٽرڪٽ مئنيجر (DM) جي عهدي تي فائز ٿيڻ جي خوشي ۾ منعقد ڪئي وئي هئي. هن شاندار تقريب جو اهتمام اسٽيشن ڪوآرڊينيٽر جناب محمد علي مرجت ۽ اي ايم ٽي اسد علي چنا ڪيو هو. تقريب ۾ اسٽيشن ڪوآرڊينيٽر امرتا مصطفي زئون، اسٽيشن ڪوآرڊينيٽر نعمان علي گوپانگ، اي ايم ٽي عائشه ايوب اي وي او ذيشان جوکيو اي وي او امام بخش بلوچ، اي وي او مقصود جوکيو ۽ ٻين عملي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب کي خطاب ڪندي جناب اسد علي ميمڻ چيو ته مون پنهنجي محنت، لگن ۽ سچائي سان ڪم ڪري هن اداري ۾ پنهنجو مقام ناهيو آهي ۽ سينيئر اسٽيشن ڪوآرڊينيٽر مان ترقي ڪري ڊسٽرڪٽ مئنيجر جي عهدي تي پهتو آهيان پروگرام جي ميزباني ۽ نظامت جا فرض جناب محمد علي مرجت سرانجام ڏنا، جڏهن ته جناب ممتاز آنڊل سومرو پنهنجن خيالن جو اظهار ڪري پروگرام کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا. تقريب ۾ موجود سيني شرڪت ڪندڙن جو چوڻ هو ته محنت، سچائي ۽ لگن ئي ڪاميابي طرف وٺي وڃي ٿي ۽ ان جو نتيجو اڄ اسان جي سامهون آهي

بقايا عوامي سوچ 12

اءِ روهڙي پريس ڪلب آڏو پ ٽ الف ضلعي صدر محمد ذڪريا ٻرڙو، خان گل ڪٽپر، منظور احمد ٻرڙو جي اڳواڻي ۾ ٽن ڏينهن واري بک هڙتال ڪيمپ قائم ڪئي وئي آهي ڪيمپ ذريعي استادن پنهنجي مسئلن ڏانهن سنڌ حڪومت، تعليم کاتي ۽ لاڳاپيل اختيارين جو ڌيان ڇڪائيندي مطالبو ڪيو آهي ته سندن مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪري ڪين ترت رليف فراهم ڪيو وڃي بک هڙتال ڪيمپ جي موقعي تي استادن جو چوڻ هو ته هو پنهنجي جائز حقن ۽ مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿيا آهن سندن موجب استادن کي پيش ايندڙ مسئلن جي حل لاءِ لاڳاپيل اختيارين کي سنجيدگيءَ سان قدم کڻڻ گهرجن جيئن استادن کي درپيش ڏکيائين جو خاتمو اچي سگهي ۽ تعليمي شعبي ۾ بهتري آڻي سگهجي احتجاج ڪندڙ استادن چيو ته استادن جو ڪردار تعليمي نظام ۾ انتهائي اهم آهي تنهنڪري سندن مسئلن کي نظرانداز ڪرڻ بدران انهن جي حل لاءِ عملي حڪمت عملي جوڙي وڃي. هنن مطالبو ڪيو ته سنڌ حڪومت ۽ تعليم کاتي جا اعليٰ عملدار سندن مطالبن جو نوٽيس وٺي لاڳاپيل مسئلن جي حل لاءِ اثرائتا قدم کڻن پ ٽ الف جي استادن واضح ڪيو ته مطالبن جي منظوري ۽ مسئلن جي حل تائين سندن جدوجهد جاري رهندي هنن لاڳاپيل اختيارين تي زور ڀريو ته احتجاج کي سنجيدگيءَ سان وٺندي استادن سان ڳالهه ٻولهه ڪري سندن جائز مطالبا منظور ڪيا وڃن جيئن مسئلن جو حل ڳالهين ۽ عملي قدمن ذريعي ممڪن ٿي

بقايا عوامي سوچ 13

هيسر سان ملاقات ٿي. ملاقات دوران پير علي شاهه اسٽيڊيم بدين جي مرمت ۽ بحاليءَ جي حوالي سان تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. انشاالله جلد ئي اسٽيڊيم جي مرمت لاءِ بجيٽ رليز ڪئي ويندي. ان ڪان علاوه ضلعي بدين ۾ راندين جي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ ۽ راندين جي ميدان ۾ سهولتن جي فراهميءَ بابت پڻ ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي.

بقايا عوامي سوچ 14

يهر مٿس حملو ڪيو ويو واقعي ڪان پوءِ مردن ۽ عورتن جي هڪ ٽولي ور پوليس چوڪي تي به چڙهائي ڪئي جتي پوليس جي موجودگيءَ ۾ زخمي عورت مريم ملاح کي تشدد جو نشانو بڻايو ويو واقعي سبب علائقي ۾ ڳڻتيءَ جي لهر پکڙجي وئي آهي متاثر عورت سان پيش آيل واقعن بابت قانوني ڪارروائي ۽ ذميوارن خلاف قدم کڻڻ جو مطالبو ڪيو پيو وڃي. پوليس جي اعليٰ اختيارين ڪان مطالبو ڪيو ويو آهي ته واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي ملوث ماڻهن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ متاثر عورت کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.!

بقايا عوامي سوچ 15

ڪيٽ، فٽبال، ڪبڊي ۽ ملاکڙي جي مقابلن ۾ نوجوانن جي وڌندڙ دلچسپي ٺٽو/سجاول: ٺٽي ۽ سجاول ضلعن ۾ منشيات جي وڌندڙ استعمال ۽ نوجوان نسل کي نشي جي لعنت کان بچائڻ لاءِ ناميارِي سماجي اڳواڻ سيد بچل شاهه راندين جي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ واري مهم تيز ڪري ڇڏي آهي. سندس سهڪار سان مختلف راندين جي مقابلن ۾ حصو وٺندڙ نوجوانن جي حوصلا افزائي لاءِ وڏا روڪ انعام ۽ ٽرافيون ڏنيون پيون وڃن، جنهن سبب نوجوانن ۾ ڪرڪيٽ، فٽبال، ڪبڊي ۽ ملاکڙي سميت ٻين راندين ۾ دلچسپي وڌڻ لڳي آهي. تفصيل موجب ٺٽي ۽ سجاول ضلعن ۾ آئس، چرس، آفيم ۽ گٽڪي جي استعمال سبب نوجوان نسل کي مختلف سماجي مسئلن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. مقامي سطح تي منشيات جي ڦهلاءَ ۽ ان سان لاڳاپيل ڏوهن بابت وڌندڙ ڳڻتيءَ کي نظر ۾ رکندي سيد بچل شاهه نوجوانن کي مثبت سرگرمين ڏانهن راغب ڪرڻ جو قدم کنيو آهي. سندس مقصد نوجوانن کي راندين ذريعي صحتمند ماحول فراهم ڪرڻ، سندن صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ۽ ڪين منشيات جهڙي تباهه ڪندڙ عادت کان پري رکڻ آهي. ان سلسلي ۾ شاهه مراد گرائونڊ تي سيد بچل شاهه جي سهڪار سان ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ مختلف ٽيمن حصو ورتو. ٽورنامينٽ جي فائنل ۾ بخاري ڪرڪيٽ ڪلب شاندار ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندي ڪاميابي حاصل ڪئي، جڏهن ته نگ اليون ٻي پوزيشن حاصل ڪئي. تقريب جي خاص مهمان سيد بچل شاهه ڪامياب رانديگرن ۾ روڪ انعام ۽ ٽرافيون ورهائي سندن حوصلا افزائي ڪئي. ان موقعي تي سيد بچل شاهه خطاب ڪندي چيو ته منشيات جي لعنت نوجوان نسل جي مستقبل لاءِ هڪ سنگين خطرو بڻجي چڪي آهي. نوجوان ڪنهن به معاشري جو قيمتي سرمايو هوندا آهن، پر نشي جي عادت سندن صلاحيتن، صحت ۽ مستقبل کي تباهه ڪري سگهي ٿي. هن چيو ته نوجوانن کي ان تباهيءَ کان بچائڻ لاءِ ضروري آهي ته ڪين راندين، تعليم ۽ مثبت سماجي سرگرمين جا موقعا فراهم ڪيا وڃن. هن وڌيڪ چيو ته راندين جي مقابلن ۾ نوجوانن جي حوصلا افزائي لاءِ روڪ انعام ڏيڻ جو مقصد نه رڳو سندن صلاحيتن کي ساراهڻ آهي، پر سندن مالي مسئلن ۾ ممڪن مدد ڪرڻ ۽ ڪين صحتمند سرگرمين ڏانهن راغب ڪرڻ پڻ آهي. سيد بچل شاهه ان عزم جو اظهار ڪيو ته ٺٽي ۽ سجاول ۾ راندين جي سرگرمين کي وڌيڪ هٿي وٺرائي ويندي، جيئن نوجوان پنهنجي توانائي مثبت مقصدن لاءِ استعمال ڪن ۽ منشيات ڪان پاڪ معاشري جي قيام ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن. علائقي جي سماجي حلقن پڻ نوجوانن کي راندين ڏانهن راغب ڪرڻ واري سيد بچل شاهه جي ڪوشش کي ساراهيندي اميد ظاهر ڪئي آهي ته اهڙيون سرگرميون مستقل بنيادن تي جاري رکيون وينديون، جيئن نوجوان نسل کي منشيات جي خطرن ڪان محفوظ رکڻ ۾ مدد ملي سگهي.

بقايا عوامي سوچ 16

ن جي گرفتاري لاءِ جوهي اسپتال ۾ علاج دوران احتجاج ڪندي چيو آهي ته گذريل رات موٽر سائيڪل تي درگه بالا ڪان ڳوٺ وڃي رهيو هئس ته درگه بالا موڙ وٽ ٻن موٽر سائيڪلن تي سوار چئن ڄڻن لنين ۽ بيلٽ سان حملو ڪري زخمي ڪري فرار ٿي ويا اهڙي واقعي خلاف درگه بالا ٿاڻي تي چئن ڄڻن زاڪر، عاشق، ڏٽي بخش ، اياز خلاف اين سي داخل ڪرائي آهي مگر درگه بالا پوليس اڃاتائين هڪ به جوابدار گرفتار ناهي ڪيو هن چيو ته منهنجي پٽ سان اڳ ڪجهه وقت اڳ جوابدارن جي ٻارن هڪ ٻئي سان منهن ماري ڪئي هاڻ گذريل رات حملو ڪري زخمي ڪري جوابدار فرار ٿي ويا آهن , آخر ۾ هن ايس ايس پي دادو، ڊي ايس پي جوهي ڪان مطالبو ڪيو آهي ته حملي آور جوابدارن کي گرفتار ڪري مونکي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 17

ولد نظرو ڪارائي ۽ سمينه ولد شبير ڪارائي زخمي ٿي پيا جن کي علاج لاءِ رورل هيلٿ سينٽر ور منتقل ڪيو ويو. زخمين جي وارث مائي سڪينه ڪارائي صحافين اڳيان دانهيندي الزام هنيو ته جوابدار نشي جي حالت ۾ سندن گهر اندر گهڙي آيا ۽ ڪهاڙين ۽ چاقن سان حملو ڪري ٻابلي ۽ سمينه کي زخمي ڪري ڇڏيو مائي سڪينه موجب واقعي ۾ بشير بروهي، عظيم، محمد علي، محمودي، سمير، ايم بي ڪنر، غلام مصطفيٰ، گلابي، حاجي، حسن، شبير ۽ ٻين تي ملوث هجڻ جا الزام آهن. مائي سڪينه الزام هنيو ته واقعي باوجود پوليس ڄاڻايل جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ اثرائتي ڪارروائي نه پئي ڪري جنهن سبب متاثر خاندان پريشان آهي. هن اعليٰ پوليس اختيارين ڪان مطالبو ڪيو ته واقعي جو نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪرائي جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري ڪين انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 18

ڪلب پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو آهي ته ڳوٺ جي بااثر ماڻهن پوليس جمعدار علي حيدر پنهور، گل عرف طوطو پنهور، لڪمير پنهور ۽ ماڻڪ پنهور سندن زندگي عذاب بڻائي ڇڏي آهي ۽ روزانو سندن ذاتي ملڪيت واري 2 هزار فٽ پلاٽ تي قبضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. هنن دانهيو ته پلاٽ تي قبضي جي معاملي تان جوابدارن سندس پياءُ علي رضا پنهور ۽ گهرواري راحيلا تي تشدد ڪيو جنهن سبب سندس ڳورهاري گهرواري جي حمل کي نقصان پهچڻ جو خدشو آهي، هنن الزام هنيو ته ڳوٺ جا بااثر ماڻهو ڪين ڪافي عرصي ڪان ڳوٺ مان لڏائڻ لاءِ ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن، جنهن سبب سندن خاندان ذهني ۽ جسماني اذيت ۾ مبتلا آهي. متاثر خاندان موجب واقعي بابت پيارو اسٽيشن ٿاڻي تي اين سي رپورٽ داخل ڪرائي وئي آهي، پر پوليس طرفان اڃا تائين ڪا به اثرائتي ڪارروائي نه ڪئي وئي آهي، هنن وڌيڪ چيو ته پلاٽ تي قبضي جي ڪوشش ڪندڙ ڪين ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن، جنهن ڪري سندن زندگي خوف ۽ هراس ۾ گذري رهي آهي، ان موقعي تي پيرسن عورت وزيران پنهور روئيندي دانهيو ته سڄو ڳوٺ شاهد آهي ته سندن خاندان سان ڏاڍ ۽ جبر ڪيو پيو وڃي، هن الزام هنيو ته سندس پٽن ۽ نهن کي بار بار تشدد جو نشانو بڻايو وڃي ٿو جڏهن ته لاڳاپيل پلاٽ سندن ذاتي ملڪيت آهي، جنهن تي بنا جواز قبضي جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، هن چيو ته قبضي جي ڪوشش ڪندڙن کي منع ڪرڻ ڪانپوءِ ڪين وڌيڪ ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن، متاثر خاندان ٻڌايو ته هو انصاف جي اميد سان ايس ايس پي دادو جي آفيس به پهتا، پر ايس ايس پي موجود نه هئڻ سبب سندن ملاقات نه ٿي سگهي، هنن چيو ته هو غريب آهن ۽ وٽن ايترا پئسا به ناهن جو ٻيهر دادو اچي اختيارين سان رابطو ڪري سگهن، غلام مصطفيٰ پنهور، سندس امڙ وزيران پنهور ۽ پياءُ علي رضا پنهور آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي دادو ڪان مطالبو ڪيو ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي پلاٽ تي قبضي جي ڪوشش ڪندڙن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي، مٿن تشدد واري واقعي جو ڪيس داخل ڪري ڪين تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي، هنن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سندن دانهن نه ٻڌي وئي ته هو ايس ايس پي دادو جي آفيس آڏو مطالبن جي مڃتا تائين احتجاج ڪندا

بقايا عوامي سوچ 19

ريم ملاح الزام هڻندي چيو آهي ته منهنجي زمين تان مونکي بي دخل ڪري منهنجي گهرن تي قبضو ڪيو ويو آهي هن چيو ته سول ڪورٽ ٺٽو ۾ جوابدارن مٿان 22 ، Aجو ڪيس داخل ڪرايو اٿم جنهن تان هٿ ڪڻڻ لاءِ جوابدار عيسو ڪڙولائي منهنجي مٿان بار بار حملا ڪرائي حراسان ڪري رهيو آهي مائي مريم جو چوڻ آهي ته رات دير سان جوابدارن منهنجي مٿان حملو ڪري مونکي پنهنجي گهر ۾ زخمي ڪيو اسپتال علاج لاءِ پهتيس ته جوابدارن وارن ڪان پڪڙي مار ڪٽ ڪئي، مائي مريم ملاح اڄ تعلقا پريس ڪلب گهوڙاٻاڙي اٿئ ور اڳيان احتجاج ڪندي انصاف جي گهر ڪئي هن چيو مظلوم آهيان جوابدار طاقت ور آهن جان جو خطرو آهي ڪيس تان هٿ نه ڪڍيس مونکي ڪجهه به ٿيو ته ذميوار ساڳيا جوابدار هوندا معصوم نياڻيون آهن مڙس مزدوري ڪندو آهي ايس ايس پي ٺٽو صاف شفاف جانچ ڪرائي انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃو مائي مريم انساني حقن واري ادارن ڪان مدد جي گهر پڻ ڪئي آهي

بقايا عوامي سوچ 20

ڪارروائي جو فيصلو، ضلعي ۾ آپريشن شروع ڪرڻ جو حڪم ـ ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي ڀاڳت جي صدارت هيٺ عطائي ڊاڪٽرن ۽ غيرقانوني ڪلينڪن خلاف ڪارروائي بابت هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن جي ريجنل هيڊ ڊاڪٽر خالد حسين لغاري جي اڳواڻيءَ ۾ ڊاڪٽر ياسر امام ۽ ٻين آفيسرن تي مشتمل ٽيم شرڪت ڪئي. اجلاس دوران ضلعي ۾ عطائي ڊاڪٽرن خلاف ڪارروائي، غيرقانوني ڪلينڪن جي خاتمي ۽ عوام کي معياري طبي سهولتون فراهم ڪرڻ بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ڊپٽي ڪمشنر سرمد علي ڀاڳت لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي ته ضلعي ۾ عطائي ڊاڪٽرن خلاف جلد ڀرپور آپريشن شروع ڪيو وڃي ۽ انساني جانين سان کيڏندڙ عنصرن خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي وڃي. هن چيو ته غيرمستند ماڻهن پاران علاج ڪرڻ عوام جي صحت ۽ زندگين لاءِ هڪ سنگين خطرو آهي، جنهن کي ڪنهن به صورت ۾ نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. ڊپٽي ڪمشنر چيو ته عوام جي قيمتي جانين جو تحفظ اسان جي پهرين ترجيح آهي، انساني صحت سان کيڏندڙ ۽ گهربل قابليت توڙي اجازت ڪانسواءِ علاج ڪندڙن سان ڪنهن به قسم جي رعايت نه ڪئي ويندي. هن لاڳاپيل ادارن کي هدايت ڪئي ته اهي پنهنجون ذميواريون اثرائتي نموني ادا ڪن، عطائي ڊاڪٽرن جي نشاندهي ڪن ۽ انهن خلاف فوري ڪارروائي کي يقيني بڻائين. هن وڌيڪ هدايت ڪئي ته غيرقانوني طور هلندڙ ڪلينڪن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪندي انهن کي سيل ڪيو وڃي ۽ عطائي ڊاڪٽرن کي گرفتار ڪيو وڃي. سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن جي ٽيم ڊپٽي ڪمشنر کي عطائي ڊاڪٽرن خلاف جاري قدمن ۽ مستقبل جي حڪمت عملي بابت پڻ آگاهه ڪيو. ان موقعي تي ضلعي ٺٽي ۾ غيرمستند طبي عمل جي خاتمي ۽ شهرين کي محفوظ طبي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ گڏيل ڪوششون تيز ڪرڻ تي زور ڏنو ويو

بقايا عوامي سوچ 21

ادن پاران ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي بک هڙتالي ڪيمپ قائم ڪري علامتي بک هڙتال ڪئي وئي. بک هڙتالي ڪيمپ تي وينل اڳواڻن علي اڪبر لغاري، عبدالقيوم روڏناڻي، محمد امين جمالي، عنايت ڪوسو، محمد امين لغاري، ظهيرالدين شاهاڻي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته استادن جا جائز مطالبا تسليم ڪري ساڻن انصاف ڪيو وڃي. هنن تعليم واري وزير سردار شاهه ڪان مطالبو ڪيو ته پرائمري اسڪولن جي استادن لاءِ باقاعده سروس اسٽرڪچر ڏنو وڃي، بايو ميٽرڪ سسٽم کي ضلعي سطح تي آندو وڃي، استادن کي شروعاتي مقرري ڪان ريگيولر ڪيو وڃي ۽ ٻيا جائز مطالبا پڻ منظور ڪيا وڃن. اڳواڻن چيو ته استادن جا مسئلا ڊگهي عرصي ڪان حل نه ٿيڻ سبب استادن ۾ بيچيني پکڙيل آهي. هنن لاڳاپيل اختيارين ڪان مطالبو ڪيو ته استادن جي مسئلن جو ترت حل ڪڍي ساڻن انصاف ڪيو وڃي. احتجاج ڪندڙ اڳواڻن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سندن جائز مطالبا تسليم نه ڪيا ويا ته احتجاج جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو

بقايا عوامي سوچ 22

اهم گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ضلعي اندر پاڻي جي موجوده صورتحال، پاڻي جي منصفاڻي ورڇ، واهن جي لائننگ جي رهيل ڪم کي جلد مڪمل ڪرڻ ۽ ايل بي او ڊي سميت قدرتي آبي گذرگاهن جي صورتحال جو تفصيلي جائزو ورتو ويو گڏجاڻي کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر زارا زاهد چيو ته پاڻي زندگيءَ جو بنيادي ذريعو آهي ۽ زراعت جو دارومدار پڻ پاڻي تي آهي، تنهنڪري پاڻي جي منصفاڻي ورڇ کي يقيني بڻائڻ سان گڏ ان جي ضايع ٿيڻ کي روڪڻ لاءِ اثرائتا قدم کڻڻ ضروري آهن. هن لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته واهن جي لائننگ جو رهيل ڪم بنا دير مڪمل ڪيو وڃي، جيئن پاڻي جي بچت ٿي سگهي ۽ آبادگارن کي زرعي مقصدن لاءِ گهربل پاڻي بهتر نموني فراهم ڪري سگهجي گڏجاڻي دوران ايگزيڪيوٽو انجنيئرن ضلعي بدين ۾ پاڻي جي موجوده صورتحال، آبپاشي نظام ۽ واهن جي لائننگ بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. هنن ٻڌايو ته حڪومت سنڌ جي منصوبي تحت واهن جي لائننگ جو ڪم تيزيءَ سان جاري آهي، جنهن جي مڪمل ٿيڻ سان پاڻي جي چوري ۽ وهڪري دوران ٿيندڙ نقصان ۾ گهٽتائي ايندي، پاڻي پوڇڙ تائين پهچندو ۽ پاڻي جي بچت ٿيندي، جنهن جو سڌو فائدو آبادگارن کي حاصل ٿيندو آفيسرن وڌيڪ ٻڌايو ته پاڻي جي منصفاڻي ورڇ کي يقيني بڻائڻ لاءِ حڪومت سنڌ جي 2007ع واري پاليسي تحت فارمر آرگنائيزيشنز قائم ڪيون ويون آهن، جن ۾ علائقي جي آبادگارن تي ٻڌل ڪميٽين ذريعي پاڻي جي ورڇ جي نگراني ڪئي وڃي ٿي، جيئن مختلف علائقن جي آبادگارن کي سندن ضرورتن مطابق پاڻي جي فراهمي ممڪن بڻائي سگهجي گڏجاڻي ۾ ايگزيڪيوٽو انجنيئر ڊرينيج پاران ايل بي او ڊي (LBOD)۽ پاڻي جي قدرتي گذرگاهن بابت پڻ تفصيلي بريفنگ ڏني وئي، جنهن ۾ ڊرينيج نظام ۽ پاڻي جي نيڪال سان لاڳاپيل معاملن تي روشني وڌي وئي گڏجاڻي ۾ ايگزيڪيوٽو انجنيئر گوني ڪينال الله بچايو ايگزيڪيوٽو انجنيئر اڪرم واهه ذيشان شيخ، ايگزيڪيوٽو انجنيئر ڊرينيج بدين ضمير احمد، اي ايڪس اي اين قاضيه شهريار دراني، اي ايڪس اي اين قليلي ڪينال افتخار جوڻيجو اي ايڪس اي اين ذوالفقار علي، اي ايڪس اي اين ڊرينيج حزير نظاماڻي، ڊسٽرڪٽ انفارميشن آفيسر سرفراز سمون، واٽر سپلائي انچارج ميونسپل ڪميٽي بدين مقبول احمد راجوءِ ٻيا لاڳاپيل آفيسر پڻ موجود هئا.

بقايا عوامي سوچ 23

ت بدين جي شاگردن جي شڪايتن جو نوٽيس وٺندي ڪاليج جو دورو ڪيو جتي هن شاگردن ۾ رڪيل مارڪ شيٽون ورهايون ۽ ٽيڪنيڪل تعليم سان گڏ عملي مهارتون سکڻ جي اهميت تي زور ڏنو ان موقعي تي ڊاڪٽر نسيم الغني سهتو شاگردن کي هدايت ڪئي ته هو ٽيڪنيڪل ڪاليج مان ڊگري حاصل ڪرڻ کان پوءِ به لاڳاپيل فني ڪم ۽ عملي مهارتون سکڻ جو سلسلو جاري رکن، ڇاڪاڻ ته ٽيڪنيڪل شعبن ۾ ملڪ اندر توڙي پرڏيهي ملڪن ۾ روزگار ۽ اڳتي وڌڻ جا مختلف موقعا موجود آهن. هن چيو ته صرف ڊگري حاصل ڪرڻ ڪافي ناهي، پر ان سان لاڳاپيل عملي ڪم ۾ مهارت حاصل ڪرڻ پڻ ضروري آهي، جيئن شاگرد پنهنجي مستقبل ۾ بهتر روزگار حاصل ڪري سگهن ڪاليج جي حاضري بابت جائزي دوران معلوم ٿيو ته اداري ۾ لڳ ڀڳ 300 شاگرد داخل آهن، جڏهن ته دوري دوران صرف 8 شاگرد حاضر هئا. شاگردن جي گهٽ حاضري تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي ريجنل ڊائريڪٽر ڪاليج جي پرنسپل انجنيئر سيف الدين عباسي کي هدايت ڪئي ته شاگردن جي حاضري بهتر بڻائڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن هن پرنسپل کي وڌيڪ هدايت ڪئي ته هر ٽن مهينن ڪان پوءِ شاگردن ۽ سندن والدين جي گڏجاڻي (اسٽوڊنٽس پيرينٽس ميٽنگ) منعقد ڪئي وڃي، جنهن ۾ شاگردن جي حاضري، تعليمي ڪارڪردگي ۽ فني تربيت بابت والدين کي آگاهه ڪيو وڃي. هن چيو ته والدين کي پڻ پابند ڪيو وڃي ته هو پنهنجن ٻارن کي باقاعدگي سان ڪاليج موڪلين، جيئن اهي ٽيڪنيڪل تعليم حاصل ڪرڻ سان گڏ لاڳاپيل عملي مهارتون به سکي سگهن ڊاڪٽر نسيم الغني سهتو ان ڳالهه تي زور ڏنو ته ٽيڪنيڪل تعليم نوجوانن کي باصلاحيت ۽ خودمختيار بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي، تنهنڪري شاگرد، والدين ۽ ڪاليج انتظاميا کي گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي ته جيئن فني تعليم جو مقصد حقيقي معنيٰ ۾ حاصل ٿي سگهي

بقايا عوامي سوچ 24

م ٻارن کي باحفاظت ڳولي سندن ڏاڏي حوالي ڪري ڇڏيو ٻارن جي باحفاظت واپسي تي وارثن پوليس جا ٿورا مڃيا، تفصيل موجب اڄ صبح نيو پنڊ ٿاڻي تي ٻارن جي ڏاڏي سڪندر ابڙو پنهنجي ٻن پوٽن، 5 سالن جي عتيق ابڙو ۽ 4 سالن جي دانيال ابڙو جي گم ٿيڻ جي رپورٽ داخل ڪرائي هئي، واقعي جو نوٽيس وٺندي ايس ايس پي سکر احمد چوڏري (PSP)، (QPM) ايس ڊي پي او سٽي سهيل احمد سومرو کي گم ٿيل ٻارن جي فوري ڳولا ۽ باحفاظت بازيابي جا حڪم جاري ڪيا، جنهن ڪانپوءِ پوليس پاران سڄي شهر ۾ ٻارن جي ڳولا جو سلسلو شروع ڪيو ويو. ڊي ايس پي سٽي سهيل احمد سومرو جي سربراهي ۾ ايس ايڇ او نيو پنڊ ٿاڻي مؤثر حڪمت عملي تحت ڪارروائي ڪندي ٻنهي ٻارن کي باحفاظت هٿ ڪري ورتو ۽ بعد ۾ ڪين سندن ڏاڏي سڪندر ابڙو حوالي ڪيو ويو. ٻارن جي باحفاظت واپسي تي وارثن نيو پنڊ پوليس، خاص طور تي ايس ايس پي سکر احمد چوڏري جي بروقت ڪارروائي کي ساراهيندي سندس ٿورا مڃيا ۽ پوليس لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو.

بقايا عوامي سوچ 25

انساني جانيون بچائڻ لاءِ گڏيل ڪوشش تي زور، ڊسٽرڪٽ ڪائونسل سکر جي اهتمام هيٺ آرٽس ڪائونسل ۾ تقريب منعقدڊسٽرڪٽ ڪائونسل سکر جي اهتمام هيٺ آرٽس ڪائونسل سکر ۾ ورلڊ ٽراما ڊي جي حوالي سان آگاهي سيمينار منعقد ڪيو ويو، جنهن جو خاص مهمان ڊسٽرڪٽ ڪائونسل سکر جو چيئرمين سيد ڪميل حيدر شاهه هو جڏهن ته اعزازي مهمان طور ڪمشنر سکر ڊويزن عابد سليم قريشي شرڪت ڪئي. سيمينار دوران ٽراما ۽ حادثن ڪان بچاءَ، هنگامي حالتن ۾ حفاظتي اپائن، فوري طبي امداد ۽ متاثرن کي بروقت ويجهي يا لاڳاپيل اسپتال پهچائڻ بابت پينل ڊسڪشن پڻ منعقد ڪئي وئي. سيمينار ۾ ماهر ٽراما سرجن ڊاڪٽر فضا افتخار احمد، ٽراما سينٽر سکر جو ڊائريڪٽر ڊاڪٽر محمود قريشي، ڊائريڪٽر هيلٿ سروسز ڊاڪٽر فرخ امتياز پنيرو، ريسڪيو 1122 جو ڊائريڪٽر ڪرنل (ر) غلام مصطفيٰ اوڍو، ڊي آءِ جي سکر ناصر آفتاب، ڊاڪٽر احمد خبير، موٽروي پوليس جو ڊي ايس پي افتخار احمد، ايدهي سينٽر سکر جو ڊائريڪٽر گل مهر، موڊريٽر ڊاڪٽر وجاهت، آرگنائيزر سيد جواد شاهه ۽ چيف آرگنائيزر توڙي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي چيف آفيسر ظفر اقبال مغل سميت لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن، يونيورسٽين جي شاگردن، شهر جي معززين، صحافين ۽ ٻين لاڳاپيل ڌرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. آگاهي سيمينار کي ڪمشنر سکر عابد سليم قريشي خطاب ڪندي چيو ته ٽراما ۽ حادثن جي صورت ۾ انساني جانيون بچائڻ لاءِ سماج جي هر فرد کي پنهنجو اهم ۽ اثرائتو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. حادثي جي متاثرن کي فوري طبي امداد فراهم ڪرڻ ۽ ريسڪيو 1122، پوليس سميت لاڳاپيل ادارن کي ترت اطلاع ڏيڻ انتهائي ضروري آهي. هن چيو ته ڪنهن به حادثي جي صورت ۾ حفاظتي اپائن تي عمل ڪندي انساني جانين جي تحفظ کي اوليت ڏيڻ گهرجي. هن وڌيڪ چيو ته ٽريفڪ قانونن تي عملدرآمد، قانون جي بالادستي، ذميواراڻي رويي ۽ مثبت سوچ کي هٿي ڏيڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ ٽراما بابت آگاهي سيمينار منعقد ڪرڻ ضروري آهن، جيئن شاگردن ۽ نوجوانن کي حادثن ڪان بچاءَ ۽ هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ بابت مناسب ڄاڻ ۽ تربيت ملي سگهي. ڊسٽرڪٽ ڪائونسل سکر جي چيئرمين سيد ڪميل حيدر شاهه خطاب ڪندي چيو ته ورلڊ ٽراما ڊي جي حوالي سان آگاهي سيمينار منعقد ڪرڻ ۾ ماهر ٽراما سرجن ڊاڪٽر فضا افتخار احمد جو اهم ڪردار رهيو آهي. هن ٻڌايو ته سکر ۾ 50 بسترن تي ٻڌل ٽراما سينٽر قائم ڪيو ويو آهي، جڏهن ته روهڙي ۾ 500 بسترن تي ٻڌل ٽراما سينٽر قائم ڪرڻ جو منصوبو پڻ آهي. هن چيو ته سنڌ حڪومت روڊ حادثن جي متاثرن کي فوري طبي امداد ۽ صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ريسڪيو 1122 کي فعال ڪيو آهي، جڏهن ته ڊسٽرڪٽ ڪائونسل سکر پاران سکر، خيرپور ۽ گهوٽڪي جي متاثر عوام جي سهولت لاءِ ايئر ايمبولينس سروس پڻ شروع ڪئي وئي آهي. سيد ڪميل حيدر شاهه نوجوانن ۽ شاگردن کي مخاطب ٿيندي چيو ته سماجي نظام کي بهتر بڻائڻ لاءِ پنهنجي سوچ ۽ روين ۾ مثبت تبديلي آڻڻ ضروري آهي. هن چيو ته ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ ٽراما بابت آگاهي سيمينار منعقد ٿيڻ گهرجن. جيئن گڏيل سهڪار، انسانيت جي خدمت ۽ هڪ ٻئي جي مدد ڪندڙ سماج جي تعمير ڪري سگهجي. پينل ڊسڪشن دوران ماهر ٽراما سرجن ڊاڪٽر فضا افتخار احمد چيو ته ڪراچي ڪان پوءِ سکر ۾ پڻ ٽراما سينٽر ڪم ڪري رهيو آهي، جڏهن ته هن شعبي ۾ وڌيڪ ڪم ڪرڻ ۽ سهولتن کي بهتر بڻائڻ جي ضرورت آهي. هن حادثن ۽ هنگامي واقعن جي صورت ۾ ترت ريسڪيو ڪارروائين، فوري طبي امداد ۽ متاثرن کي بروقت اسپتال پهچائڻ بابت پنهنجون اهم تجويزون پيش ڪيون. ڊاڪٽر فضا افتخار احمد سيمينار ۾ شرڪت ڪندڙن تي زور ڀريو ته حادثن دوران انساني جانيون بچائڻ ۽ متاثرن کي ٻيهر معاشري جو ڪارائتو حصو بڻائڻ لاءِ لاڳاپيل ادارن ۽ شهرين کي گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي. سيمينار دوران شرڪت ڪندڙن پوليس، موٽروي پوليس، ريسڪيو 1122، ايدهي سروسز ٽراما سينٽر ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جي آفيسرن ڪان مختلف سوال پڻ ڪيا، جن جا لاڳاپيل آفيسرن تفصيل سان جواب ڏنا ۽ هنگامي حالتن ۾ ادارن جي ڪردار بابت آگاهي فراهم ڪئي. تقريب جي پڄاڻيءَ تي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل سکر پاران مهمانن کي اعزازي شيلڊون پيش ڪيون ويون، جڏهن ته ماهر ٽراما سرجن ڊاڪٽر فضا افتخار احمد پاران مهمانن کي ٽراما بابت آگاهي ڪتاب پڻ ڏنو ويو. سيمينار ۾ ان ڳالهه تي زور ڏنو ويو ته حادثن ڪان بچاءَ، فوري طبي امداد، بروقت ريسڪيو ۽ عوامي آگاهي ذريعي قيمتي انساني جانيون بچائي سگهجن ٿيون. جنهن لاءِ سرڪاري ادارن، تعليمي ادارن ۽ عام شهرين کي گڏيل ڪردار ادا ڪرڻو پوندو.

بقايا عوامي سوچ 26

ترقياتي منصوبن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. ملاقات ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي مٽياري جي صدر پير امير علي شاهه هاشمي، جنرل سيڪريٽري فضيل حبيب شاهه، سينيئر اڳواڻ سيد جاني شاهه حسيني ۽ نائب صدر سيد غلام مصطفيٰ شاهه شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ضلعي ۾ پارٽي جي تنظيمي صورتحال، عوامي مسئلن ۽ ترقياتي ڪمن جي اڳيرائي سميت مختلف اهم معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ملاقات دوران ضلعي قيادت پاران مٽياري ۾ پارٽي جي تنظيمي سرگرمين، تعلقي ۽ ٽائون سطح تي تنظيم سازي جي عمل ۽ عوام سان رابطن بابت آگاهي ڏني وئي. اڳواڻن ضلعي اندر جاري ۽ رهيل ترقياتي منصوبن تي پڻ تفصيلي بريفنگ ڏني ۽ انهن جي جلد تڪميل جي ضرورت تي زور ڏنو. ان موقعي تي پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار کهڙو مٽياري ضلعي ۾ پارٽي جي تنظيم سازي کي تعلقي ۽ ٽائون سطح تائين مڪمل ڪرڻ واري عمل کي ساراهيو ۽ ضلعي قيادت جي تنظيمي ڪوشش کي اڳتي وڌائڻ جي هدايت ڪئي. هن ضلعي جي اڳواڻن کي چيو ته پارٽي جي تنظيمي ڍانچي کي وڌيڪ فعال بڻائڻ سان گڏ عوام سان رابطن کي مضبوط ڪيو وڃي ۽ ماڻهن جي مسئلن کي اوليت جي بنياد تي اجاگر ڪري انهن جي حل لاءِ ڪوششون ڪيون وڃن. نثار کهڙو پاران ضلعي قيادت کي رهيل ترقياتي منصوبن جي تڪميل لاءِ لاڳاپيل اختيارين سان رابطا ڪري ڪم جلد مڪمل ڪرائڻ جون هدايتون پڻ ڏنيون ويون، جيئن ترقياتي منصوبن جا ثمر عوام تائين پهچي سگهن. ملاقات ۾ ان عزم جو اظهار ڪيو ويو ته مٽياري ضلعي اندر پارٽي جي تنظيمي سرگرمين کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ، عوامي مسئلن جي حل ۽ ترقياتي منصوبن جي اڳيرائي لاءِ گڏيل ڪوششون جاري رکيون وينديون

بقايا عوامي سوچ 27

آهي بااثر شخص ياسين نظاماڻي، شاهنواز نظاماڻي عليونواز ،زاهد غلام نبي نظاماڻي وارن اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي هنن اسان جي سيني مردن کي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي ڇڏيا آهن اسان شاهنواز نظاماڻي وارن ڪان پلاٽ ورتو هو جنهن جي لکت اسان وٽ موجود آهي هاڻي 10 لک وٺڻ ڪانپوءِ وري پنج لک ٻيا گهري رهيا آهن اسين غريب ماڻهو آهيون ڪاٿڻ لاءِ ڪجهه ناهي مٿان وري ڄاڻايل ڌر جا ماڻهو اسان جي مردن مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي رهيا آهن اسان جي هڪ نوجوان بخش علي کي پوليس کي پئسا ڏئي گرفتار پڻ ڪرايو آهي جڏهن ته درياء خان ۽ دلدار ماڇي جي مٿان پڻ ڪوڙي ايف آئي آر داخل ڪرائي آهي اسان اڄ ايس ايس پي مٽياري وٽ پهچي پنهنجو فرياد داخل ڪرايو آهي اسين آءِ جي سنڌ ۽ ڊي آئي جي حيدرآباد ڪان مطالبو ٿا ڪريون ته اسان غريبن سان انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ اسين حيدرآباد پريس ڪلب تي پهچي پنهنجي پاڻ کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏينداسين جنهن جا ذميوار ڄاڻايل جوابدار هوندا

بقايا عوامي سوچ 28

ڪرڻ ۽ نوجوانن سان جهيڙو ڪرڻ جا الزام سامهون آيا آهن. جڏهن ته ڄاڻايل معاملي بابت رابطو ڪرڻ تي ڊسٽرڪٽ رپورٽر غوث بخش مهر سان مبينا بدتميزي ڪرڻ جو واقعو پڻ پيش آيو آهي. شڪايت ڪندڙن لاڳاپيل اختيارين ڪان معاملي جو نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪرائڻ ۽ قانون موجب ڪارروائي ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي. شڪايت ڪندڙن موجب، ڄاڻايل ايجنٽ تي گهرن جي قسطن مان مبينا ڪٽوتيون ڪرڻ جا الزام آهن، جڏهن ته نوجوانن سان جهيڙي ڪرڻ جون شڪايتون پڻ سامهون آيون آهن. شڪايت ڪندڙن طرفان اهو به دعويٰ ڪيو ويو آهي ته ڄاڻايل ايجنٽ مبينا طور پوليس بابت چوندو آهي ته "پوليس منهنجو ڇا بگاڙي سگهندي؟ ٻئي طرف، الزامن هيٺ آيل سهيل پنجابي سان رابطو ڪري سندس موقف معلوم ڪيو ويو ته هن پنهنجي مٿان لڳايل الزامن کي بي بنياد قرار ڏيندي چيو ته "مون مٿان بي بنياد الزام آهن." شڪايت ڪندڙن ۽ ڄاڻايل ايجنٽ جي موقف کي نظر ۾ رکندي معاملي جي حقيقت معلوم ڪرڻ لاءِ غيرجانبدار جاچ ضروري آهي. لاڳاپيل اختيارين ڪان مطالبو ڪيو ويو آهي ته گهرن جي قسطن جي وصوليءَ جو رڪارڊ چيڪ ڪيو وڃي، مبينا متاثر شهرين جا بيان ورتا وڃن ۽ رپورٽر سان مبينا بدتميزي واري معاملي جي به جاچ ڪئي وڃي. اختيارين ڪان مطالبا شڪايت ڪندڙن آءِ جي سنڌ پوليس، ايس ايس پي سکر احمد فيصل چوڌري ۽ ايس ايڇ او صالح پٽ کي اپيل ڪئي آهي ته: ـ گهرن جي قسطن مان مبينا ڪٽوتين جي مڪمل ۽ شفاف جاچ ڪرائي وڃي. ـ نوجوانن سان جهيڙي ڪرڻ جي الزامن جو نوٽيس ورتو وڃي. ـ ڊسٽرڪٽ رپورٽر غوث بخش مهر سان مبينا بدتميزي واري معاملي جي جاچ ڪئي وڃي. ـ جيڪڏهن جاچ دوران قانون جي ڀڃڪڙي ثابت ٿئي ته ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي. شڪايت ڪندڙن مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو جلد نوٽيس وٺي حقيقتن جي روشنيءَ ۾ مناسب قدم کنيا وڃن، جيئن شهرين جون شڪايتون دور ٿي سگهن ۽ قانون جي بالادستي برقرار ره

بقايا عوامي سوچ 29

يئيٽو ۽ سٽيزن نيٽ ورڪ فار بجيٽ اڪائونٽيبلٽي پاران عوامي خرچن ۾ شفافيت ۽ عوامي شراڪت جي حوالي سان ڪميونٽي اڪائونٽيبلٽي فورم منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ سول سوسائٽي، مقامي نمائندن، شهرين ۽ ميڊيا جي نمائندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. فورم کي بريفنگ ڏيندي سڪار ويلفيئر آرگنائيزيشن جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ايڊووڪيٽ محمد بخش ڪنير چيو ته عوامي خرچن ۾ شراڪت وارو نظام اهڙو طريقو آهي، جنهن تحت مقامي شهرين، ڪميونٽي اڳواڻن ۽ ميڊيا کي سرڪاري فنڊن، ترقياتي بجيٽ ۽ عوامي خرچن جو جائزو وٺڻ سان گڏ پنهنجي راءِ ڏيڻ جو موقعو فراهم ڪيو وڃي ٿو هن چيو ته سرڪاري ترقياتي منصوبن ۽ بجيٽ جي استعمال ۾ شفافيت يقيني بڻائڻ، لاڳاپيل ادارن ۽ عملدارن ڪان جوابدهي ڪرڻ ۽ ترقياتي ترجيحن جي تعين ۾ عوام جي آواز کي شامل ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. فورم ۾ پيش ڪيل تحقيقي جائزي ۽ رپورٽن ۾ سفارش ڪئي وئي ته ترقياتي فنڊن ۽ انهن جي استعمال جا تفصيل عوام آڏو پڌرا ڪيا وڃن ۽ سرڪاري خرچن جي نگراني لاءِ سماجي آڊٽ جو باقاعده نظام قائم ڪيو وڃي. ان سان گڏ تعليم، صحت ۽ صاف پيئڻ جي پاڻي سميت بنيادي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي فنڊن جي منصفاڻي ورڇ يقيني بڻائڻ تي پڻ زور ڏنو ويو. شرڪت ڪندڙن چيو ته ترقياتي منصوبن ۾ ٿيندڙ بي ضابطگين، ناقص تعميراتي ڪمن ۽ فنڊن جي غير مناسب استعمال بابت شهرين جون شڪايتون ٻڌڻ ۽ انهن جو ازالو ڪرڻ لاءِ مقامي سطح تي اثرائتو نظام قائم ٿيڻ گهرجي. اجلاس جي پڄاڻي تي مقررين ميڊيا ۽ سول سوسائٽي تي زور ڏنو ته اهي عوامي پئسي جي صحيح استعمال ۽ ترقياتي منصوبن جي نگراني ۾ پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪن، جڏهن ته مقامي انتظاميا ڪان مطالبو ڪيو ويو ته بجيٽ سازي ۽ ترقياتي رٿائن ۾ عوامي شراڪت ۽ شفافيت کي يقيني بڻائي وڃي.

بقايا عوامي سوچ 30

نديم رحمان ميمڻ ميرپورخاص جي مختلف ڪاليجن جا دورا ڪيا، جتي هن ڪلاسن ۾ جاري تدريسي عمل، صفائي سترائي، عملي جي حاضري ۽ ڪاليجن ۾ وائيٽ واش سميت ٻين انتظامي معاملن جو جائزو ورتو. دوري دوران ڪاليجن ۾ تعليمي سرگرمين، صفائي سترائي ۽ عملي جي حاضري بابت انتظامن تي خوشيءَ جو اظهار ڪيو ويو. دوري جو مقصد ڪاليجن ۾ تعليمي ماحول ۽ انتظامي معاملن جو جائزو وٺڻ هو. ڪاليجن جي دوري ڪانپوءِ سيڪريٽري ڪاليجز سنڌ نديم رحمان ميمڻ ڊائريڪٽر ڪاليجز ريجنل ڊائريڪٽر ڪاليجز ميرپورخاص پروفيسر ڊاڪٽر مير حفيظ الله ٽالپر صاحب جن جي آفيس پهتا سيڪريٽري ڪاليجز سنڌ ريجنل ڊائريڪٽر ڪاليجز ميرپورخاص جي ڪارڪردگي مان مطمئن نظر آيا

بقايا عوامي سوچ 31

ڪل 136 شاگرد داخل آهن. جڏهن ته سموري اسڪول جي تعليمي ذميواري صرف هڪ استاد جي حوالي آهي. ڳوٺاڻن موجب اسڪول ۾ اڪثر روزانو 100 ڪان وڌيڪ شاگرد حاضر ٿين ٿا، پر هڪ استاد لاءِ ايتري وڏي تعداد ۾ شاگردن کي بهتر نموني پڙهائڻ انتهائي ڏکيو آهي. اسڪول ۾ وڌيڪ استاد نه هجڻ سبب ڪيترائي ٻار اڃا تائين داخلا وٺڻ ڪان محروم آهن. جڏهن ته نياڻين جي تعليم کي بهتر بڻائڻ لاءِ به وڌيڪ استادن جي سخت ضرورت آهي. ياد رهي ته سال 2025ع ۾ هن ئي اسڪول ۾ شاگردن جو انگ صرف پنج ڪان ڏهه هو پرنئين استاد جي اچڻ ڪانپوءِ هڪ سال اندر شاگردن جو انگ وڌي 136 تائين پهچي ويو آهي. هي واڌارو ظاهر ڪري ٿو ته جيڪڏهن اسڪول ۾ وڌيڪ استاد مقرر ڪيا وڃن ته ڳوٺ جي ٻارن کي تعليم جا وڌيڪ بهتر موقعا ملي سگهن ٿا. ڳوٺاڻن ۽ والدين وس وارن اختيارين ڪان مطالبو ڪيو آهي ته اسڪول ۾ فوري طور وڌيڪ استاد مقرر ڪيا وڃن، جيئن شاگردن کي معياري تعليم ملي سگهي ۽ خاص طور تي نياڻين جي تعليم کي هٿي ملي. هڪ استاد تي ايتري وڏي تعداد ۾ شاگردن جي پڙهائيءَ جو بار وجهڻ بدران اسڪول جون ضرورتون پوريون ڪيون وڃن، جيئن ڳوٺ جو ڪو به ٻار تعليم ڪان محروم نه رهي. جيڪڏهن چاهيو ته هن خبر جي وڌيڪ مختصر، تيز ۽ اخبار جي فرنٽ پيج لاءِ مناسب سرخي به تيار ڪري سگهان ٿو.

بقايا عوامي سوچ 32

خت احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. احتجاج ڪندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين اسڪول جي بلڊنگ جو ڪم اڌ ۾ ڇڏڻ تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي لاڳاپيل اختيارين ڪان فوري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي. ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين جو چوڻ هو ته سندن اسڪول جي بلڊنگ جو تعميراتي ڪم اڃا تائين مڪمل نه ٿي سگهيو آهي، جڏهن ته ٺيڪيدار عمارت جو ڪم اڌ ۾ ڇڏي هليو ويو آهي. اسڪول جي عمارت جو ڪم مڪمل نه ٿيڻ سبب ڪين تعليم حاصل ڪرڻ دوران سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، جنهن ڪري سندن تعليمي سرگرميون پڻ متاثر ٿي رهيون آهن. شاگردن ۽ شاگردياڻين جو چوڻ هو ته تعليم هر ٻار جو بنيادي حق آهي، پر اسڪول جي عمارت جو ڪم مڪمل نه ٿيڻ سبب ڪين بهتر تعليمي ماحول ميسر نه ٿي رهيو آهي. هنن چيو ته اسڪول جي بلڊنگ جو ڪم جلد مڪمل ڪرايو وڃي، جيئن هو بنا ڪنهن تڪليف جي پنهنجي تعليم جاري رکي سگهن. احتجاج ڪندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين ضلعي مٽياري جي ايم اين اي، ايم پي اي، ڊپٽي ڪمشنر مٽياري ۽ تعليم کاتي جي لاڳاپيل عملدارن کي اپيل ڪئي ته اسڪول جي عمارت جو ڪم اڌ ۾ رهجي وڃڻ جو فوري نوٽيس وٺي، تعميراتي ڪم مڪمل ڪرائڻ لاءِ هنگامي بنيادن تي قدم کنيا وڃن. هنن وڌيڪ مطالبو ڪيو ته اسڪول جي عمارت جو ڪم مڪمل ڪرائي شاگردن ۽ شاگردياڻين کي بهتر تعليمي سهولتون فراهم ڪيون وڃن، جيئن هو پرسڪون ماحول ۾ تعليم حاصل ڪري پنهنجي مستقبل کي روشن بڻائي سگهن. شاگردن ۽ شاگردياڻين اختيارين کي اپيل ڪئي آهي ته سندن تعليمي مستقبل کي نظر ۾ رکندي اسڪول جي عمارت جو رهيل ڪم جلد مڪمل ڪرايو وڃي

بقايا عوامي سوچ 33

وارن ڪيسن ۾ جوابدار انمول عرف پنڪي ۽ ٻين جوابدارن جي پيش نه ٿيڻ تي عدالت سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو. عدالت جي حڪم باوجود جيل اختيارين جوابدار انمول عرف پنڪي ۽ ٻين شريڪ جوابدارن کي پيش نه ڪيو جنهن تي عدالت جيل سپرنٽينڊنٽ سينٽرل جيل ۽ وومين جيل پاران عدالتي حڪم تي عمل نه ڪرڻ تي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو عدالت چيو ته ڪيس جي عي ڪيس جون ڪاپيون فراهم ڪرڻ ممڪن ناهي. عدالت انمول عرف پنڪي سميت ٻين جوابدارن کي ايندڙ ٻڌڻي تي لازمي طور پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي .عدالت روپوش جوابدارن کي اشتهاري قرار ڏيڻ واري ڪارروائي جاري رکڻ جي به هدايت ڪئي، جڏهن ته ڪيس جي ٻڌڻي ايندڙ هفتي تائين ملتوي ڪري ڇڏي آهي .پراسيڪيوشن موجب جوابدارن کي هلندڙ سال گرفتار ڪيو ويو هو جڏهن ته انمول عرف پنڪي وڏي پيماني تي منشيات جي خريد ۽ وڪري جو ڪاروبار ڪندي هئي. جوابدارن خلاف ڳارڊن ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيا ويا هئا.

بقايا عوامي سوچ 34

نوٽيس وصول ڪرڻ ڪان انڪار ڪري ڇڏيو آهي .سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس اقبال ڪلهوڙي جي سربراهي ۾ ٻه رڪني بئنچ ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي .ٻڌڻي جي دوران جوابدارن ارمغان ۽ شيراز پاران عدالتي نوٽيس وصول ڪرڻ ڪان انڪار ڪرڻ تي عدالت حيرت جو اظهار ڪيو.جسٽس محمد اقبال ڪلهوڙو رمارڪس ڏيندي چيو ته "ڇا جوابدار عدالت جو نوٽيس وصول ئي نه پيو ڪري؟ان موقعي تي وڪيل افتخار شاهه عدالت کي ٻڌايو ته جوابدارن ٻيو پيرو به عدالت جو نوٽيس وصول نه ڪيو آهي. عدالت رمارڪس ڏنا ته جوابدار عدالتي نوٽيس به وصول نه ڪري رهيا آهن، جڏهن ته ٽرائل ڪورٽ ۾ جج مقرر نه ٿيڻ سبب عدالت به خالي پيل آهي. عدالت ڪيس جي ٻڌڻي اڻڄاتل مدي تائين ملتوي ڪري ڇڏي آهي .واضح رهي ته مصطفيٰ عامر قتل ڪيس ۾ جوابدار ارمغان جي ريمانڊ بابت 4درخواستون منظور ٿيڻ جو پڻ ذڪر ڪيو ويو آهي.

بقايا عوامي سوچ 35

هنگورجو جعمن هنگورجو ڪليم الل هنگورجو جوچوڻ آهي ت ڊي ايڪٽو اسڪول کي ڪولي معصوم ٻارن جي تباهه ٿيندڙتعليم کي بچايو وڃي اسڪول کي ڊي ايڪٽو ڄاڻائي استادن کي گذريل ايس ٽي آر ۾ بدلي ڪري ٽرجي معصوم ٻارن کي تعليم جي زيور کان محروم رکيو ويو آهي جڏهن سنڌ سيڪريٽري اسڪولس ايجيو ڪيشن جي طرفان ڪليل ڪچهريون ڪرائي بند اسڪول کولڻ جا مڪمل فائيل پلاننگ اينڊ ڊيوليمينٽ اسڪول ايجيوڪيشن ڊپارٽمينٽ کاتي حوالي ڪيا پراجان تائين انهن جوفيصلونٿوڪيو وڃي ان کي ڪيترا سال گذري چڪا آهن ۽ احتجاجن تي اسڪول کوليا ن پيا وڃن چونڊيل نمائندن کي ب اها مڪمل خبرآهي ۽ ڳوٺاڻن پاران ب باربار شڪايتون ڪيون ويون آهن ت ڪيتراسڪول اڄ ڏينهن تائين بند پيل آهن انهن تعليم جي صوبائي وزير سردارشاه ۽ سنڌ سيڪريٽري تعليم کان مطالبوڪيو آهي ت هن معاملي جونوٽيس وٺي جيڪي اسڪول کلڻ جهڙا آهن انهن کي جلد ب جلد کولڻ جونوٽيفڪيشن جاري ڪيووڃي ۽ معصوم ٻارن جي تعليم متاثرٿي رهي آهي

بقايا عوامي سوچ 36

ي ڳوٺ عالم خان مگسي وٽ ٻن موٽرسائيڪلن ۾ آمهون سامهون زوردار ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ رٽائرڊ پرائمري استاد محمد عثمان ڪنڀار موقعي تي ئي فوت ٿي ويو جڏهن ته ڳوٺ جنهاڻ سومرو واسي محمد سليمان سومري جو فرزند نور محمد سومرو سخت زخمي ٿي پيو، رپورٽ موجب، فوتي محمد عثمان ڪنڀار قادر ڏنو شاهه جو رهواسي ٻڌايو پيو وڃي، جڏهن ته زخمي نور محمد سومرو کي طبي امداد فراهم ڪرڻ لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي، حادثي ڪانپوءِ فوتي ۽ زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي زخمي کي طبي امداد فراهم ڪئي پئي وڃي، افسوسناڪ واقعي سبب علائقي ۾ ڏک ۽ افسوس جي لهر ڇانئجي وئي، هوڏانهن ايس ايڇ او بلڙي شاهه ڪريم واقعي بابت موقف ڏيندي ٻڌايو ته اطلاع ملندي ئي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي حادثي جا تفصيل معلوم ڪيا آهن. جڏهن ته روڊ تي پيل موٽرسائيڪلون ڪٽي ٿاڻي تي پهچايون ويون آهن، هن چيو ته شروعاتي طور واقعو تيز رفتاري سبب پيش اچڻ جو معلوم ٿيو آهي، جڏهن ته واقعي بابت وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي، پوليس موجب، حادثي جي اصل سببن بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي...

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

صالح پٽ: مٺو مهر روڊ تي ست هٿيار بندن جي مبينا ڦرُ رٽائرڊ فوجي سميت ٻن ڄڻن کان ٻه 125 موٽرسائيڪلون ۽ 3 لک 30 هزار رپيا ڦر

واقعي ڪانپوءِ متاثرن ۽ مهر برادري پاران ڳڻتي جو اظهار ڪندي لاڳاپيل اختيارين کان جوابدارن خلاف ڪارروائي ۽ انصاف جي فراهمي جو مطالبو

شبير مهر کي روڪي هٿيارن جي زور تي ٻنهي ڄڻن کان ٻه سي ڊي 125 موٽرسائيڪلون ۽ مجموعي طور 3 لک 30 هزار رپيا روڪ رقم ڦري ورتي

واقعي واري هنڌ تان فرار ٿي ويا. واقعي ڪانپوءِ متاثرن ۽ مهر برادري جي ماڻهن پنهنجي مدد پاڻ تحت مبينا جوابدارن جو پيڇو پڻ ڪيو

صالح پٽ (رپورٽ: غلام نبي ميرجت) صالح پٽ ويجهو مٺو مهر روڊ تي گذريل رات دير سان هٿيار بندن جي مبينا ڦر واري واقعي ۾ رٽائرڊ فوجي سميت ٻن ڄڻن کان ٻه موٽرسائيڪلون ۽ 3 لک 30 هزار رپيا روڪ رقم ڦرڻ جو اطلاع مليو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

ڳوٺ علي محمد سمون ۾ منشيات فروشي جي الزام هيٺ گهربل پرويز سمون کي گرفتار ڪرڻ لاءِ جنگشاهي پوليس پاران ناڪابندي

جنگشاهي (رپورٽر) جنگشاهي لڳ هاليجي ڊنڊ پرسان ڳوٺ علي محمد سمون ۾ منشيات فروشي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

چيئرمين لالا عقيل خان پاران عمري جي سعادت حاصل ڪرڻ جي خوشيءَ ۾ پرتڪلف آچيائي جو اهتمام

روهڙي (رپورٽ : جمال ڪٽپر) آل تاجر اتحاد برادرز روهڙي پاران سنڌ جي صوبائي وزير بلديا/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

22 سال پراڻي قتل ڪيس جو فيصلو، جوابدار عاشق عرف حاقي ڪوسو آزاد

ٺٽي جي ون سيڪنڊ ايڊيشنل سيشن جج غلام مصطفيٰ جت جي عدالت ۾ 22 سال پراڻي ڪيس جي ٻڌڻي ٿي

جتي جوابدار عاشق عرف حاقي ڪوسو جي وڪيل فرزانہ تڪ جا مضبوط دليل ٻڌڻ بعد عدالت جوابدار کي قتل جو الزام ثابت نہ ٿيڻ تي بري ڪري ڇڏيو

ٻيو ڪيس پڻ ختم ڪري ڇڏيو. عدالتي ڪارروائي دوران جوابدار جي وڪيل فرزانہ تڪ پاران دليل پيش ڪيا ويا

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) 22 سال پراڻي قتل ڪيس جو فيصلو، جوابدار عاشق عرف حاقي ڪوسو آزاد ٺٽي جي ون سيڪنڊ ايڊيشنل سيشن جج غلام مصطفيٰ جت جي عدالت ۾ 22 سال پراڻي ڪيس جي ٻڌڻي ٿي، جتي جوابدار عاشق عرف /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

عمرڪوٽ پوليس ڀرتي ڪيس، لاڳاپيل آفيسر 5 نومبر تي هاءِ ڪورٽ طلب

ميرپورخاص جي قانوندان ايڊووڪيٽ محبوب ڪپري معرفت پٽيشن داخل ڪئي وئي هئي

لکت واري امتحان ۽ انٽرويو ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي ۽ ميرٽ لسٽ ۾ پڻ سندن نالا شامل هئا

ميرپورخاص (بيورو رپورٽ) عمرڪوٽ ضلعي ۾ آر آر ايف ۽ سي ايم يو پوليس ڪاتي ۾ ڀرتين دوران مبينا ناانصافي خلاف متاثر اميدوارن هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بينچ ميرپورخاص سان رابطو ڪري ورتو متاثر اميدوارن اعجاز ڪپري، ايوب چاوڙي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

ڪمشنر ۽ سيڪريٽري صحت جو ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ميرپورخاص جو دورو، بنيادي ڍانچي جا مسئلا حل ڪرڻ تي زور

ميڊيڪل وارڊ ۽ سرجيڪل وارڊ سميت اسپتال جي مختلف شعبن جو معائنو ڪيو ۽ علاج هيٺ مريضن سان ملاقات

ملاقات ڪري کين فراهم ٿيندڙ سهولتن بابت معلومات حاصل ڪئي. هنن اسپتال ۾ صفائي سترائي جي صورتحال تي ڳڻتي جو اظهار

صفائي جي معاملي ۾ ڪنهن بہ قسم جو عذر قبول نہ ڪيو ويندو ۽ سمورن لاڳاپيل ادارن کي گڏجي پنهنجون ذميواريون ادا ڪرڻيون پونديون

ميرپورخاص (بيوروچيف سومار سميجو) ڪمشنر ۽ سيڪريٽري صحت جو ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ميرپورخاص جو دورو، بنيادي ڍانچي جا مسئلا حل ڪرڻ تي زور ڪمشنر ميرپورخاص ڊويزن شهمير خان پٽو ۽ سيڪريٽري صحت سنڌ طاهر /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

مٽياري تعلقي جا ريلوي اسٽيشن ويران

پليجاڻي ريلوي اسٽيشن، وهاب شاهه ريلوي اسٽيشن، اوڏيرولال ريلوي اسٽيشن، انگريزن جي دور حڪومت ۾ قائم ٿيا

انهن ريلوي اسٽيشن تي ڪنهن زماني ۾ مختلف ريل گاڏين جا اسٽاف هئا پر هاڻ هڪ بہ ريل گاڏي اسٽاف نٿي ڪري

هي ريلوي اسٽيشنون ملڪ جي مين لائين تي قائم آهن ريلوي اسٽيشن جيڪا انگريزن جي دور حڪومت جي دوران وجود ۾ آهيا

مٽياري (غلام نبي چٽو تعلقہ رپورٽر) مٽياري تعلقي جا ريلوي اسٽيشن ويران. پليجاڻي ريلوي اسٽيشن، وهاب شاهه ريلوي اسٽيشن، اوڏيرولال ريلوي اسٽيشن، انگريزن جي دور حڪومت ۾ قائم ٿيا انهن ريلوي اسٽيشن تي ڪنهن زماني ۾ م/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

صوفي روحل فقير سان لاڳاپيل فقير امير بخش زنگيجو 51 ورهين جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري ويو

روهڙي (رپورٽر) روهڙي ويجهو درگاهه حضرت صوفي روحل فقير سان لاڳاپيل فقير امير بخش زنگيجو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

دادو: پ ٽ الف سنڌ جي سڏ تي استادن جي بک هڙتال، چارٽر آف ڊمانڊ تي عملدرآمد جو مطالبو

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنہ) پ ٽ الف سنڌ جي سڏ تي دادو ۾ بہ ٽائون صدر عمران علي سومرو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

مٽياري تعلقي جا ريلوي اسٽيشن ويران

ڪنڊو اسٽاپ قاضي آباد ڪالونيءَ ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف احتجاج

مسئلا حل نہ ٿيڻ جي صورت ۾ پوليو مهم جي بائيڪاٽ جو اعلان

شوڪت علي قريشيءَ ان جي پٽ قاضي ارسلان ۽ سندن مينيجر حسين بخش لاکو وارن ڪنڊو اسٽاپ تي قاضي آباد ٽائون جي نالي سان پلاٽنگ ڪئي

جنهن بعد پلاٽ خريد ڪندڙ ماڻهن گهر جو مال سون کپائي قرض کڻي پلاٽ خريد ڪيا

مٽياري (تعلقہ رپورٽر غلام نبي چٽو) ڪنڊو اسٽاپ قاضي آباد ڪالونيءَ ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف احتجاج، مسئلا حل نہ ٿيڻ جي صورت ۾ پوليو مهم جي بائيڪاٽ جو اعلان تفصيل موجب مٽياري ضلعي جي موسٽ سينئ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

سنڌ انٽيگريٽيڊ ايمرجنسي اينڊ هيلٿ سروسز (SIEHS 1122) ٺٽو اسٽيشن تي اڄ هڪ پروقار تقريب منعقد

تقريب جو مقصد سينيئر اسٽيشن ڪوآرڊينيٽر جناب اسد علي ميمڻ کي ترقي ماڻي ڊسٽرڪٽ مئنيجر (DM) جي عهدي تي فائز ٿيڻ جي خوشي ۾ منعقد ڪئي وئي هئي

هن شاندار تقريب جو اهتمام اسٽيشن ڪوآرڊينيٽر جناب محمد علي مرجت ۽ اي ايم ٽي اسد علي چنا ڪيو هو

اي وي او امام بخش بلوچ، اي وي او مقصود جوکيو ۽ ٻين عملي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) سنڌ انٽيگريٽيڊ ايمرجنسي اينڊ هيلٿ سروسز (SIEHS 1122) ٺٽو اسٽيشن تي اڄ هڪ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب جو مقصد سينيئر اسٽيشن ڪوآرڊينيٽر جناب اسد علي ميمڻ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

پ ٽ الف پاران پنهنجن جائز مطالبن جي مڃتا ۽ مسئلن جي حل لاءِ روهڙي پريس ڪلب آڏو احتجاج

روهڙي (رپورٽ : جمال ڪٽپر) پ ٽ الف پاران پنهنجن جائز مطالبن جي مڃتا ۽ مسئلن جي حل /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

بيبي ياسمين شاهه صاحبہ جي سيڪريٽري اسپورٽس منور مهيسر سان ملاقات ٿي

بدين (رجب راهمون) ايم پي اي محترمہ بيبي ياسمين شاهه صاحبہ جي سيڪريٽري اسپورٽس منور م/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

ور شهر ۾ زمين ۽ پلاٽ جي تڪرار تان عورت تي تشدد اسپتال ۽ پوليس چوڪي تي بہ حملو انصاف جي گهر

ور شهر ۾ زمين ۽ پلاٽ جي پراڻي تڪرار تان مائي مريم ملاح تي گهر اندر مردن ۽ عورتن پاران قاتلاڻو حملو ڪيو ويو

جنهن جي نتيجي ۾ هوءَ زخمي ٿي پئي زخمي عورت کي علاج لاءِ رورل هيلٿ سينٽر ور منتقل ڪيو ويو جتي علاج دوران مبينا طور ٻيهر مٿس حملو ڪيو ويو

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ور شهر ۾ زمين ۽ پلاٽ جي تڪرار تان عورت تي تشدد اسپتال ۽ پوليس چوڪي تي بہ حملو انصاف جي گهر. ور شهر ۾ زمين ۽ پلاٽ جي پراڻي تڪرار تان مائي مريم ملاح تي گهر اندر مردن ۽ عورتن پاران قاتلاڻو حملو ڪيو ويو، جنهن جي نتيجي ۾ هوءَ زخمي ٿي پئي زخمي عورت کي علاج لاءِ رورل هيلٿ سينٽر ور منتقل ڪيو ويو جتي علاج دوران مبينا طور ٻ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

سجاول ۾ منشيات خلاف جهاد، نوجوانن کي راندين جي سرگرمين ڏانهن راغب ڪرڻ لاءِ سيد بچل شاهه ميدان ۾ اڃي ويو

راندين جي فروغ ذريعي نوجوان نسل کي منشيات جي لعنت کان بچائڻ جي ڪوشش

ڪرڪيٽ، فٽبال، ڪبڊي ۽ ملاڪڙي جي مقابلن ۾ نوجوانن جي وڌندڙ دلچسپي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ٺٽي ۽ سجاول ۾ منشيات خلاف جهاد، نوجوانن کي راندين جي سرگرمين ڏانهن راغب ڪرڻ لاءِ سيد بچل شاهه ميدان ۾ اڃي ويو راندين جي فروغ ذريعي نوجوان نسل کي منشيات جي لعنت کان بچائڻ جي ڪوشش، ڪر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

عالمي ٽراما ڊي جي حوالي سان آرٽس ڪائونسل سکر ۾ آگاهي سيمينار

حادثن کان بچاءَ، فوري طبي امداد ۽ انساني جانيون بچائڻ لاءِ گڏيل ڪوششن تي زور

ڊسٽرڪٽ ڪائونسل سکر جي اهتمام هيٺ آرٽس ڪائونسل ۾ تقريب منعقد

سکر(بيورو چيف محمد قاسم ملڪ)عالمي ٽراما ڊي جي حوالي سان آرٽس ڪائونسل سکر ۾ آگاهي سيمينار حادثن کان بچاءَ، فوري طبي امداد ۽/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

سکر پوليس جي بروقت ڪارروائي، ٻہ گم ٿيل ٻار باحفاظت هٿ، ڏاڏي حوالي

ٻارن جي باحفاظت واپسي تي وارثن پوليس جا ٿورا مڃيا

5 سالن جي عتيق ابڙو ۽ 4 سالن جي دانيال ابڙو جي گم ٿيڻ جي رپورٽ داخل ڪرائي هئي

سکر (بيورو چيف محمد قاسم ملڪ) سکر پوليس بروقت ڪارروائي ڪندي نيو پنڊ ٿاڻي جي حد مائڪرو ڪالوني مان گم ٿيل ٻن معصو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

ڊاڪٽر نسيم الغني سهتو گورنمينٽ پوليٽيڪنڪ انسٽيٽيوٽ بدين جي شاگردن جي شڪايتن جو نوٽيس

جتي هن شاگردن ۾ رڪيل مارڪ شيٽون ورهايون ۽ ٽيڪنيڪل تعليم سان گڏ عملي مهارتون سکڻ جي اهميت تي زور ڏنو

ٽيڪنيڪل ڪاليج مان ڊگري حاصل ڪرڻ کان پوءِ بہ لاڳاپيل فني ڪم ۽ عملي مهارتون سکڻ جو سلسلو جاري رکن

بدين (رپورٽ رجب راهمون) صوبائي محتسب اعليٰ جي ريجنل ڊائريڪٽر بدين ڊاڪٽر نسيم الغني سهتو گورنمينٽ پوليٽيڪنڪ انسٽيٽيو/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

بدين ۾ پاڻي جي منصفاڻي ورڇ ۽ واهن جي لائننگ جو ڪم جلد مڪمل ڪرڻ جي هدايت

ڊپٽي ڪمشنر جي صدارت هيٺ آبپاشي ۽ ڊرينيج آفيسرن سان گڏجاڻي

بدين (رپورٽ رجب راهمون) ڊپٽي ڪمشنر بدين زارا زاهد جي صدارت هيٺ ڪميٽي روم ۾ ضلعي جي سمورن آبپاشي ۽ ڊرينيج آفيسرن جي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

جوهي پرائمري استادن جو جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ علامتي بک هڙتال

استادن جا جائز مطالبا تسليم ڪري ساڻن انصاف ڪيو وڃي

پرائمري اسڪولن جي استادن لاءِ باقاعده سروس اسٽرڪچر ڏنو وڃي

جوهي(رپورٽ رحيم بخش ميمڻ) پرائمري استادن جو جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ علامتي بک هڙتال جوهي: پ ٽ الف مرڪزي جي سڏ تي است/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي ڀاڳت جي صدارت هيٺ اهم اجلاس

عطائي ڊاڪٽرن ۽ غيرقانوني ڪلينڪن خلاف ڀرپور ڪارروائي جو فيصلو، ضلعي ۾ آپريشن شروع ڪرڻ جو حڪم

شهرين کي محفوظ طبي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ گڏيل ڪوششون تيز ڪرڻ تي زور ڏنو ويو

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي ڀاڳت جي صدارت هيٺ اهم اجلاس. عطائي ڊاڪٽرن ۽ غيرقانوني ڪلينڪن خلاف ڀرپور/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

گهوڙاباري ور شهر ۾ عورت مٿان حملو زخمي حالت ۾ اسپتال آندو ويو

منهنجي مٿان منهنجي رشتيدارن منهنجي ڏيرجي ٻچ تي قاتلاڻو حملو ڪيو مائي مريم ملاح جو الزام

شفاف جاچ ڪرائي انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃو مائي مريم انساني حقن واري ادارن کان مدد جي گهر پڻ ڪئي آهي

گهوڙاباري (شاهه خالد ڏاتاري) منهنجي مٿان منهنجي رشتيدارن منهنجي ڏيرجي ٻچ تي قاتلاڻو حملو ڪيو مائي مريم ملاح جو الزام. مائي م /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

دادو ۾ پيارو اسٽيشن ۾ پلاٽ تي قبضي جي ڪوشش ۽ تشدد جون دانهون

امڙ، پٽ ۽ نهن تي تشدد، حمل ضايع ٿيڻ جو خدشو آهي

ڳوٺ جا بااثر لڏائڻ لاءِ ڌمڪيون ڏين ٿا: غلام مصطفيٰ پنهور ۽ سندس امڙ جون دانهون

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنہ) پيارو اسٽيشن جي رهواسي غلام مصطفيٰ پنهور پنهنجي امڙ وزيران پنهور ۽ ڀاءُ علي رضا پنهور سان گڏ دادو پريس /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

ور شهر ۾ مبينا طور نشي جي حالت ۾ گهر اندر گهڙي ڪهاڙين ۽ چاقن سان حملو

حملو ڪرڻ جي واقعي ۾ ٻاٻلي ولد نظرو ڪارائي ۽ سمينہ ولد شبير ڪارائي زخمي ٿي پيا

جن کي علاج لاءِ رورل هيلٿ سينٽر ور منتقل ڪيو ويو زخمين جي وارث مائي سڪينہ ڪارائي صحافين اڳيان احتجاج

گهوڙاباري (رپورٽ شا خالدڏاتاري) : ور شهر ۾ مبينا طور نشي جي حالت ۾ گهر اندر گهڙي ڪهاڙين ۽ چاقن سان حملو ڪرڻ جي واقعي ۾ ٻاٻلي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

زخمي محمد ايوب ٻبر حملي آور جوابدارن جي گرفتاري لاءِ جوهي اسپتال ۾ علاج دوران احتجاج

گذريل رات موٽر سائيڪل تي ڊرگ بالا کان ڳوٺ وڃي رهيو هئس

ڊرگ بالا موڙ وٽ ٻن موٽر سائيڪلن تي سوار ڇهن ڄڻن لٺين ۽ بيلٽ سان حملو ڪري زخمي ڪري فرار ٿي ويا

جوهي (رپورٽ رحيم بخش ميمڻ) ڪاڇي جي تاڻي ڊرگ بالا جي حد ڳوٺ ٻهاول ٻبر جي رهواسي زخمي محمد ايوب ٻبر حملي آور جوابدار/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار کهڙو سان پيپلز پارٽي ضلعي مٽياري جي اڳواڻن ڪراچي ۾ ملاقات

ملاقات ڪري ضلعي اندر پارٽي جي تنظيمي معاملن، تنظيم سازي جي اڳڀرائي ۽ جاري توڙي رهيل ترقياتي منصوبن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني

جنرل سيڪريٽري فضيل حبيب شاهه، سينيئر اڳواڻ سيد جاني شاهه حسيني ۽ نائب صدر سيد غلام مصطفيٰ شاهه شرڪت

پارٽي جي تنظيمي صورتحال، عوامي مسئلن ۽ ترقياتي ڪمن جي اڳڀرائي سميت مختلف اهم معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

مٽياري (رپورٽ محمد حنيف ميمڻ) پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار کهڙو سان پيپلز پارٽي ضلعي مٽياري جي اڳواڻن ڪراچي ۾ ملاقات ڪري ضلعي اندر پارٽي جي تنظيمي معاملن، تنظيم سازي جي اڳڀرائي ۽ جاري توڙي رهيل /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

پٽ شاهه جي رهواسي عورتن مسمات مومل ماڇي ۽ پري ماڇي سٽي پريس ڪلب مٽياري تي پهچي احتجاج

نظاماڻي برادري سان تعلق رکندڙ بااثر ماڻهن مان اسان جي زندگيءَ کي خطرو آهي

بااثر شخص ياسين نظاماڻي، شاهنواز نظاماڻي عليونواز، زاهد غلام نبي نظاماڻي وارن اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي

هنن اسان جي سيني مردن کي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي ڇڏيا آهن اسان شاهنواز نظاماڻي وارن کان پلاٽ ورتو هو

مٽياري (رپورٽ محمد حنيف ميمڻ) پٽ شاهه جي رهواسي عورتن مسمات مومل ماڇي ۽ پري ماڇي سٽي پريس ڪلب مٽياري تي پهچي داهيندي چيو آهي نظاماڻي برادري سان تعلق رکندڙ بااثر ماڻهن مان اسان جي زندگيءَ کي خطرو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

صالح پٽ: سنڌ بئنڪ جي ايجنٽ خلاف ڪارروائي جو مطالبو

جاٽايل معاملي بابت رابطو ڪرڻ تي ڊسٽرڪٽ رپورٽر غوث بخش مهر سان مبينا بدتميزي ڪرڻ جو واقعو پڻ پيش آيو

جاٽايل ايجنٽ مبينا طور پوليس بابت چوندو آهي تہ ”پوليس منهنجو ڇا بگاڙي سگهندي؟

صالح پٽ (رپورٽر: غلام نبي ميرجت) صالح پٽ ۾ سنڌ بئنڪ سان لاڳاپيل ايجنٽ سهيل پنجابي خلاف گهرن جي قسطن مان مبينا ڪٽوتيون /ڏسو صفحو 3 بقايا نمب28

عوامي خرچن ۾ شفافيت ۽ عوامي شراڪت لاءِ ڪميونٽي اڪائونٽيبلٽي فورم

جنهن ۾ سول سوسائٽي، مقامي نمائندن، شهرين ۽ ميڊيا جي نمائندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ڪميونٽي اڳواڻن ۽ ميڊيا کي سرڪاري فنڊن، ترقياتي بجيٽ ۽ عوامي خرچن جو جائزو وٺڻ سان گڏ پنهنجي راءِ ڏيڻ جو موقعو فراهم ڪيو وڃي ٿو

ترقياتي ترجيحن جي تعين ۾ عوام جي آواز کي شامل ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي

ميرپورخاص (بيوروچيف سومار سميجو) عوامي فنڊن جي استعمال ۾ شفافيت، سماج 2 آڊٽ ۽ ترقياتي منصوبن ۾ شهرين جي شموليت يقيني بڻائڻ تي زور ڏنو ويو آهي. سڪار ويلفيئر آرگنائيزيشن، سينٽر فار پيس اينڊ ڊولپمينٽ انيش/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

سيڪريٽري ڪاليجز سنڌ نديم رحمان ميمڻ جا مختلف ڪاليجن جا دورا

ميرپورخاص: سيڪريٽري ڪاليجز سنڌ جناب نديم رحمان ميمڻ ميرپورخاص جي مختلف ڪاليجن جا دورا ڪيا

جتي هن ڪلاسن ۾ جاري تدريسي عمل، صفائي سترائي، عملي جي حاضري ۽ ڪاليجن ۾ وائيٽ واش سميت ٻين انتظامي معاملن جو جائزو ورتو

دوري دوران ڪاليجن ۾ تعليمي سرگرمين، صفائي سترائي ۽ عملي جي حاضري بابت انتظامن تي خوشيءَ جو اظهار ڪيو ويو

ٽنڊو جان محمد ميرپورخاص(رپورٽر) سيڪريٽري ڪاليجز سنڌ نديم رحمان ميمڻ جا مختلف ڪاليجن جا دورا. تعليمي سرگرمين ۽ صفائي سترائي جي انتظامن جو جائزو، تفصيل موجب ميرپورخاص: سيڪريٽري ڪاليجز سنڌ جناب /ڏسو صفحو 3 بقايا نمب30

ميرپورخاص: سيڪريٽري ڪاليجز سنڌ نديم رحمان ميمڻ جا مختلف ڪاليجن جا دورا ڪندي

گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول غلام محمد جانوري ۾ اڄوڪي اسيمبلي دوران 117 شاگردن جي حاضري رڪارڊ ڪئي وئي

اسڪول ۾ اڪثر روزانو 100 کان وڌيڪ شاگرد حاضر ٿين ٿا، پر هڪ استاد لاءِ ايتري وڏي تعداد ۾ شاگردن کي بهتر نموني پڙهائڻ انتهائي ڏکيو آهي

اسڪول ۾ وڌيڪ استاد نہ هجڻ سبب ڪيترائي ٻار اڃا تائين داخلا وٺڻ کان محروم آهن

نياڻين جي تعليم کي بهتر بڻائڻ لاءِ بہ وڌيڪ استادن جي سخت ضرورت آهي

سينارجا(رپورٽر) گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول غلام محمد جانوري، تعلقو ٺري ميرواهہ. ضلعو خيرپور ۾ اڄوڪي اسيمبلي دوران 117 شاگردن جي حاضري رڪارڊ ڪئي وئي، جن ۾ 58 ڇوڪرا ۽ 59 ڇوڪريون شامل آهن. اسڪول ۾/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31

اڏيرولال: ڳوٺ غازي خان ساهووال جي پرائمري اسڪول جي بلڊنگ جو ڪم اڌ ۾ رهجي ويو، شاگردن ۽ شاگردياڻين جو سخت احتجاج

شاگردياڻين اسڪول جي بلڊنگ جو ڪم اڌ ۾ ڇڏڻ تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي لاڳاپيل اختيارين کان فوري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

سندن اسڪول جي بلڊنگ جو تعميراتي ڪم اڃا تائين مڪمل نہ ٿي سگهيو آهي، ٺيڪيدار عمارت جو ڪم اڌ ۾ ڇڏي هليو ويو آهي : شاگرد

اسڪول جي عمارت جو ڪم مڪمل نہ ٿيڻ سبب کين تعليم حاصل ڪرڻ دوران سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي

اڏيرولال (رپورٽ: ثاقب نور ساهووال) يوسي اسٽيشن اڏيرولال جي ڳوٺ غازي خان ساهووال ۾ گورنمينٽ پرائمري اسڪول جي عمارت جو ڪم اڌ ۾ رهجي وڃڻ خلاف اسڪول ۾ تعليم پرائيندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين پاران اسڪول اندر س/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر32

پنڪي ۽ ٻين جوابدارن جي پيش نہ ٿيڻ تي عدالت پاران ڪاوڙ جو اظهار

ڪراچي (رپورٽر) جڊيشل مجسٽريٽ ڏکڻ جي عدالت ۾ منشيات جي مبينا واپار ۽ هٿيار هٿ اچڻ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر33

مصطفيٰ عامر قتل ڪيس ۾ جوابدار پاران عدالتي نوٽيس وصول ڪرڻ کان انڪار

ڪراچي (رپورٽر) مصطفيٰ عامر قتل ڪيس ۾ جوابدار ارمغان ۽ شيراز پاران سنڌ هاءِ ڪورٽ جا عدالتي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر34

تعلقي اسلام ڪوٽ ۾ ڪيترائي اسڪول بند معصوم گلڙن جي تعليم تباه

اسلام ڪوٽ ۾ ايڪٽون ٿيڻ خلاف ڊي ايڪٽو اسڪول جدوجهد ڪميٽي پاران ٻهرين مرحلي ۾ بند پيل

اسڪول کي ڊي ايڪٽو ڄاڻائي استادن کي گذريل ايس ٽي آر ۾ بدلي ڪري ڏرجي معصوم ٻارن کي تعليم جي زيور کان محروم رکيو ويو آهي

اسلام ڪوٽ(رپورٽ امان الل هنگورجو) تعلقي اسلام ڪوٽ ۾ ڪيترائي اسڪول بند معصوم گلڙن جي تعليم تباهه اسلام ڪوٽ ۾ ايڪٽون ٿيڻ خلاف ڊي ايڪٽو اسڪول جدوجهد ڪميٽي پاران ٻهرين مرحلي ۾ بند پيل اسڪول کي ڪولڻ لاءِ بند پيل اسڪول اڳيان شاگردن ۽ ڳوٺاڻن پاران احتجاج اسلام ڪوٽ لڳ ڳوٺ متارو ساند ۾ يعقوب هنگورجا پاڙي جو اسڪول بند ڳوٺاڻن يعقوب /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر35

ٻن موٽرسائيڪلن ۾ آمهون سامهون خوفناڪ ٽڪر، رٽائرڊ پرائمري استاد فوت

ڳوٺ عالم خان مگسي وٽ ٻن موٽرسائيڪلن ۾ آمهون سامهون زوردار ٽڪر ٿي پيو

ڳوٺ جنهاڻ سومرو واسي محمد سليمان سومري جو فرزند نور محمد سومرو سخت زخمي ٿي پيو

بلڙي شاهه ڪريم(رپورٽ شهباز علي مگسي) بلڙي شاهه ڪريم پرسان ٻن موٽرسائيڪلن ۾ آمهون سامهون خوفناڪ ٽڪر، رٽائرڊ پرائمري استاد فوت، نوجوان سخت زخمي. تفصيل موجب بلڙي شاهه ڪريم پرسان جنهاڻ سومرو ـ ڏٺا واهہ روڊ ت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب36